# کلاچيءَ جي کُن
# کان ڪراچيءَ تائين

(ڪراچيءَ جي تاريخ)



ليکڪ: احسان حليم

سنڌيڪار:
پروفيسر زاهد علي مکسي

Sindhica
سنڌيڪا

# ڪلاچيءَ جي ڪُنَ
# کان ڪراچيءَ تائين

مائي ڪلاچيءَ جي بستيءَ کان وٺي مشرق جي راڻي بڻجڻ تائين
ڪراچيءَ ڇا ڏٺو؟ ڇا سَٺو؟ ۽ ڇا پسيو؟


ليکڪ
احسان حليم

سنڌيڪار
زاهد علي مگسي



Sindhica
سنڌيڪا

كتاب نمبر

126

ڇپائيندڙ جا سيني حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2002ع
ڪتاب جو نالو: ڪلاچيءَ جي ڪن کان ڪراچيءَ تائين
ليکڪ: احسان حليم
سنڌيڪار: پروفيسر زاهد علي مگسي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنڪي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملھ 80 پيا

"Kalaachee-a jay Kun-a Khan Karachi-a Taeen"
(History of Harachi)
By: Ihsan Haleem
Translated by: Prof. Zahid Ali Magsi
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Mariston Road,
Karachi-74400.
Email: sindhica-aca@yahoo.com
Phone: 7737290

**اسٽاڪسٽ**

ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي
رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو.
سنڌيڪا بوڪ شاپ 19 بلديہ پلازا گهنٽاگهر سکر.
جاويد بوڪ اسٽور شهدادڪوٽ. نيشنل بوڪ ڊپو خيرپور
عثمانيہ لائبريري. چنيهاڻي ڪنڊيارو - ادب ڪارنر نوابشاھ
هائوس آف ناولٽي ميرپور ماٿيلو

لکيل ھ ۽ وي پي ۽ ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ ڪراچي 74400

# فهرست


| | |
|---|---|
| شهر جو جنم | 7 |
| حقيقت يا افسانو | 14 |
| آخر 'ڪراچي' نالو آيو ڪٿان؟ | 23 |
| سنڌ ڏانهن واپسي | 35 |
| اميد جي واٽ | 46 |
| نئين سج جو اڀرڻ | 52 |
| ڪراچي- سنڌ جو مستقر | 60 |
| ڪراچيءَ متعلق حوالا | 69 |
| سنڌ جي آزاديءَ جو خاتمو | 75 |
| تاريڪ/ نئين دور جو آغاز | 85 |
| فتح/ شڪست کان پوءِ جا نتيجا | 94 |
| ڪراچيءَ جو اسرڻ | 105 |

# پبلشر نوٽ

ڪراچي سنڌ جي سياسي تمدني ۽ معاشي وحدت جو روح آهي. ڪراچيءَ سان سنڌين جي روح جو پاتال جي حد تائين سٻنڌ آهي. سنڌ جا ماڻهو جيئن ڪراچيءَ جي حال ۽ مستقبل بابت انديشن ۽ فڪرمنديءَ جو شڪار آهن، تيئن هو ڪراچيءَ جي ماضيءَ بابت ڄاڻڻ جو فڪر بہ رکن ٿا.

هي ڪتاب ڪراچيءَ جي مائي ڪلاچي واري ڪُن کان وٺي ڪراچيءَ جي مشرق جي راڻي بنجڻ تائين ڇا ڏٺو، ڇا سَٺو ۽ ڇا پسيو جو احوال آهي. محترم زاهد علي مگسي پنهنجي حياتيءَ ۾ وڏي پيار ۽ محبت سان ان ڪتاب جو ڊان ۾ ڇپيل انگريزي مضمونن مان ترجمو ڪيو هو. سندس تعلق دادوءَ جي هڪ وڏي علمي گهراڻي سان هو. ان خاندان جو ناليوارو عالم ۽ پروفيسر زاهد علي مگسيءَ جو والد مولانا عبدالرحيم مگسي سنڌ مدرسي ۾ فقه جو استاد ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف هو. پاڻ قرآن شريف ۽ تفسير موضح القرآن جو سنڌي ترجمو پڻ ڪيو هئائين جيڪو سنڌيڪا پاران ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهي. پروفيسر مگسيءَ جو وڏو ڀاءُ محترم ابوبڪر مگسي پڻ سنڌ جو هڪ وڏو ڏاهو عالم ۽ اديب هو جنهن پڻ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا. اسان سنڌيڪا جي پاران زاهد علي مگسي صاحب جو هڪ ٻيو ڪتاب "پڙهائي ڪيئن ڪجي؟" پڻ شايع ڪري رهيا آهيون. اميد آهي تہ هي ٻئي ڪتاب پڙهندڙن وٽ بيحد مقبوليت ماڻيندا.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

# شهر جو جنم

ڪراچي عجيب شهر آهي- عجيب، حيرت ۾ وجهندڙ ۽ ساڳي وقت غيرحقيقي پڻ- هڪ نظر وجهڻ سان هر شخص محسوس ڪري سگهندو ته هي شهر ٻين شهرن وانگر فطري طرح نه ٿيو آهي، جيئن عام طرح هوندو آهي- حقيقت ۾ هي شهر حادثي جي پيداوار آهي ۽ ان جي ڪنهن ضرورت جو نتيجو، ڇاڪاڻ ته 180 ۽ 190 سالن ۾ جنهن غيرفطري طريقي سان هن شهر جيتري ترقي ڪئي آهي سا فطري طرح هڪ هزار سالن ۾ مس ڪري سگهي ها.

ايئن ٿو محسوس ٿئي ته ڪنهن جادوگر پنهنجي جادوءَ جي لٺ سان هن شهر کي وجود ڏنو آهي. ان جادوگر جي ڇڙي غيرآباد ۽ ويران علائقي کي ڏسندي ڏسندي هڪ عاليشان شهر ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. توهان شايد سوچيندا هجو ته اها ساڳي ڇڙي جيڪڏهن ابتو عمل ڪري ڏيکاري ته ڪراچي هڪ دفعو وري جهوپڙين ۽ مٽي جي گهرن جو هڪ ننڍو ڳوٺ ٿي سگهي ٿي جيڪو ڪجهه وقت اڳ هڪ تباه حال قلعي ۾ هوندو هو ۽ جتان ئي هي شهر اڀريو آهي ۽ ترقي جون منزلون تيزي سان طئي ڪندو، هاڻي هتي پهتو آهي.

اهڙي دُعا نه ڪريو. خدا پيو پناه ڏيئي، اهي خوفائتا خيال آهن، جيڪي پؤ جؤ نتيجو آهن، ليڪن اهڙن خوابن ڏسڻ تي توهان کي ڪير به الزام نه ڏيندو، توهان کي ڪير به ٽوڪيندو نه!

هن شهر هميشه ماڻهن کي سندس باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه چوڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ پنهنجي مختصر زندگي ۾ ڇا ڪجهه نه ڏنو ۽ ڀڏو آهي- اِهو به وقت هو جڏهن هن کي مشرق جو صاف ترين

شهر سڏيو ويندو هو. ليڪن هاءِ توري قسمت! ڪجهه عرصو اڳ ڪنهن خدا جي بندي ان کي دنيا جو گندو بلڪ غليظ ترين شهر جو خطاب ڏنو هو، ڇا توهان شهر جي گهٽين ۽ رستن تي گند جا ڍير نٿا ڏسي سگهو؟ يا رڳو تنقيدنگار جي گندي ذهن جي پيداوار آهي؟

ڪراچي اصل ۾ مختلف تهذيبن جي آماجگاهه آهي. انهن مختلف تهذيبن هتي جي دونهاتيل ماحول کي جنم ڏنو آهي ۽ هاڻي ته اهو دونهون ۽ شهر هڪ ٻئي ويا آهن. توهان کي فرق ڪرڻ ۾ ڪافي مشڪلات پيش اينديون. هي شهر جن عنصرن جي پيداوار آهي، سي اڃان تائين پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي نه سگهيا آهن. ٿي به ڪيئن ٿا سگهن؟ اصل ۾ گذريل ٻن صدين جي سماجي حالتن کي ڪٺي هڪ وڏي ديڳ ۾ اڇلايو ويو آهي ۽ هاڻي ان کي لوڏي لوڏي پاڻ ۾ ملائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

اِهو ئي سبب آهي ته هن شهر جي شناخت ڪرڻ مشڪل آهي. هن شهر جي درجابندي ڪرڻ هڪ نهايت مشڪل ڪم آهي. آخر ڪراچي ڇا آهي؟ ڇا هي هڪ جديد ۽ نئون شهر آهي؟ شايد توهان هاڪار ۾ جواب ڏيو ته برابر هي هڪ جديد شهر آهي. ليڪن ڇا واقعي ايئن آهي؟

توهان شهر جي ڪهڙي به حصي / علائقي ۾ هليا وڃو ته توهان کي سواءِ هڪ اڌ جي هرهنڌ وڏا وڏا محل نظر ايندا ۽ انهن جي چوڌاري وري ڪچيون جهوپڙيون به توهان جي نظرن کي ڏنگينديون. جديد ۽ خوبصورت عمارتن سان گڏو گڏ اهڙا گهر به ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي تڪليف کان پوءِ ٺاهيا ويا آهن ۽ جڻ انهن جي خسته حال ڪوٺين/ ڪمرن کي زوري گڏ بيهاريو ويو هجي ۽ عمارت سازي جي هر اصول کي نظرانداز ڪرڻ بعد ئي اهڙا گهر تيار ڪيا ويندا آهن.

جنهن محل نما گهرن ۾ توهان کي مرسڊيز ڪار (Mercidis Car) بيٺل نظر ايندي ته ان جي بلڪل ئي پر پاسي ۾ مشڪل سان 500 چورس فوٽن تي مشتمل ننڍو فليٽ پڻ ڏسڻ ۾ ايندو. ان فليٽ جي مالڪ جي حيثيت ايتري هوندي جيتري سامهون رهندڙ محل نما گهر

جي بورچي/ خان سامہ جي هوندي آهي. هڪ پاسي تہ ايڪويهين (21) صدي جو هڪ ولائتي بنگلو هر سهوليت سان آراستہ وپيراستہ نظر ايندو تہ ٻئي طرف 19 صدي ۾ تهيل مقامي طرز جو گهر هوندو.

هڪ وقت ۾ ساڙي پاتل گڏيور هڪ پاسي گهمنديون نظر اينديون تہ ٻئي طرف اڇي ٽوپي واري برقعي ۾ شٽل ڪاڪ وانگر برقعو پڻ موجود هوندو آهي.

اڇو تہ اسان شهر جي هڪ نهايت ئي فيشن واري علائقي ۾ هلون. ان جي هڪ پاسي ايلفي تہ ٻئي طرف زيب آهن. هن مرڪز کي ٿورو وقت اڳ ڪراچي جي هڪ نهايت ئي محترم شخصيت جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.

هن علائقي ۾ اهڙا دوڪان آهن جيڪي توهان کي ست سمنڊ پار وٺي ويندا ۽ توهان کي هڪ نئين دنيا کان آگاه ڪندا. هتي صاف سٿرا نوڪر دوڪانن تي شيون وڪڻندي ۽ گراهڪن کي راضي ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن جو شان ئي نرالو آهي. ليڪن جيڪڏهن توهان ڪنهن بہ شيءِ جي قيمت معلوم ڪئي تہ هو توهان کي نهايت ئي عجيب نظرن سان ڏسندا ۽ حيران ٿيندا. انهن دوڪانن تي شين جي قيمت پڇڻ ۽ ٻڌائڻ معيوب سمجهو ويندو آهي ۽ خراب تصور ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن توهان کي ڪا شيءِ پسند آهي تہ قيمت ڏيو ۽ خريد ڪيو. بس! وڌيڪ تڪليف ڇا جي؟

اهڙن دوڪانن سان گڏو گڏ توهان کي ڪاٺ جو Cabin يا ڪيبن پڻ ڏسڻ ۾ ايندا جن تي ٿڪل ۽ ڪمزور عورتون ڦٽي يا پنهنجي ڌيءُ لاءِ گذريل سال جي فيشن واري چولي/ فراڪ جي خريد ڪرڻ لاءِ دوڪاندار سان هڪ ڊگهو ۽ ٿڪائيندڙ بحث ڪندي نظر اينديون آهن.

ڪا بہ ڪنڊ وٺي بيهي رهو ۽ ايندڙ ويندڙ کي ڏسندا رهو. هڪ پاسي وڏي پٽڪي ۽ سلوار قميص سان شخص ٻيراگهون پريندوءِ مڇن کي وٽ ڏيندوءِ وڏي فخر ۽ اعتماد سان ڪنهن عورت کي ساڻ ڪيو ڪنهن هوٽل يا دوڪان طرف ويندو نظر ايندو. ان دوڪان جي

خوبصورتي ان عورت کي موهي وڌو هو. انسان هجڻ جي ناتي توهان انهن سينٽي ڳالهين کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو. اِهو ڏسڻ لاءِ ته ڪاشي/ ڳالهه ڇا آهي ڪٿي آهي، توهان کي ڪنهن خاص ڪوشش يا آلي/ اوزار جي ضرورت نه پوندي.

مردن جي پٺيان ايندڙ عورتون نظر ايندي يون جن جي اکين مان ٿڪ، پريشاني پيون ليا پائيندي يون آهن. انهن عورتن کي ڪٽنبي رٿابندي (Family planning) جي ڪا خبر نه هوندي آهي. ليڪن سندن اکيون هن جي پريشاني جي چغلي کائيندي نظر ايندي يون ۽ ڏسندڙ محسوس ڪري سگهندو ته ڪٽنب يا گهر سنڀالڻ ڪو سولو معاملو نه آهي.

اسان جو مقصد اِهو نه آهي ته ڪو ويهي ماڻهن جي مالي حيثيت جو فرق واضح ڪيون، اميرن ۽ غريبن جي فرق تي تحقيق ڪريون. توهان کي ماڻهن جي مالي حيثيت ۾ فرق کان علاوه جيڪا خاص ۽ دلچسپ ڳالهه نظر ايندي سو آهي سندن تاريخي ۽ تهذيبي فرق. اِهو تاريخي پسمنظر جنهن ۾ هو پلجي وڏا ٿيا آهن. اِهو جديد ۽ قديم جو سنگم/ ميلاپ ئي آهي جيڪو هر شخص کي تعجب ڪرڻ تي آماده ڪري ٿو. اهڙو ميلاپ شايد توهان کي دنيا ۾ ڪٿي به نظر نه اچي.

هڪ پاسي ته توهان کي گڏهه گاڏا ته ٻئي طرف نئين نڪوري ٽويوٽا ڪار هلندي نظر ايندا. ساربان پنهنجي اٺ گاڏي هلائيندي عجيب ٻول ٻوليندي ڏسڻ ۾ ايندا. هڪ طرف 120 ميل في ڪلاڪ جي حساب سان رڙهندڙ بلڪ چرندڙ گاڏيون هڪ ئي وقت نظر ايندي يون. توهان اهڙو نظارو ٻئي هنڌ ڏٺو آهي؟ ماضي ۽ حال کي هڪ هنڌ ۽ اهڙي طرح ڏٺو آهي؟- جيڪڏهن ناممڪن نه ته به مشڪل سان توهان ان کان اڳ ۾ اهڙو نظارو ڪيو هجي.

ها، ڪراچي جديد شهر نه آهي؟ جديد شهر جون ڪهڙيون نشانيون هونديون آهن؟ رستا، روڊ؟ عمر خيام جنهن وقت هيٺين رباعي لکي رهيو هو ته شايد سندس ذهن ۾ ڪراچي جو خيال هو.

oh, Thou, who didst with

pitfall and with gim
beset the road I was to
wonder in ........

ها، ڪراچي جديد شهر نہ آهي. ليڪن اِهو بہ سچ آهي تہ ڪراچي قديم شهر بہ نہ آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو غير روائتي شهر آهي تہ اِهو يقينا ڪراچي جو شهر ئي آهي.

ليڪن ايئن ڇو آهي؟ آخر ڇاڪاڻ؟ سبب ڳولڻ ڪو مشڪل نہ آهي. توهان هن شهر کي هاڻي جيئن ڏسوٿا سو گذريل 180 سالن جي پيداوار آهي، 1795 کان وٺي اڄ ڏينهن تائين.

ان سال (1795) ۾ مير فتح علي خان ٽالپر خان قلات کان هي شهر واپس ورتو هو. اهو واقعو هن شهر جي ابتدا هو، جنهن تي اڳتي هلي اسان ٿوري تفصيل سان روشني وجهنداسين. هن شهر جي تاريخ ۾ سال 1795 نهايت اهم سال آهي.

ان سال جي اٽڪل اڌ صدي بعد 1843 ۾ سر جنرل چارلس نيپيئر جي هٿان سنڌ جي فتح جو ڳهاءُ (Sim) ٿيو هو ۽ تمام جلد جنرل صاحب حڪومت جو هنڌ حيدرآباد مان ڦيرائي ڪراچي ڪيو هو. اهڙي طرح 1844 جو سال هن شهر ۾ هڪ ٻي اهم تاريخ آهي.

ليڪن ڪراچي تي انگريزن ڇهہ سال اڳ ۾ يعني 1839ع ۾ قبضو ڪيو هو. ان واقعي جي صحيح تاريخ آهي 7 فيبروري 1839ع. ان تاريخ تي (ڪيترن جو چوڻ آهي تہ اِهو سال 1834 هو) انگريزن جو جهاز ويلسيلي (welesley) منهوڙي وٽ اچي لنگر انداز ٿيو هو ۽ اُتان ئي شهر مٿان ڀڙيون گولو اڇلايو ويو هو. ويلسيلي جي ان گولي تمام جلد مقامي توبن کي خاموش ڪري ڇڏيو هو. برطانيہ جي ريئر ايڊميرل ميٽلنڊ (Rear Admiral Maitland) ۽ برگيڊيئر ويلينٽ (Brig. valient) ڪراچي تي قبضو ڪيو هو ۽ جلد پوءِ هتي هڪ فوجي ڇانوڻي ٺاهي وئي هئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ منهوڙي تان جيڪو فائر ڪيو ويو هو سو سلامي پيش ڪرڻ لاءِ هو ۽ نہ ئي ڪنهن دشمني يا بچاءُ ۾. اسان جو خيال آهي تہ هاڻي توهان اسان جي ان ڳالهہ سان اتفاق ڪندؤ تہ هي

شهر حادثي جي پيداوار آهي- ڳالھ ڪجھ ڪجھ سمجھ ۾ اچي ٿي.

شهر جو نئون نقشو اڀرڻ شروع ٿئي ٿو- شهر هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين وڌڻ لڳي ٿو. 1841 ۾ اينڊرڙ هڪ مسافر اسان ڪي شهر بابت ٻڌائي ٿو تہ:

"ڪراچي ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي عورتون رهائش پذير هيون جن جا مڙس اڪثر طرح ملڪ جي اندروني علائقن ۾ ڪمي ڪارين ايندا ويندا رهندا هئا- اهو ئي سبب هو تہ هتي جو معاشرو ڪليل معاشرو هوندو هو- سومر ۽ جمع جون شامون، خوشي جون گهڙيون هونديون هيون- فوجي بينڊ دل لبائيندڙ ڌنون وڄائيندي هئي ۽ ان ڪي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ شهر جا فيشن ابل ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا.

ٽن سالن بعد سال 1844 ۾ ڪراچي ملڪ جي گادي جو شهر مقرر ڪيو ويو هو- سنڌ جو فاتح سر چارلس نيپيئر جنهن وقت هتان وڃي رهيو هو تہ ڪراچي تي آخري نظر وجهندي هيٺيان تاريخي لفظ اچاريا هئا.

{You will be to glory of the East, would that I could come again to see you, kurrachee in your grandear}

"ڪراچي تون هڪ ڏينهن مشرق جي راڻي هوندينءَ! ڪاش ايئن ٿئي تہ آءُ هڪ دفعو موٽي اچان ۽ تنهنجو جوڀن پسان".

ليڪن جنرل صاحب 29 آگسٽ 1853 تي فوت ٿي ويو ۽ اهڙي طرح سندس حسرت پوري ٿي نہ سگهي.

جيڪڏهن قسمت سرچارلس نيپيئر ڪي موقعو ڏي ها ۽ هو ڪراچي اچي ها تہ سندس جذبات يقين گڏيل تاثر ڏين ها- ليڪن اسان ڪي تمام تيزيءَ سان پنهنجو سفر جاري رکڻو آهي. اسان ڪي تڪڙيون وڪون بلڪ ٻرانگهون ڀري ڏهن سالن جو سفر طئي ڪري 1851 ۾ پهچڻ گهرجي.

برٽن (1851) لکي ٿو تہ:

”اتر ۽ اولهہ جي پاسي جتي منو پاٽي دستياب آهي اُتي ميوي ۽ ڀاڄين جا باغ تمام خوبصورتيءَ سان قائم ڪيا ويا آهن. ليڪن باقي علائقو جابلو هجڻ ڪري ويران پيو آهي. ڪراچي تمام جلد ترقي ڪري رهيو آهي. هن شهر جي آدم شماري 24000 ماڻهن تي مشتمل آهي. ليڪن فوجي ڇانوڻي ۽ ماڻهن جي خوشحالي جي پيش نظر ان جي اهميت ۽ نيڪ ناميءَ ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي“.

ڪراچي يقينا وڏي ويجهي رهي هئي، ان جي خوشحاليءَ ۾ پڻ اضافو ٿي رهيو هو. 1843 ۾ ان جي آدمشماري 10000 هئي جيڪا ڏهہ سال پوءِ 1851 ۾ 24000 تائين پهتي هئي. 1901ع ۾ 1.16000، 1921ع ۾ 200.000 کان ٿورو وڌيڪ ۽ 1945 ۾ 5,50000 ماڻهن تي مشتمل هئي.

اها حقيقت پڻ ٻڌائڻ دلچسپي کان خالي نہ آهي تہ 1940 ۾ ماهرن اندازو ڪيو هو تہ هن شهر جي آدم شماري ۾ لڳاتار واڌ ايندي رهندي ۽ نتيجي ۾ 1961 ۾ 6,04000، 1971ع ۾ 7,85000، 1981ع ۾ 10,20,000 ۽ 1991ع ۾ اهو انگ 1326000 تائين وڃي رسندو.

اسان جيڪي ماهر نہ آهيون، انهن لاءِ اها ڳالهہ تعجب کان گهٽ نہ آهي. انهن ماهرن جي وهم گمان ۾ بہ اها ڳالهہ نہ هوندي تہ هن شهر ۾ هڪ باهمت ۽ مضبوط ارادي وارو شخص شهر جي هڪ علائقي ڪارادر ۾ پيدا ٿيندو جيڪو پنهنجي فيصلي سان هن شهر جي قسمت ئي ڦيري ڇڏيندو.

آخرڪار هن شهر جو تاجي پيٽو ئي ٿئي پيو ۽ هن شهر ۽ ان جي معاشري هڪ نئون جنم ورتو. هڪ نئين زندگي. اهو مرحلو 1947 کان شروع ٿئي ٿو. هي اِهو زمانو هو جڏهن هن شهر جي پرامن ۽ پرسڪون معاشرو باقي نہ رهيا هئا. وقت ڊوڙندو اڳتي ويندو رهيو.

هڪ نئون شهر وجود وٺي رهيو هو. ليڪن سندس اهو جنم عام رواجي نہ بلڪہ تاريخي ورهاڱي جو نتيجو هو.

# حقيقت يا افسانو

سنڌ جي لائق ۽ قابل فخر فرزند پروفيسر ايم بي پٿاوالا Prof: M.B Pithawala 1946 ۾ ڪراچيءَ جي باري ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن ۾ ڪراچي لاءِ سندس دلي محبت جو اظهار ڪيل آهي. ڪتاب ۾ هن ڪيترن ئي هنڌن تي ڏک ظاهر ڪيو آهي ته ڪراچي شهر جي تاريخ ڪنهن به نه لکي آهي- هن اميد ڏيکاري ته تمام جلد ڪونه ڪو شخص اهو ڪم ضرور ڪندو- جيڪڏهن اِها تاريخ جلد نه لکي وئي ته شايد ڪڏهن به نه لکي سگهجي.

بدقسمتيءَ سان جيڪا ڳالهه 1946 ۾ درست هئي اِها هاڻي به اوترو ئي صحيح آهي- ڪراچي جي تاريخ لکڻ جي ضرورت بهرحال موجود آهي- گذريل ڇهن مهينن دوران مون جيڪي به ڪتب خانه ڪتابن جا دڪان ڏٺا آهن، مون کي هن عظيم شهر بابت افسانا ۽ ڏند ڪٿائون ئي وڌيڪ نظر آيون آهن ۽ حقيقتون گهٽ.

ڊاڪٽر ايچ- ٽي- سورلي (Dr. H.T. Sorley) پنهنجي مشهور تصنيف شاه عبداللطيف آف ڀٽ (Shah Abdul latif of Bhit) ۾ بلڪل واضع ۽ فيصلا ڪن انداز ۾ لکيو آهي ته ڪراچيءَ جو وڏڻ وچ ارڙهين صدي جي پيداوار آهي- ليڪن ڪياماڙي کي سڪندر اعظم جي نالي سان ڳنڍيو ۽ ياد ڪيو وڃي ٿو. سڪندر اعظم جي مشهور جنرل نيرڪوس (Nearchus) جڏهن سنڌو درياه مان ٿيندو سمنڊ ۾ داخل ٿيو هو ته پنهنجا ٻيڙا هتي اچي لنگرانداز ڪيا هئائين- اهو واقعو سال 325 قبل مسيح جو آهي- ڇا ڪياماڙي سامهون ڪا سڪي هئي، جيڪڏهن هئي ته اتي ڇا هو؟ سمجهه ۾ ڪجهه نٿو اچي- ليڪن اُن زماني ۾

ڊاڪٽر سورلي وانگر ڪو تاريخدان نه هو جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ مشاهدي ۾ ايندڙ حقيقتون لکي ڇڏي ها.

ڪراچي تي هنن مضمونن جي سلسلي لاءِ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ مون جيڪي ڪتاب ڏٺا ۽ ڪم آندا آهن، انهن جو وچور هن طرح آهي: برٽن (Burton) جا ٻه ڪتاب: ”سنڌ ۽ اُن ۾ آباد قومون“، ۽ ”سنڌ ۾ ٻيهر اچڻ“، سيٺ نائومل جون ”يادگيريون“، اليگزينڊر. ايف. بيلي (Alxgandir F. Baili) جو ”ڪراچي. ان جو ماضي، حال ۽ مستقبل“، جنرل ايم.آر هيگ (Gen. M. R. heig) جو ”اندس ڊيلٽا ڪنٽري“، مير علي شير قانع جو ”تحفته الڪرام“ لالا هتورام جو ”بلوچستان“ اليگزينڊر برنس جو ”درياهه سنڌ تي سفر“ اي. بي. ايسٽروڪ جو ”نئين مصر جا پراڻا ورق“ تي پوسٽنس جو ”سنڌ جيئن مون ڏٺي“ ڊاڪٽر آيڊرين ڊوراٽ (Dr. Adrian Duarte) جو ڪتاب ”سيوهڻ“. انهن کان علاوه ڪيترائي گزيٽريرس وغيره.

باوجود ڪيترين ڪوششن جي مون کي تمام ٿوري معلومات حاصل ٿي سگهي آهي. خاص طرح 1700 عيسوي کان اڳ واري دوُر بابت ته افسوس جي حد تائين حقيقتون نٿيون ملن. شايد ڪٿي لکيل ئي نه آهن. وچين دور جي تاريخ لکندڙن جي اڪثريت ڏند ڪٿائون لکي پنهنجا ڪتاب پورا ڪيا آهن. جنهي ڪين حقيقتون نٿي مليون ته اِهو چئي اڳتي وڌي ويا ته، ”خدا ئي بهتر ٿو ڄاڻي“ حالانڪ اتي ئي تحقيق ۽ کوجنا (Research) جي ضرورت هئي. سٺن ۽ پاڪيزه جذبات کان هر پڙهندڙ ضرور متاثر ٿئي ٿو ليڪن تاريخ جي اهميت کان انڪار ممڪن نه آهي.

حقيقت اِها آهي ته ان شوق ۽ جستجو جو مظاهرو نه ڪيو ويو آهي جيڪو ڪنهن به شخص کي کوجنا ۽ تحقيق تي مجبور ڪندو آهي ته آخر ان ظاهر جي پٺيان باطن ڪهڙو آهي ۽ ان جي حقيقت ڇا آهي. جيڪي ماڻهو کوجنا ۽ تحقيق جو مادو رکن ٿا انهن جو نسل نا پيد ٿيندو ٿو وڃي. جن کي قدرت اهڙو ملڪو ڏنو آهي ۽ جيڪي تحقيق ۽ جستجو ڪرڻ جو شوق رکن ٿا، انهن لاءِ ته اهو هڪ نه ختم ٿيندڙ

سلسلو آهي- شوق جي ڪا انتها نہ ٿيندي آهي- هن موقعي تي ولفريڊ ٿيسجر (Wilfred Thesiger) جي مشهور ۽ عظيم تصنيف ”عربين سينڊس (Arabian Sands) مان حوالو ڏيڻ مناسب ٿيندو:

”تحقيق، کوجنا ۽ جاچ منهنجي لاءِ هڪ دلچسپ ۽ جذباتي معاملو آهي- آءُ عربستان نہ ويو آهيان تہ اُتان ٻوٽا ڪٺي اچان ۽ نہ ئي مون ڪي نقشا تيار ڪيا آهن. اهڙيون ڳالهيون هميشہ اتفاق جو نتيجو ٿينديون آهن- مون کي ان ڳالھ جو احساس آهي تہ پنهنجي تجربن جي باري ۾ لکڻ ۽ ڳالھ ڪرڻ پنهنجي حاصلات کي وڃائڻ جي برابر ٿيدو- اسان کي خبر آهي تہ اسڪاٽ، ڏکڻ قطب (South pol) تي وڃي پهتو هو- سندس وڃڻ جو مقصد صرف اِهو نہ هو تہ هو اُتي ڪنهن خاص ليڪن مشڪل جاءِ تي وڃي بيهي، جنهن تي نہ صرف پهچڻ مشڪل هجي بلڪہ اِن کان اڳ ۾ پڻ ڪو اُتي پهچي نہ سگهيو هجي- ان عظيم سفر تان موٽندي اسڪاٽ ۽ سندس ساٿين جو موت واقع ٿيو هو ۽ انهن مان ڪوبہ واپس پنهنجي ماڳ نہ پهتو هو. ليڪن مرڻ وقت پڻ اسڪاٽ کي پنهنجي مهم ۽ ان جي اهميت جو احساس هو. کيس يقين هو تہ هن جو اِهو سفر رائگان نہ ويندو- اسڪاٽ ۽ ان جي ساٿين کي خبر هئي تہ ايورسٽ جي چوٽي تي ڪجھ بہ ڪونہ هو ۽ اڄ بہ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي اهڙي مهم ۽ جستجو کي بيڪار سمجهن ٿا- هنن جي زبان تي هميشہ اهو سوال رهي ٿو تہ آخر ايورسٽ جي چوٽي تي رکيو ڇا آهي؟ ايورسٽ جي چوٽي تي پهچبو تہ پوءِ پلا کهڙو فائدو؟ ڇا حاصل ٿيندو؟ انهن ماڻهن جي خيال ۾ اهڙن تجربن مان بهرحال کهڙو مالي فائدو آهي، آخر حاصل ڇا آهي؟

اسان ڏسون ٿا تہ اصل اهميت ڳولڻ ۽ لوچڻ جي آهي خاص طرح ذهني پورهيو ضروري آهي. ذهني ڪوشش انساني زندگي لاءِ نهايت

ضروري آهي. نہ صرف ايترو بلڪ ڪيترن موقعن تي ذهني پورهيو جسماني يا طبعي جدو جهد ڪان بهتر نتيجا ڏيندو آهي. مقصد تائين پهچڻ لاءِ اِهو اشد ضروري آهي.

سو ڪراچيءَ جي تاريخ ڳوليندي ۽ اُن تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ مون کي پڻ هڪ دلچسپ سفر جو تجربو ٿيو آهي. ان سفر ۾ پاڻ کي ڪڏهن سيٺ نائو مل سان هم رڪاب پاتم تہ ڪڏهن وري برٽن، برنس ۽ ايسٽوڪ کي پاڻ سان هم سفر ٿيندو محسوس ڪيم. ڪنهن وقت وري ڪلاچي کي پاڻ سان ٻيڙي تي سفر ڪندي ڏٺم. اِهو تسڪين جو سبب هو.

جيڪي ماڻهو اڄ بہ ان ڳالهہ تي حيرت ڪندا نظر ايندا آهن تہ آخر اُنهن ماڻهن کي ڇا ٿو نصيب ٿئي جيڪي ڪنهن شهر يا واقعي تان ماضي جا پردا پري ڪندا آهن؟ اهڙن ماڻهن لاءِ مون کي مولري (Mallory) جيڪو پڻ ايوريسٽ تي ويل هو، ڪان سندس لفظ اوڌارا وٺڻا ٿا پون تہ ”ڇاڪاڻ تہ ”اتي“ ڪجهہ آهي“ ها اتي ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ هو. جڏهن ”اتي“ ڪجهہ آهي تہ پوءِ ڇو نہ اُن کي ظاهر ڪيو وڃي، سڀني جي سامهون آندو وڃي.

شهر جي باٿ آئلينڊ (Bath Island) واري پاسي قديم شهر جا نشان لڌا ويا آهن. اهڙي طرح ڊاڪٽر ايف. اي خان (Dr. F.A Khan) پڻ اورنگي ۽ ٻين علائقن ۾ قديم شهر جا نشان محسوس ڪيا آهن. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هڪ مختصر مضمون ۾ اهڙن ڪيترن ماڳن جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪي شهر جي آسپاس موجود هئا.

انهن سڀني ڳالهين کي ڏسندي اهو ضروري آهي تہ اسان کي پنهنجي سفر جو آغاز ڪرڻ ڪان پهريان ضروري حد بندي ڪرڻي پوندي. اسان جڏهن ڪراچي چئون ٿا تہ اِن مان اسان جي مراد ڇا آهي؟. ڇا ان مان اسان جي مراد هاڻوڪو سمنڊ جيڏو شهر ڪراچي آهي؟ يا ٻيو ڪجهہ؟ يا اهو شهر جيڪو ڪراچي سڏبو هو؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ اسان کي خبر هئڻ گهرجي تہ تاريخ ۾ ڪوبہ اهڙو شهر نہ هو. جيڪڏهن اِهو موجوده شهر جيترو وڏو شهر هجي ها تہ

لازمي طرح اُن تي ڪنهن بادشاهہ جي حڪومت هجي ها. ليڪن جيڪڏهن اسان جي مراد چند چورس ميلن تي هڪ ننڍي علائقي ۾ چند هزار ماڻهن جي ڪا وستي آهي تہ پوءِ اهڙو ڪراچي شهر هميشہ موجود رهيو آهي، پوءِ چاهي اُهو ڪهڙي بہ نالي سان سڏيو ويو هجي.

اِهو ڪروڪلا (Krokala) ڇا آهي؟ اِهو ڪراچيءَ جو قديم نالو تہ نہ آهي؟ اسان وري بہ اونداهيءَ ۾ اچي وياسين. پراڻن ڪتابن ۾ شهر متعلق ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪن کي ڏسندي ۽ ڪناري واري حصي جي هر وقت تبديل ٿيندڙ روش کي ذهن ۾ رکندي، اسان چئي سگهون ٿا تہ ڪروڪلا ڪراچي هجي تہ شڪ نہ آهي. بهرحال ان ڳالهہ جي تصديق ٿي نہ سگهي آهي.

اِها هڪ افسوسناڪ صورتحال آهي. اِها ڳالهہ نہ صرف ڪراچي لاءِ درست آهي بلڪہ سموري سنڌ لاءِ پڻ. سَنڌ جي اصل تاريخ تہ مسلمانن جي فتح 710 کان شروع ٿئي ٿي.* ليڪن اسان ڏسون ٿا تہ مهڀارت جي لڙائي ۾ سنڌ جو راجا جياڌرتا (Jayadharta) پانڊوئن جي مدد ۾ ڪورئن سان وڙهندي نظر اچي ٿو ۽ مهاڀارت (هندن جو هڪ پاڪ ڪتاب) ۾ سندس ذڪر موجود آهي. ان معتبر پستڪ پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ هن راجا جي نظر خوبرو ڏرو پتي تي پڻ هئي ليڪن ڏروپتي جي پنجن مڙسن سندس ڪوشش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنو ۽ کيس پڇائي ڪڍيو.

---

* مترجم جو نوٽ: اهو نظريو درست نہ آهي. مسلمانن (عربن) جي فتح کان اڳ جي تاريخي احوالَ لاءِ ڏسو: ايچ. ٽي ليمبرڪ جو ڪتاب "سنڌ مسلمانن ۽ جي فتح کان پهريان"

Sind Before Muslim Conquest- by H.T. Lambrick published by Sindh Adabi Board Hyderabad,

اِهو نظريو ائين آهي جيئن گذريل صديءَ ۾ انگريز تاريخدانن اِهو نظريو پيش ڪيو هو تہ هندوستان کي ڪا تاريخ آهي ئي ڪانہ. جيڪو نَظريو پوءِ هنن خود ڇڏي ڏنو. اصل ۾ فاتح، مفتوح لاءِ اهڙا نظريا گهڙي عام ڪندو آهي تہ جيئن مفتوح قوم پنهنجي نظر ۾ پاڻ ڪري پوي ۽ سندس صلاحيتن کي نقصان پهچي.

325 قبل مسيح تائين اسان کي سنڌ جو تاريخي احوال ملي ٿو ۽ ان بعد وري هڪ ڊگهي عرصي جي خاموشي آهي. اِها خاموشي اُن وقت ٽٽي پوي ٿي جڏهن چچ وزير مان بادشاهه ٿيو هو ۽ اڻ بعد سندس پٽ ڏاهر سنڌ جو راجا ٿيو هو. اِهو لڳ ڀڳ 710ع وارو زمانو آهي. اُن وقت ڪراچي ڪٿي هئي؟ هئي به يا نه؟

ڪراچي کي هجڻ گهرجي: ڇاڪاڻ ته اسان ڏسون ٿا ته رام باغ (موجوده آرام باغ) لاءِ چيو وڃي ٿو ته اِهو راجا چندرجي جي پنيان سڏبي ٿو. راجا چندرجي پنهنجي جلاوطني جي دؤر ۾ پڪندو ڦرندو، اتي اچي آرامي ٿيو هو ۽ پناهه ورتي هئائين. ڪجهه عرصي بعد وري راجا چندر جي هنگلاج* هليو ويو هو. ڇا راوڻ سندس سيتا کي ان مقام تان کڻي ويو هو؟ ۽ ڇا هنو مان ـ دولت جو ديوتا ـ سندس مدد لاءِ هتان ٿي ويو هو؟

ڇا اِهي سڀ ڳالهيون افسانه يا ڏند ڪٿائون آهن ۽ انهن ۾ ڪا حقيقت به آهي يا نه؟ ليڪن اِها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي ته ڀڳو ڏند ڪٿائون لکڻ لاءِ اِها سموري تڪليف ڪئي وئي هجي، ليڪن ڇا انهن ڳالهين لاءِ ڪا تاريخي ثابتي آهي يا نه؟ افسوس آهي ته انهن جي ڪا به تاريخي شاهدي نه آهي.

مون، اهي سڀ حقيقتون ان لاءِ لکيون آهن ته جيڪي ماڻهو مون کان وڌيڪ تحقيقي ذهن رکن ٿا ۽ ان لاءِ وڌيڪ وقت صرف ڪري سگهن ٿا، اهي انهن ڏند ڪٿائن کي حقيقت جو روپ ڏئي سگهن. خدا ڪري ائين ٿئي.

ڊاڪٽر ايف. اي خان سڀ کان وڌيڪ اهميت واري جيڪا جاءِ/ هنڌ ڳولي لڌو آهي سو آهي اورنگي ۽ ان جي پس گردائي وارو علائقو جتي هاٽي بنگالي رهن ٿا. اڻ هنڌ تي ڪجين جي جهڳٽي جي پير ۾

* مترجم جو نوٽ: هنگلاج ضلع لسٻيلو اصل ۾ سمورو سنڌ جو حصو آهي ۽ رهندو. ڪير به شخص ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهي. بهرحال هنگلاج هندن جو تيرٿ يا زيارتگاهه هوندو هو ۽ اڄ پڻ ان جي حقيقت ۾ ڪو فرق نه آيو آهي.

هڪ ڪاهي آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ گاهه ڄمي چڪو آهي ليڪن اتي ايجان به پٿر جي اوزارن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي قديم زماني ۾ هتي جا ماڻهو گوشت، گاهه ۽ ٻاجهين ڪپڻ ۽ لٽڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا- انهن اوزارن جي نشانين هجڻ جو مطلب اِهو آهي ته هتي يقينا ڪا آبادي هوندي- اسان جي خيال ۾ هتي کوٽائي ڪئي وڃي ته جيئن ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي.

"ضروري آهي ته هتي کوٽائي ڪئي وڃي ۽ گهرن جي اڏاوت جي وڌيڪ اجازت نه ڏني وڃي- ٻئي حالت ۾ اِهي نشان ڪٿي مٽجي نه وڃن".

اورنگي کان سڌ پنڌ تي هڪ ٻي آبادي جا نشان موجود آهن ۽ آبادي اُن ٽڪري تي آهي جتي منگهي پير جو مقبرو بيٺل آهي- هتي پڻ ساڳي طرح پٿر جا اوزار ۽ ٺڪر جا ٿانوَ وغيره گهڻي ايراضيءَ تي پکڙيل پيا آهن.

جتي هن وقت ڪراچي يونيورسٽي تعمير ٿيل آهي، ان جي ويجهو ئي ٽئين صدي عيسوي جي زماني جي هڪ وسٽي لڌي آهي- پٿر جا ننڍا ننڍا اوزار ۽ ٻيو اهڙو سامان ڪافي ايراضيءَ ۾ پکڙيو پيو آهي- اِهي اوزار آثار قديم جي نطءِ نظر کان ڪافي اهميت جا آهن.

ڊملوٽي واٽر ورڪس (Dumloti water works) جيڪو ڪراچي جي اتر- اوڀر تي ويهن ميلن جي فاصلي ۽ ملير ڊملوٽي روڊ تي ۽ ڳوٺ حاجي الله ڏني کان هڪ ميل جي پنڌ تي نئين بازار (Bazar nai) جي ڪاٻي ڪپ تي موجود آهي. ڊاڪٽر ايف- اي خان نئين بازار جي رڻ ۾ هڪ قديم آبادي جو پتو لڳايو آهي جيڪا سندس چوڻ مطابق موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جي دؤر جي آهي، اها آبادي 200 کان 300 چورس والن تي پکڙيل آهي، جيڪا امڪان آهي ته هڪ عمارت آهي ۽ جنهن جا پٿر ٽڙيا ضرور پيا آهن ليڪن آهن تمام سٺي حالت ۾- انهن شين ۾ ٺڪر جون چوڙيون، ڪوڏ ۽ ڪوڏن مان ٺهيل چوڙيون، ٻڪچي ۾ پائڻ لاءِ مٽيا، ٽامي جا برتن وغيره شامل آهن- ٺڪر مان ٺهيل گاڏيون، قيمتي پٿر وغيره پڻ لڌا ويا آهن.

ڪراچي کان 27 ميل پري مول (mol) ۾ ملير نئين جي گڏجڻ واري جاءِ تي اميلاٽو (Amilano) نالي هڪ هنڌ/ مقام آهي. هتان جيڪو رستو وڃي ٿو سو پڻ قديم ايراضيءَ جي وچان ٿو وڃي. گهر ته هتي مڪمل طرح ڊهي چڪا آهن بلڪه سندن ڪو نالو نشان ئي نه رهيو آهي، ليڪن اِتان جيڪي شيون لڌيون ويون آهن سي يقينا موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جي دؤر جون آهن.

جيڪي انگ اکر ۽ شهادتون گڏ ڪيون ويون آهن سي تفصيلي مطالعي لاءِ رهنمائيءَ جو ڪم ڏئي سگهن ٿيون ۽ انهن شهادتن کي ڏسندي اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته ڪراچي ۽ اُن جي آسپاس آَباديون ۽ واهڻ جي تهذيب جا ٻيا نشان ضرور هوندا.

ڊاڪٽر ايف. اي خان جن قديم مقامن/ جڳهين جي نشاندهي ڪئي آهي انهن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ ماڻهن جي رهڻ وارو حصو جتي انهن جا گهر هئا ۽ ٻيو جتي هو پٿر ڪُٽي اُوزار وغيره جوڙيندا هئا يعني ڪارخانن وارو حصو. منگهي پير دملوٽي ۽ اميلاٽو ۽ موجوده ڪراچي رهائشي علائقا هئا، جڏهن ته اورنگي ۽ ڪنٽري ڪلب روڊ وارو حصو صنعتي علائقو هو.

ڇا به هجي ليڪن اِها ڳالهه يقيني آهي ته موجوده ڪراچي ۽ ان جي پسگردائي ۾ آباديون هيون، هن وقت تائين جيڪي شهادتون مليون آهن سي ان حقيقت جو واضح ثبوت آهن. ليڪن اسان جي بدقسمتي آهي ته هن مهل تائين ان باري ۾ تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي ۽ مستقبل ۾ پڻ ڪنهن خاص ڪم ٿيڻ جا آثار نظر نٿا اچن ۽ جيستائين ڪراچيءَ جي مڪمل تاريخ لکڻ لاءِ سوچيو وڃي اوستائين انهن جو ڪو وجود ئي نه رهي.

سوال آهي ته اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ظاهري طرح ٽين صدي عيسوي کان موجوده دور تائين ڪراچي جي مڪمل تاريخ لکڻ اسان لاءِ ممڪن نه آهي ڇاڪاڻ ته تاريخ لکڻ کان اڳ ۾ اهي خال جيڪي ان عرصي ۾ نظر اچن ٿا انهن جو پرڻ لازمي آهي. تاريخ نويس لاءِ اهي خال پرڻ اُن وقت تائين ممڪن نه آهي جيستائين آثار

قديم جا ماهرين انهن ڪي ڏس نٿا ڏين.

ان ڪري اسان لاءِ رام باغ واري راجا چندرجي، سڪندر اعظم جي جنرل نيوڪوس ڪي ڪياماڙي وٽ ۽ خود سڪندر ڪي جيڪو ڪراچي پرسان لسٻيلي کان ٿيندو گڊروشيا (Gedrosia) يا مڪران پهتو هو، ان ڪي اتي ڇڏي اڳتي وڌڻو پوندو. هزارين سالن جو سفر گهڙي پل ۾ طئي ڪري 710 عيسوي ۾ پهچڻ گهرجي. اُن وقت ڪراچي ۽ اُن جي پسگردائي ۾ ڪير رهندا هئا، ڇا ڪندا هئا، ان باري ۾ اسان جي معلومات بنهه گهٽ آهي. اسان ڪي خبر آهي ته نوجوان عرب جنرل محمد بن قاسم ديبل (ڀنڀور) کان ٿيندو حيدرآباد فتح ڪندو، روهڙي پهتو هو.

ان زماني ۾ پڻ ڪراچي ۾ ڇا پئي وهيو واپريو ۽ ٿيو، اسان ڪي ڪا خبر نه آهي. ليڪن سيٺ نائومل جي ”يادگيرين“ ۾ اسان ڪي ڪيترين ئي ڳالهيون ۽ اشارا ملن ٿا. اهي بهرحال اشارا آهن ۽ جيڪو شخص انهن ڪي ثابت ڪرڻ گهرندو ته ڪيس سخت محنت ڪرڻي پوندي.

# آخر ’ڪراچي‘ نالو آيو ڪٿان

ڪجھ وقت اڳ تائين انسان قطعي طرح قدرت جي رحم ڪرم تي هوندو هو. سندس آبادي اڳي گهٽي هوندي هئي جتي ڪيس پيئڻ لاءِ پاڻي ۽ جانورن لاءِ گاهه دستياب هوندو هو. ڪاڏي پيتي جي شين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس زمين آباد ڪرڻي پوندي هئي يا پاليل ۽ شڪار ڪيل جانورن جي گوشت تي سندس انحصار هوندو هو- بنڊر (ports)۽ ٻيڙين هلڻ جي لائق درياهن جي منهن وٽ وجود ۾ آيا هئا ۽ اُتي ئي وڌيا ۽ ترقي ٿي ڪيائون. جڏهن ندين جو پاڻي ان هنڌ سڪي ويندو آهي ته اُهي بندر پڻ نه رهندا آهن ڇاڪاڻ ته پاڻي نه هجڻ ڪري يا گهٽ ٿيڻ ڪري منجهن مٽي ڀرجي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي ته ندين شهر اڏيا ۽ تباهه ڪيا آهن- ندين جڏهن به پنهنجو رخ تبديل ڪيو آهي ته هنن جي انهيءَ تبديليءَ شهرن جي قسمت پڻ بدلائي ڇڏي آهي.

اسان جي امڙ سنڌو ندي پڻ پنهنجي رُخ بدلائڻ ۾ ڪنهن حد تائين مشهور آهي- هن وقت تائين هن جا مختلف جاين تي ڪيترائي آثار لڌا ويا آهن- ڪو وقت هو جڏهن سنڌو ندي جو وهڪرو ٺٽي وٽ هوندو هو ۽ ڪنهن سمي وري موجوده ميرپور ساڪري جي ڀرسان وهندي هئي.

اليگزينڊر برنس لکي ٿو ته ڦٽي (phttee) جتي سندس جهاز اچي لنگرانداز ٿيو هو اتان ڪلفٽن تي مقبرو (عبدالله شاهه غازي جو مقبرو) ۽ منهوڙي جو قلعو صاف نظر اچي رهيو هو. ان جو اهو مطلب هو ته انهن

ڏينهن ۾ سنڌو نديءَ ڪراچيءَ جي ويجهو هئي ۽ پوءِ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

ڪيٽيءَ ۾ هٽيءَ پرجڻ ۽ نديءَ جي رخ جي تبديلي پڻ ڪراچيءَ جي موجوده ترقيءَ ۽ واڌاريءَ جو ڪارڻ آهي. بدقسمتيءَ سان ان باري ۾ گهڻو نه لکيو ويو آهي، جنهن ڪري اسان کي مجبورن سيٺ نائومل جي يادگيرين تي انحصار ڪرڻو پوندو. سيٺ نائومل جون يادگيريون 1915 ۾ سيٺ پاڻ ڇپرائي پڌريون ڪيو هيون. اِن ڪتاب جي ايڊيٽنگ سنڌ جي ڪمشنر سر ايچ. اِي جيمس (Sir H.E. James) جيڪو 1891 کان 1899 تائين سنڌ جو حاڪم هو ڪئي هئي. ملڪ جي حاڪم جي طرفان ڪتاب جي ايڊيٽنگ، ان جي اهميت ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو هو.

سيٺ نائومل هوتڻ جي هڪ اهم واپاري خاندان جو فرد هو. سيٺ نائومل جو اولاد ۽ سندس ڀيا مائٽ ۽ عزيز وڏا واپاري ۽ شاهوڪار هئا. سندن حياتي شاهاڻي طرز تي گذرندي هئي. هنن جون واپاري ڪوٺيون وچ مشرق جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ هونديون هيون ۽ خاص طرح مسقط ۽ اُمان ۾. انهن علائقن ۾ سندن ٻيڙا (پاڻيءَ جا جهاز) واپار سانگي هلندا هئا. ان زماني ۾ سامونڊي ٻيڙن جو زور هوندو هو. جهازن جي حفاظت لاءِ وٽن هڪ ننڍي فوج پڻ هوندي هئي.

1700 عيسويءَ جي اوائل ۾ نائومل جي وڏن مان سيٺ پوڄو مل کڙڪ بندر (Kharak Bander) جيڪو نئن حب جي منهن وٽ هوندو هو، واپار سانگي رهندو هو. اهو بندر هن جي ٻيڙن ٻيهارڻ لاءِ بهترين هو. انهن ڏينهن ۾ درياهه جي پيٽ صاف ڪرڻ ۽ اُتان گند ٽيل مٽي هٽائڻ لاءِ جديد دؤر وانگر مشينون نه هونديون هيون. نتيجي ۾ ڏسندي ڏسندي پيٽ ڀرجي پوندا هئا. جڏهن هڪ بندر بند ٿي ويندو هو ته ماڻهو ٻئي بندر جي تلاش ۾ نڪري پوندا هئا ۽ اهڙي طرح اُن هنڌ وڃي آباد ٿيندا هئا.

جڏهن کڙڪ بندر انهن سڀن ڪري بيڪار ۽ ڪنهن ڪم جو نه رهيو ته پوڄو مل مناسب جڳهه يا نئين بندر جي ڳولا لاءِ پنهنجا ماڻهو ڊوڙايا. اهڙي طرح پوڄومل ۽ سندس خاندان آخرڪار ”ڪلاچيءَ جي

ڪُن"* وٽ اچي آباد ٿيا ۽ پنهنجون واپاري ڪوٺيون هتي قائم ڪيائون. هن هنڌ تي ان وقت 20 يا 25 گهر مس هئا ۽ سڀ جا سڀ مهاڻن جا گهر هئا.

اهڙي طرح پوجومل ۽ سندس خاندان کڙڪ بندر کان لڏي اچي ڪلاچي ڪُن ۾ رهيا هئا. ڌاڙيلن کان ۽ ٻين جابلو قومن کان بچڻ لاءِ هن پنهنجي رهائشي جاين ۽ واپاري ڪوٺين جي چوڌاري هڪ قلعو تعمير ڪرايو هو، ان قلعي جي ڪري ڪلاچيءَ جو ڪن هاڻي ڪلاچيءَ جو ڪوٽ سڏجڻ لڳو هو. (ڪوٽ معنيٰ قلعو، بچاءُ لاءِ گول ديوار) ۽ اهو ڪوٽ اٽڪل سٺ (60) جريبن تي تعمير ڪيو ويو هو. هڪ جريب برابر آهي اڌ ايڪڙ جي ۽ اهڙي طرح اسان ڏسون ٿا ته اُن وقت ڪراچي جو شهر ٽيهن ايڪڙن تي مشتمل هو.

ان ڪوٽ کي ٻه دروازا هوندا هئا. کارودر جيڪو کاري پاڻي يعني سمنڊ طرف کلندو هو ۽ مٺودر جيڪو لياري نئن جي مٺي پاڻيءَ جي کوهن طرف کلندو هو. ٻين لفظن ۾ هڪ دروازو سمنڊ طرف کلڻ ڪري کارودر سڏبو هو ته ٻيو مٺي پاڻي طرف کلڻ ڪري مٺو در سڏبو هو. ان وقت جو ڪراچي هاڻوڪي شهر جي هڪ حصي کارادر تائين محدود هوندو هو.

پوجومل ۽ سندس خاندان جا جهاز ممڪن آهي ته ان هنڌ اچي لنگرانداز ٿيندا هجن جنهن کي اڄ ڪالهه بهار ڪالوني سڏيو وڃي ٿو.

ڇا اهڙو ڪو شخص اڃان ٻه زنده آهي جنهن پنهنجي پيءُ ڏاڏي يا پڙ ڏاڏي کان اُن زماني بابت ڪجهه ٻڌو هجي ته هتي ڇا هو ۽ ڪيئن هو؟. ڇا اسان اِهو سوچڻ ۾ حق بجانب آهيون ته کارادر جي مٽي ۾ اُن پراڻي وقت جون ڪجهه نشانيون يا شيون دفن ٿيل آهن؟ مثلن اُن وقت جي توبن جا گولا يا سڪو جنهن کي ستارمس (Sitara mis) چيو ويندو هو؟ اسان جي خيال ۾ هن مان ڪانه ڪا شي ڪوٽائي

---

* نوٽ: ڪلاچي هڪ مهاڻي عورت هئي. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو مرد جو نالو هو. ڪُن. درياهه جي ڦيري يا گمري کي چوندا آهن، ڪيترا اِنَ جي معنيٰ تلاءُ جي پڻ ڪندا آهن.

ڪرڻ ڪانپوءِ يقينا ملي سگهي ٿي.

اُن زماني ۾ واپارين کي هميشہ حملي جو خطرو رهندو هو، اهو ئي سبب آهي تہ هو پاڻ کي اهڙن خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رکندا هئا. نائو مل لکي ٿو تہ ڪوٽ جي تعمير ڪان پوءِ ان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو سوچيو ويو هو. نائومل جي لکڻ مطابق پوچواڻي خاندان جي فرد آسودي مل اِن موضوع تي هڪ پاڪ دامن عورت بيبي مرادان ڪان پڻ صلاح ورتي هئي.* جنهن پڻ اِن تجويز سان اتفاق ڪيو. تہ ڪوٽ کي مضبوط ڪرڻ بهتر ٿيندو.

توبون، بندوقون، ضروري بارود وغيره مسقط ۽ امان مان گهرايو ويو. چند سؤ جوکيا، نومڙيا قبائلي محافظ طور مقرر ڪيا ويا ۽ اهڙي طرح ڪوٽ تيار ٿي ويو. هن قلعي يا ڪوٽ جو تفصيلي تذڪرو برگيڊيئر ويلينٽ (Brig. valiant) جڏهن 1839 ۾ ڪراچي، ٽالپر حاڪمن ڪان فتح ڪيو هو، پنهنجي رپورٽ ۾ ڪيو آهي، جيڪا هن حڪومت کي پيش ڪئي هئي.

ڪراچي (Khrrachee) ڪيمپ، 5 فيبروري 1839. برگيڊيئر صاحب بڌائي ٿو: "پنهنجي 3 فيبروري (1839) واري رپورٽ جي حوالي سان ڪمانڊر. ان. چيف صاحب جي اطلاع لاءِ اِهو عرض ڪندي خوشي محسوس ٿو ڪيان تہ هر ميجيسٽي جي چاليهن ريجيمنٽ (40 Regi-ment) ڪانسواءِ هڪ سو سپاهين جي جيڪي سرئن (Syran) (شايد ملڪ "شام") مان هن هنڌ (ڪراچي) پهتا آهن.

"مون تمام تفصيل سان شهر ڪراچي ۽ ان جي قلعي يا ڪوٽ جو معائنو ڪيو آهي. قلعو واقعي بہ مضبوط ٺهيل آهي ۽ ان تي هر طرف بُرج (Batian) ٺهيل آهن. هر برج ۾ مختلف قسمن جون بہ بہ توبون رکيون آهن ۽ ائين ٿو معلوم ٿئي تہ ڪيترن سالن ڪان ساڳي جاءِ تي رکيل آهن. ڪوٽ جون پٽيون مٽي ۽ گاري جون ٺهيل آهن. برجن ۾ ٺورو گهڻو ڪاٺ استعمال ڪيو ويو آهي. قلعو هشرادو دڪو ٺاهي

* هن پاڪ بيبي جي وڌيڪ تفصيل نہ ڀڌائي وئي آهي تہ هو ڪير هئي، ڪنهن جو اولاد وغيره. صرف سندس نالو ڄاڻايو ويو آهي.

اُن مٿان ٺاهيو ويو آهي. ان جون ڀتيون 18 فوٽ ڪن ويڪريون ۽ قلعي کان اٽڪل 10 فوٽ مٿي آهن. ايئن ٿو محسوس ٿئي ته ڪيتري وقت کان ونئي قلعي جي مرمت نه ڪرائي وئي آهي، جنهن ڪري ان جون ڀتيون ۽ برج خسته حالت ۾ آهن. مٿهو قلعي جي ڀتين ۾ ٽيل سوراخن يا ٽنگن مان ايندا ويندا آهن. قلعي کي دروازا آهن. انهن مٿان برج هجڻ ڪري قلعي جو شان وڌي ويو آهي. برجن مٿان بلوچ پهريدار هر وقت موجود رهن ٿا. مون قلعي جي ٻنهي دروازن تي يورپي نان ڪميشنڊ آفيسر ۽ هڪ هڪ سپاهي بيهاري ڇڏيا آهن. ڪنهن کي بنا اجازت جي قلعي اندر وڃڻ جي ممانعت آهي ۽ وڌيڪ ته چند نان ڪميشنڊ آفيسر ۽ سپاهي پڻ قلعي اندر تعنيات ڪيا ويا آهن ته جيئن گهٽين ۽ رستن تي گشت ڪندا رهن ته جيئن اسان جو ڪو ماڻهو ڪنهن خرابيءَ جو مرتڪب ٿي نه سگهي.

”ڪاري طرف جيڪو دروازو کلي ٿو، اُن پاسي مٺي پاڻي جي دستياب نه هجڻ ڪري، اِهو شهر جي ٻئي پاسي کان يا لنگرانداز ٿيل جهازن کان حاصل ڪيو ويندو آهي. ٻين جڳهين تي ڪيترائي مٺي پاڻيءَ جا کوه آهن جن مان کوڙ سارو مٺو پاڻي حاصل ٿئي ٿو، ان ڪري هتي ڪيترائي سٺا باغ موجود آهن. انهن کوهن مان پاڻي ڏهن کان ٻارهن فوٽن جي گهرائي تائين کوٽائي ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو. اسان لاءِ اها نئين ۽ عجيب ڳالهه هئي ڇاڪاڻ ته هتي اچڻ کان اڳ ۾ اسان کي ٻڌايو ويو هو ته هتي مٺي پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ آهي. اها ڳالهه حقيقت جي برعڪس آهي. هتان جو بندر (port) بهترين آهي، جنهن ۾ هر قسم جا جهاز سال جي سمورين موسمن ۾ لنگرانداز ٿي سگهن ٿا. ان ڪري منهنجي ناقص راءِ ۾ اسان کي هي بندر ان وقت تائين پنهنجي قبضي ۾ رکڻ گهرجي جيستائين اسان جون فوجون سنڌ ۾ موجود رهن“. تنهن زماني ۾ ڪراچي اهڙو شهر هو.

ان کان اڳ ۾ جو اسان پنهنجي ڳالهه کي اڳتي وڌايون، توهان جو ڌيان هڪ اهم واقعي ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو جيڪو توهان پاڻ به نوٽ ڪيو هجي. توهان محسوس ڪيو هوندو ته انگريزن ڪيتري نه

آسانيءَ سان ڪلاچي ڪوٽ تي قبضو ڪيو هو. صرف هڪ يورپين نان ڪميشنڊ آفيسر هر هڪ برج تي تعنيات ڪيو ويو هو ۽ ڪجهه سپاهين کي شهراندر امن امان قائم رکڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو ۽ بس.

هن افسوسناڪ واقعي يعني انگريزن جي ڪراچي فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ مير فتح علي ٽالپر والي سنڌ 2000 هزار سپاهين تي مشتمل هڪ مضبوط فوج ڪلاچي ڪوٽ فتح ڪرڻ لاءِ موڪلي هئي ۽ لڳاتار ٽي دفعا ان فوج قلعي جو گهيرو ڪيو هو ليڪن ان کي ناڪام ٿي واپس موٽڻو پيو هو. اهڙي طرح هن قلعي ٻه دفعا ٽن ٽن مهينن جي گهيري کي ناڪام ڪيو هو. ليڪن هاڻي ڇا ٿيو هو؟ مُٺ جيترا يورپي فوجي اِن ساڳي قلعي کي فتح ڪن ٿا ۽ پنهنجي قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ صرف هڪ ريجمنٽ جو رکڻ مناسب سمجهن ٿا ۽ بس!

ان جو سبب دريافت ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم نه آهي. ان وقت ملڪ سنڌ اندروني خلفشار جي ڪري ورهايل هو. ملڪ جي مختلف طبقن ۽ مختلف مذهبن جي مڃڻ وارن جي وچ ۾ ڪو ايڪو نه هو، بلڪه هڪ مذهب جي مڃڻ وارن جي جدا جدا فرقن جي ميمبرن ۾ پڻ ڪو اتحاد ۽ ٻڌي نه هئي. اهو ئي سبب آهي ته ان وقت غدارن ۽ مخبرن جي ڪمي نه هئي ۽ جن ئي فاتح قوم جي آجيان ڪئي هئي. انگريزن جي فتح ۽ وقت جي مقامي حڪومت جي ناڪامي ۽ شڪست جو سبب ٻين کان علاوه غدار عنصرن جي غداري اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

بهرحال اسان وڏيون وڏيون ٻيرانگهون ڀري ڪيترين صدين جو فاصلو طئي ڪري آيا آهيون. جنهن وقت جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون، ان وقت ڪلاچيءَ جي ڪوٽ ۾ ڪو به يورپي موجود نه هو. سيٺ ڀوڄو مل پنهنجو دوڪان مس کڙو ڪيو هو ۽ پنهنجي ڪاروبار جي تنظيم ۾ مصروف هو.

ڪراچي جي ڀرسان پاسي شاه بندر* جيڪو سنڌو نديءَ جي ڇوڙ

* هي بندر غلام شاه ڪلهوڙي ٻڌرايو هو.

وٽ اهم بندر هوندو هو. آهستي آهستي لٽجڻ شروع ٿيو هو ۽ جنهن ڪري اُتان جا ماڻهو لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿي رهيا هئا. اهڙي طرح هن شهر جي آباديءَ ۾ تمام تيزيءَ سان اضافو ٿي رهيو هو. ان کان علاوه ڪراچيءَ جي آبادي وڌڻ جو هڪ ٻيو سبب پڻ هو. ڊاڪٽر سورلي جي لکڻ موجب ”افغانن چاهيو ٿي ته سمنڊ تائين پهچڻ جو هڪ نئون رستو تيار ڪيو وڃي جيڪو ڪراچي، مڪران ۽ قلات کان ٿيندو سمنڊ تائين پهچي. هن رستي جو فائدو اهو هو ته ان ذريعي ڪلهوڙن جي زير انتظام علائقي کان بچي سمنڊ تائين پهچي ٿي سگهيا. افغانن جي اهڙي خواهش ۽ ضرورت ڪراچيءَ جي موجوده حيثيت ۽ واپاري مرڪز طور ترقي لاءِ جوابدار آهي“.

بهرحال سبب ڇا به هجي ڪراچيءَ جو شهر آباد ٿيڻ ۽ قائم رهڻ لاءِ وجود ۾ آيو هو ۽ ڏينهن رات سندس ترقي ۾ اضافو ٿي رهيو هو. ليڪن ان مهل تائين سندس اهميت ماڻهن جي دلين ۽ ذهن ۾ پوري طرح واضع ٿي نه سگهي هئي. ڪراچي جاگرافيءَ جي لحاظ کان سنڌ جو حصو آهي. سياسي ۽ انتظامي طرح سنڌ ۾ واپس اچڻ کان اڳ ۾ رياست قلات جو حصو هئي. ليڪن غير سرڪاري طرح هي هڪ آزاد بندر (Free port) هوندو هو. جيستائين منهنجي تحقيق جو تعلق آهي ته آءُ يقين سان چئي سگهان ٿو ته هتي ڪوبه سرڪاري عملدار (رياست قلات طرفان) مقرر نه ڪيو ويو هو ۽ نه ئي ڪو ”اجاريدار“ ان رياست طرفان موڪليو ويو هو.

ان زماني ۾ اهو رواج هوندو هو ته ڪنهن به هڪ شخص کي ٺيڪي تي ڍل (Revenue) جي وصولي جو اختيار ڏنو ويندو هو ۽ جيڪو ان جو ڪجهه حصو پاڻ وٽ رکي باقي سرڪار جي حوالي ڪندو هو. اهو ڪاروبار نهايت فائديمند هوندو هو ڇاڪاڻ ته ٺيڪيدار جي اختيارن تي بظاهر ڪنهن قسم جو ڪنٽرول يا ضابطو نه هوندو هو. اجاريدار تي ڪا پابندي نه هوندي هئي ۽ هو آزادي سان جيڪا شرح محصول چاهيندو هو وصول ڪندو هو ۽ جيترو حصو چاهيندو هو سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائيندو هو. وڌيڪ اهو ته ملڪ جي گادي

کان پري هجڻ ڪري ان تي ضابطو رکڻ پڻ محال هوندو هو. جيترو پري اوترو ضابطو گهٽ.

واپارين ۾ بيچيني ۽ بي آرامي جو هڪ ٻيو سبب پڻ هوندو هو ۽ اِهو هو ”ٻٽي محصول“ جو اصول. (Principle of Double Taxation) واپاري کي هڪ کان وڌيڪ جاين تي محصول ادا ڪرڻو پوندو هو. مثال طور هڪ هنڌ محصول ادا ڪري رسيد ورتي ۽ سمجهيو ته هاڻي جنس آزاد ٿي وئي ۽ ان بعد ڪنهن ٻئي جاءِ تي ڪو محصول ڏيڻو نه پوندو. ليڪن جڏهن توهان ٻئين جڳهه تي اهِا رسيد ڏيکاريندو ته محصول اوڳاڙيندڙ شخص ان رسيد کي قبول ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته سندس چوڻ آهي ته توهان پورو محصول نه ڏنو آهي ۽ پهرين جيتري يا اُن جي لڳ ڀڳ ٻئي رقم ڏيڻي پوندي.

سنڌ جي واپار ۽ تجارت جو هڪ دلچسپ رڪارڊ مسٽر ڪاليندر (Mr. Callender) اسان لاءِ ڇڏي ويو آهي. هي شخص 1775 ۾ سنڌ آيو هو. اِهو زمانو ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي حڪومت جو هو. ان رڪارڊ جو تعلق اسان جي ڪهاڻي سان آهي، ان ڪري آءٌ اُن جو هڪ ننڍو حصو پيش ڪري رهيو آهيان:

> ”ٺٽي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ ججهو واپار هلندو هو. شڪارپور مان واپاري جيڪي شيون ٺٽي آڻيندا هئا انهن ۾ شالون، زيور وغيره شامل هوندا هئا. ٺٽي مان ڌارين ملڪن مان آندل شيون ملڪ جي اندرين علائقن ۾ ڪڻي ويندا هئا. ليڪن هتان جي حڪومت تمام ڳرا محصول قائم ڪري رکيا آهن ۽ اهي ملڪ جي مختلف حصن ۾ جدا جدا آهن. شرح پڻ مختلف اٿن. ان ڪري گذريل اٺن يا ڏهن سالن اندر، هتي (ٺٽي ۾) واپار تمام ٿورو وڃي رهيو آهي. سمورو واپار هاڻي ڪراچي (Crotchy) ڏانهن منتقل ٿي چڪو آهي ۽ جتان واپارين جو رستو هن شهزادي جي حڪومت کان وڌيڪ محفوظ آهي. هتي آءٌ اهو ٻڌائيندو هلان ته ڪراچي کان ٿيندڙ واپار کي قندار جي پٺيان

(افغان) حڪومت جو تحفظ حاصل آهي. ڪراچيءَ مان ٿيندڙ واپار تي ادائي سيڪڙو مقرر محصول هن شهزادي (ميان سرفراز) جي حڪومت کي ڏنو ويندو آهي. اهو محصول خريداري جي منهن تي عائد ٿيل آهي. ليڪن اصل تڪليف جو سبب اِهو آهي ته سرڪاري محصول عائد ڪندڙن ۽ دلالن جيڪي محصول جي وصوليءَ لاءِ ذميوار آهن ۾ گهڻو فرق آهي. ليڪن مون کي يقين سان ٻڌايو ويو آهي ته ڪو واپاري 15 سيڪڙو ڏيڻ کان سواءِ وڃي نٿو سگهي ۽ گهڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي".

هن حوالي مان اِها ڳالهه محسوس ٿئي ٿي ته 1775 تائين ڪراچي ۾ سرڪار طرفان محصول عائد ڪرڻ تي ڪو عملدار مقرر ٿيل نه هو. ليڪن 22 سيپٽمبر 1758 جي فرمان يا حڪم نامي ۾ جيڪو سنڌ جي مختلف حصن جي عملدارن ڏانهن جاري ڪيو ويو هو ۽ جنهن جو مقصد ڪمپني (ايسٽ انڊيا ڪمپني) کي ڏنل مراعاتن کان واسطيدارن عملدارن کي آگاه ڪرڻ هو، ان فرمان ۾ "ڪراچي" لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. ان فرمان جو نقل ڊاڪٽر سورلي "خفيه سياسي کاتي (Secret and political Department) جي رڪارڊ تان هٿ ڪري ڇپايو آهي*.

1774 جي سال دوران سنڌونديءَ ۽ خليج فارس (Persion) جي وچ واري ساحلي علائقي جي جاچ جو منصوبو بمبئي ۾ سٽيو ويو هو. ان مهم لاءِ ٻه جهاز چونڊيا ويا هئا. هن مان هڪ جو نالو "دي فاڪس The Fox" هو جنهن جي چارج ڪپتان ليفٽيننٽ رابنسن (C.L. Robinson) جي حوالي ڪئي وئي هئي ته ٻيو جهاز "دي ڊلفين The Dolphin" وري ليفٽيننٽ پورٽر (Lt. Porter) جي حوالي ڪيو ويو هو. انهن ٻنهي جهازن جي امداد لاءِ هڪ ننڍي ٻيڙي شامل ڪئي وئي هئي.

سڪندر اعظم کان پوءِ اِها شايد ٻي اهڙي ڪوشش هئي. پهرين ڪوشش سڪندر اعظم جي جنرل نيرڪوس (Near chus) جي ڪمان

هيٺ ان علائقي جي سروي تي موڪلي وئي هئي. ان سروي اسان کي ڪيترن تون نالن کان واقف ڪيو آهي مثلاً Eiros, Bibagta, Koro kala وغيره. ليڪن انهن جي اصليت کان اسان اڃان ناواقف آهيون. اسان کي خبر پئجي نہ سگهي آهي تہ آيا اهي شهرن، ٻيٽن جا نالا آهن يا نہ؟ـ بهرحال اسان کي هنن نالن جي پوري واقفيت حاصل نہ ٿي سگهي آهي.

ان مهم جي هڪ ممبر مسٽر ماسڪال (Mascall) جو تيار ڪيل نقشو ڏئي رهيا آهيون، جڪو هن متي ڄاڻايل مهم تي وڃڻ وقت تيار ڪيو هو ۽ جيڪو صرف پنهنجي شوق پوري ڪرڻ لاءِ ان مهم تي ويو هو. اهو نقشو مونجهارو پيدا ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ اهو ڪنهن ماهر شخص جو تيار ڪيل نہ آهي. توهان ڏسندؤ تہ هن شخص هڪ وقت هڪ نہ پر ٽي نالا ڄاڻايا آهن ۽ ان مان ئي توهان سندس ذهني مونجهاري جو اندازو ڪري سگهو ٿا. ماسڪال کي ڪنهن هڪ نالي جو يقين نہ هو. آخر اهي ٻئي جهاز (يعني دي فاڪس ۽ دي ڊالفين) سڪندر جي بهشت (Alexander's Haven) يا ڪياماڙي وٽ اچي لنگرانداز ٿيا هئا. جهازن تان ڪنهن نامعلوم شخص کي شهر ڏسڻ لاءِ موڪليو ويو هو. ان شخص شهر جي چوڌاري هڪ قلعو ڏٺو هو ۽ ان جي هر طرف وري ساوڪ نظر آئي هئي. قلعي ۽ شهر جي حفاظت لاءِ فوجي مقرر ٿيل هئا جيڪي پنهنجو فرض پوري ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ان کان اڳ جو هي اجنبي شخص پنهنجو ڪم مڪمل ڪري ڪيس شهر مان نيڪالي ڏني وئي هئي. ان بعد هن شخص پنهنجي آفيسرن کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي هئي. پوٽر ۽ رابنسن رپورٽ ٻڌڻ بعد ڪنهن اونهي فڪر ۾ غلطان ٿي ويا هئا هڪ گهري سوچ کين ورائي وئي هئي. ليڪن هنن ٻہ ٽي ڏينهن وڌيڪ رهڻ جو فيصلو ڪيو هو تہ جيئن ماحول جو گهرائي سان جائزو وٺي سگهن.

ان دوران هڪ مقامي شخص، جهازن کي ڏسڻ ۽ انهن جي عملي ۽ خلاصين جي اصليت معلوم ڪرڻ لاءِ جهازن تي اچي نڪتو هو.

"هن جڳهہ کي ڇا چوندا آهن؟ مسڪال زور ڏئي پڇيو تہ جيئن

ڳالهه واضع ٿئي.

”ڪلاچي ڪوٽ“

”ڇا، ڇا ٿو چوين؟“

”ڪلاچي ڪوٽ. بهرحال هي علائقو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت آهي ۽ بنا اجازت ايندڙن ۽ حڪم عدولي ڪندڙن کي گولي سان ماريو ويندو“.

”ليڪن. او باندر مُنهان هن جڳهه جو نالو ڇا آهي؟ ”ڪلاچي ڪوٽ“

بهرحال مسٽر مسڪال کي ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيو ۽ بيقراري سندس چهري مان صاف ظاهر نظر اچي رهي هئي.

”وڃي ڪڏ ۾ پو. تو کي وڌيڪ ڪا خبر آهي؟ هن شهر ۾ ٿيندو ڇا آهي؟ جيڪو ڪجهه ڪيس سمجهه ۾ اچي ٿو ان کي لکي پاڻ وٽ محفوظ ٿو ڪري، ڪولنجي؟ (Kolonji) ڇا ”ڪرانچي (Karanchi)؟ باقي آئنده معلوم ڪبو. شايد ڪجهه ٿيو به هجي، جنهن ڪري وڌيڪ ڳچ ڳچ کان پاسو ڪيو ويو هجي. هنن سڀني ڳالهين جو نتيجو اِهو نڪتو ته ڪلاچي ڪوٽ نقشي تي جاءِ وٺي نه سگهيو.

اهڙي طرح ڪراچي گمنامي ۾ ئي رهي. سيٺ نائومل ۽ ڪراچي خوشي خوشي حياتي گذاري رهيا هئا. ڪين پنهنجي عام زندگي جي مسئلن کان سواءِ ٻيو ڪو مسئلو نه هو سواءِ هتان جي گندين گهٽين ۽ ڪچري پيريل ماحول جي. ڪين پنهنجي ديس کان پري ٿيندڙ واقعن جي باري ۾ ڪا خبر نه هئي ته اُتي ڇا ٿي رهيو هو ۽ اِهو ته هتي جي حالتن تي انهن واقعن جا ڇا اثرات مرتب ٿيندا.

ڪلهوڙن سان معرڪي ۾ ان وقت جي قلات جي خان جو سالار ڇهارڪ خان مارجي ويو هو ۽ ڪراچي ڪلهوڙن جي هٿن مان نڪري قلات جي خان جي حاڪميت ۾ اچي وئي هئي. خان ان بعد هتي هڪ فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي هئي. هڪ تاريخ نويس اسان کي ٻڌائي ٿو.

هن وقت تائين جيڪي حقيقتون اسان وٽ آهن سي انتهائي ناقص هجڻ ڪريَ انهن تي ڪنهن قسم جو ڀروسو ڪري نٿو سگهجي- لالا هتورام جي ”تاريخ بلوچستان“ پڙهڻ سان ان ڳالهه جو ڀخوبي اندازو ٿي سگهي ٿو- لالا هتورام لکي ٿو ته احمد خان جي پٽ مير محراب خان کي ميان نورمحمد ڪلهوڙي ديرا مولا وٽ قتل ڪيو هو (ڇا محراب خان ۽ جهارڪ خان ساڳي شخص جا نالا آهن؟ يا اهو ٻن نالن وارو هڪ شخص آهي؟)

هتورام وڌيڪ لکي ٿو ته، ”ڪراچي ۽ ڪوراڪا (Koraka) جا علائقا، دهلي جي بادشاه پاران عيوضي طور (مٿين خون جو عيوضو) قلات جي خان کي ڏنا ويا هئا- اهو علائقو مير نصير خان اول جي دور تائين قلات جي خان جي حاڪميتَ ۾ رهيو هو. ان وقتِ اهو تمام ننڍو ۽ غير اهم علائقو هو.

ليڪن جيستائين مون کي خبر آهي ۽ آءُ معلوم ڪري سگهيو آهيان ۽ اڪثر تاريخ نويس ان ڳالهه تي متفق آهن ته مير فتح علي خان ٽالپر ولد مير صوبدار خان ٽالپر ۽ پوٽو مير بهرام خان ٽالپر ئي هو جنهن ڪراچي ۽ آسپاس جو علائقو خان قلات کان ڇڏائي سنڌ ۾ شامل ڪيو هو- ان باري ۾ وڌيڪ مواد اڳتي ايندو.

برٽنَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته ”قديم وقت ۾ ڪراچي مڪران جي صوبي جو حصو هوندو هو“- ڇا مڪران جو صوبو به هو؟ ڇڏيو ان کي، اڳتي وڌون.

بهرحال ڪلهوڙن کان ڪراچي حاصل ڪرڻ بعد خان قلات هت پنهنجو گورنر مقرر ڪيو هو- ڪراچي جي ان پهرين گورنر جو نالو ڇا هو؟ اسان کي خبر نه آهي، خدائي ٿو ڄاڻيَ- 1793 ۾ شفي علي خان هن علائقي ۾ خان پاران مقرر ٿيل هو- چيو وڃي ٿو ته هي شخص ظالم ۽ بي رحم هوندو هو- شهرين جي دانهن تي ڪيس بدلي ڪري سندس جاءِ تي حاجي سدو (Haji Sadu) نالي شخص کي مقرر ڪيو ويو هو.

حاجي سدوءَ جو دور انتهائي مختصر ثابت ٿيو ڇاڪاڻ ته مير فتح علي خان ٽالپر اڳ ۾ ئي خان قلات کان ڪلاچي ڪوٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تياريون مڪمل ڪري ورتيون هيون.

# سنڌ ڏانهن واپسي

سنڌ جو تمدن قديم آهي. ان جي قدامت پنج هزار سالن بلڪ اُن کان به مٿي چئي وڃي ٿي- جيئن اسان گذريل مضمون ۾ به ٻڌايو آهي ته سنڌ جو ذڪر مهاڀارت (هندن جو هڪ پاڪ ڪتاب) ۾ پڻ ڪيو ويو آهي- شايد رامائڻ ۾ پڻ سنڌ جو ذڪر موجود آهي- تاريخ جي ڪيترن عالمن جو يقين جي حد تائين خيال آهي ته رام چندر هنگلاج ويندي ڪان اڳ ۾ رام باغ (موجوده آرام باغ) وٽ ترسيو هو- انهيءَ جي ڪري ڪيترن عالمن جو خيال آهي ته موهن جو دڙو ته سنڌ جي تاريخ جو وچولو زمانو آهي ۽ سنڌ جي تمدن جي تاريخ ته اُن کان به هزارين سال وڌيڪ پراڻي آهي-

هاڻي اسان کي خبر پئي ته موهن جي دڙي جي تهذيب جي تباهي کان پوءِ هندوستان ۾ ڪيترائي اهم واقعا ٿي رهيا هئا ته پوءِ آخر ڪهڙي سبب جي ڪري سنڌ جي تاريخ صرف هڪ هزار سالن تائين مشڪل سان ملي ٿي ؟

اسان جي خيال ۾ ان جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا. اول اهو ته سنڌ جاگرافي طرح پنهنجي پروارن علائقن کان ڪٽيل آهي. اوپر ۾ هڪ وڏو رڻ ڪڇ ٻين کان جدا ڪيو بيٺو آهي- ڏکڻ ۾ سمنڊ ۽ اولهه ۾ وري جبل سي به غير آباد. انهن سڀني جي ڪري هي ملڪ هميشه جدا ۽ ڌار رهيو آهي. انهن قدرتي رڪاوٽن فاتحن ۽ فوجي سالارن کي ڪائنس پري رکيو آهي. جن ماڻهن پنهنجو ڌيان هن اڻ وٽندڙ خطي ڏانهن ڏنو آهي سي پڻ خراج وٺي ويندا رهيا. اِهو درست آهي ته انهن مان ڪيترن پنهنجا گورنر وغيره پڻ مقرر ڪيا هئا، ليڪن اڪثر طرح

ڪو مقامي شخص ئي هن جو نمائندو هوندو هو. سنڌ هڪ ڪنٽيل ملڪ ئي رهيو آهي. ليڪن ٻئي طرف انهن سڀن جي ڪري سنڌ گهڻي عرصي تائين پنهنجي آزادي برقرار رکي سگهي هئي. جيتوڻيڪ انگريز پڻ ساڳي دور ۾ هتي پهتا هئا جڏهن اُهي هندوستان جي ٻين علائقن ۾ پهتا هئا. ليڪن هن پلاسي جي جنگ (1775) کان اٽڪل اسي (80) سال پوءِ سنڌ فتح ڪئي هئي۔

انگريزن کان اڳ وارن حڪمرانن سنڌ جي ان طبعي بيهڪ جو پورو پورو فائدو ورتو ۽ ان کي عملي طرح اڪيلو علائقو ڪري رکيو، جڻ ان جو ڪنهن سان واسطو ئي نہ هو۔ هڪ دفعي ايئن بہ ٿيو تہ ڪو سياح، ملڪ جي سير تي آيو هو ۽ ملڪ جي اندرين علائقن جو سير ڪيائين تہ اوچتو ڪيس قتل ڪيو ويو. قتل جو سبب اِهو ٻڌايو ويو تہ هي شخص ٻاهرين دنيا کي ملڪ جي خوشحالي جي بارِي ۾ ٻڌائيندو ۽ نتيجي ۾ ٻيا ماڻهو هتي اچڻ شروع ٿيندا. ٻين ماڻهن جي اچڻ ڪري هتي جي ماڻهن جي خوشحالي ختم ٿي ويندي. ظاهر آهي اهڙي سوچ جي هوندي سياحن جي اچ وڃ کي تجارتي بنيادن تي هلائي نٿو سگهجي۔

سنڌ متعلق معلومات گهٽ هجڻ جو ٻيو سبب پڻ آهي۔ اِهو آهي هتي جي قبيلن جي خونريز جنگين جو هجڻ۔ اهي جنگيون سالن جا سال، نسل در نسل هلنديون هيون. ممڪن آهي تہ جنگين دوران ڪيترائي ڪتبخانہ تباه ٿي ويا هجن ۽ انهن ۾ گڏٿيل تاريخي مواد پڻ تباه ٿي ويو هجي. سنڌ جي آڳاٽي تاريخ متعلق جيڪي مستند ڪتاب آهن، انهن ۾ ”چچ نامو“ ”تاريخ طاهري“ ۽ ”تاريخ معصومي“ اچي وڃن ٿا. آخري ٻہ ڪتاب 1600_1700 جي وچ ڌاري لکيا ويا هئا ۽ جن ۾ صرف عربن جي فتح کان پوءِ جو احوال ڏنو ويو آهي. چچ نامو يا فتح نامہ سنڌ 1250 عيسوي ڌاري لکيو ويو هو ۽ ويهين صدي جي اوائل ۾ ان جو ترجمو ڪيو ويو۔ ”تحفتہ الڪرام“ صرف ٻہ سؤ سال پراڻو آهي ڇاڪاڻ تہ اِهو ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيو ويو هو۔ سنڌ متعلق ٿورو گهڻو احوال ”آئين اڪبري“ ۾ پڻ ملي ٿو، جيڪو ظاهر آهي تہ

صرف اڪبر اعظم جي دور تائين محدود آهي.

ڇا ان جو مطلب اِهو آهي ته 710 عيسوي ۽ ان جي لڳ ڀڳ واري عرصي دوران سنڌ ۽ سنڌين متعلق ڪجهه نه ڪجهه لکيو ويو هو، اهڙي ڳالهه يقين ۾ نٿي اچي. جيڪڏهن ڪجهه لکيو ويو هو ته اِهو ڪاڏي ويو؟ ان جو ڇا ٿيو؟ ڇا اسان ان مواد جي حاصل ڪرڻ لاءِ هيتري دير سان ڪوششون شروع ڪري سگهون ٿا؟ ۽ ڇا اُهي بار آور ٿينديون؟ چئي نٿو سگهجي.

سنڌ متعلق تاريخي مواد جي گهٽ دستيابي جو هڪ سبب ماڻهن جي لڏ پلاڻ پڻ ٿي سگهي ٿو. اياَمن ڪان ونئي هي علائقو صوفين ۽ عالمن لاءِ ڪشش جو باعث رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي ته دنيا جي مختلف علائقن مان ڪيترائي صوفي ۽ عالم سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا ۽ نتيجي ۾ سنڌ کي گهڻو ڏنو ۽ ان کان پڻ گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائون. امڪان آهي ته تاريخ جي ڪنهن دور ۾ هتان پڻ وڏي تعداد ۾ ماڻهو لڏي وڃي ٻين هنڌن تي آباد ٿيا هجن. اهڙو واقعو اسان جي سامهون ۽ ٿورو ئي وقت اڳ ٿيو آهي. ڪنهن کي خبر هئي ته هنڌن سان گڏ ڪهڙا اهم ڪاغذ، دستاويز وغيره هتان سرحد پار ويا هجن، ڇا اهڙي قسم ۽ ايڏي پيماني تي اهڙو واقعو اِن کان پهريان به ٿيو هو؟

ڇيو وڃي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ ڏاريجن جي علائقي تي راٺا قوم حڪومت ڪئي هئي ۽ ڪراچي ۽ ان جي آس پاس علائقي تي جوڌ پور جي راجپوتن جو راڄ هو. سوال آهي ته انهن جا نالا ڇا هئا؟ سندن تفصيل ڪهڙو آهي؟ ڇا ان نامعلوم دور جي باري ۾ ڪا تاريخي معلومات جوڌپور يا جيپور جي ڪتب خانن ۾ دستياب ٿي سگهي ٿي؟

ٻيو سبب اِهو ٿي سگهي ٿو جيئن مون پهرين عرض ڪيو آهي ته ارغون ۽ ترخان، هتان قرلت ڪري واپس پنهنجي وطن موٽي ويندا هئا. ڇا اهي پاڻ سان گڏ ڪو قديم تاريخي مواد ڪٽي ويا هئا؟ ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

مون اهي سوال ان ڪري اٿاريا آهن ته جيئن تاريخدانن کي انهن جا جواب ڳولڻ ۾ سهولت ٿئي. تاريخدان ئي اصل ۾ اهڙن سوالن جي

جواب ڏيڻ جي اهليت رکن ٿا. مون کي اعتراف آهي ته آءُ عالم يا تاريخدان نه بلڪ هڪ عام قاري ۽ طالب علم آهيان.

اها پڻ حقيقت آهي ته گذريل ست اٺ سو سالن اندر جيڪي ماٺهو شاهي تخت تي ويٺا هئا ۽ حڪومتون هلايون هئائون، انهن جي تخت نشيني جي تاريخن تي پڻ اختلاف آهن ۽ ڪا صحيح تاريخ نه ٿي ملي. اسان کي انهن شاهي گهراڻن جي معلومات نٿي ملي جن هتي حڪومتون ڪيون هيون ۽ انهن جي عروج ۽ زوال جون تاريخون غير يقيني آهن.

اڄ (74-8-11) تي ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي سنڌ جي قديم شهرن جي باري ۾ مذاڪرو هو. سکر ۽ روهڙي ان ڏينهن بحث جا موضوع هئا. سوال هو ته ڇا سکر روهڙي کان قديم آهي يا روهڙي سکر کان وڌيڪ پراڻو آهي؟ ڇا بکر ۽ اروڙ ڪنهن زماني ۾ هڪ هئا يا اهي پن جدا ماڳن جا نالا هئا؟. اهو بحث تمام ڪار آمد ۽ مفيد هو. ليڪن معلومات جي گهٽتائيءَ ڪري ڪنهن خاص نتيجي تي پهچڻ ڏکيو هو. سنڌ متعلق ڪارآمد معلومات جي گهٽتائي شدت سان محسوس ڪئي پئي وئي. عالمن کي ان ڳالهه جو احساس آهي.

ڊاڪٽر سورلي جنهن 1968 وارو گزيٽيئر ايڊٽ ڪيو آهي جو چوڻ آهي ته ڪنهن به هڪ شخص لاءِ اهو ناممڪن آهي ته هو اڪيلي سر سنڌ جي تاريخ مرتب ڪري سگهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته تڪليفون تمام گهٽيون آهن. ليڪن اسان ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهون ٿا ته سنڌ ۾ هر طرف سجاڳي نظر اچي رهي آهي ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ تاريخدانن جو بورڊ تشڪيل ڏئي سگهجي ٿو ليڪن ڪنهن فرد لاءِ اڪيلي سر اهو ڪم وڏو بلڪ تمام مشڪل آهي. ان تجويز ڪرده بورڊ ۾ نامور تاريخدان ۽ آثار قديم جا ماهر شامل ڪيا وڃن ته جيئن سندن ڪوشش سان سنڌ جي ماضيءَ تي پيل پردو هٽي سگهي ۽ حقيقتون ظاهر ٿين.

هن وقت تائين جيڪو به ڪم ٿيو آهي ان جي مدد سان مشڪل سان ڪجهه سؤ سالن تائين مس وڃي ٿو سگهجي. خدا جو شڪر آهي

ته 1700 عيسوي کان وٺي دنيا ويجهي کان ويجهي ٿيندي ٿي وڃي ۽ ڪنهن هڪ هنڌ ٿيندڙ واقعو ٻين کي خاص طرح ان جي پاڙي وارن کي ضرور متاثر ڪري ٿو. اهڙو هڪ واقعو 1707ع ۾ پڻ ٿيو هو. ان سال جي ٢١ فيبروري جي رات جو شهنشاهِ هند اورنگزيب عالمگير نماز پوري ڪري مس ويٺو ته تڪليف جي شڪايت ڪيائين ۽ ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ وڃي مالڪ حقيقي سان مليو. اِهو واقعو اصل ۾ مغل سلطنت جي تباهي ۽ خاتمي جي شروعات هئي.

جيئن ئي مغلن جي سج لهڻ شروع ڪيو ته انهن تارن نڪرڻ شروع ڪيو جيڪي هن کان اڳ صدين تائين لڪا پيا هئا، گمنامي جي چادر ۾ ويڙهيا پيا هئا. ڪيترين ئي ننڍين رياستن يا ملڪن هڪ دفعو وري آزاديءَ جو اعلان ڪيو ۽ ڪيترائي ملڪ مغلن جي تسلط کان آزاد ٿي ويا. ڪن ٿورن ملڪن جي اهڙي اعلان آزادي کي للڪاريو ويو هو نه ته ٿيو پلو.

ان زماني ۾ سنڌ اندر ڪلهوڙن جو عروج شروع ٿيو هو. ڪلهوڙا اصل ۾ پيري مريدي ڪندڙ هئا ۽ پاڻ پيرن مان ڦري سياسي اثر رسوخ وارا ٿيا هئا. سندن اثر رسوخ آهستي آهستي تسليم ٿيڻ لڳو هو. اورنگزيب جي وفات وقت ڪلهوڙن کي هتي مغلن جو نائب تسليم ڪيو ويو هو ۽ اُن بعد ايران جي حاڪمن پڻ کين ساڳي حيثيت سان مڃيو هو. ان کان پوءِ جي 35 سالن جي عرصي اندر هنن پاڻ کي نيم- آزاد حاڪمن جي طور تي تسليم ڪرائي ورتو هو. جيئن ته ان زماني ۾ مغلن جي سلطنت ۾ هر طرف افراتفري جو دور هو، ان لُڙ ۾ ڪلهوڙن پڻ پاڻ کي مڪمل آزاد حڪمرانن جي حيثيت ۾ مڃرائي ورتو هو.

ڪلهوڙن کان پوءِ سنڌ جي آسمان تي جيڪو تارو چمڪيو هو اُهو هو ٽالپر بلوچن جو تارو. ڪلهوڙا ٽالپرن جا مرشد هئا، جن کين پنهنجي حڪومت اندر اهم عهدا ڏنا هئا ۽ اهميت جي جاين تي مقرر ڪيو هو. ليڪن اڳتي هلي هنن پنهنجي وفادار مريدن تي سختيون ڪيون ۽ سندن ڪيترن ئي اهم شخصيتن کي قتل ڪرايو هو. اِهو سلسلو اُن وقت تائين جاري رهيو جيستائين ٽالپرن جي صبر جو پيمانو

لبريز نہ ٿيو هو. پنهنجي مريدن جو ستارو چمڪندو ڏسي ڪلهوڙا حسد ۾ سڙي ويا هئا. اهوئي سبب آهي تہ هنن ٽالپرن تي ڪنهن قسم جو اعتبار نٿي ڪيو. پنهي ڌرين جي وچ ۾ بد اعتمادي وڌي وئي هئي. آخر ٽالپرن ڪلهوڙن جو اقتدار هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

نہ صرف ٽالپرن بلڪہ عام شهري پڻ ڪلهوڙن ڪان بيزار ٿيا ويٺا هئا ۽ چاهيائون ٿي تہ هنن جو اقتدار جيترو جلد ختم ٿئي اوترو بهتر. آخر ڪلهوڙن جي اسي (80) سالن جي اقتدار ۾ رهڻ ڪان پوءِ ٽالپرن اچي سندن جاءِ ورتي هئي. اهڙي طرح ٽالپرن جي چئن يارن جي اقتدار جو دور شروع ٿيو هو. ٽالپرن جي انتظامي ڍانچي کي گڏيل موڙي واري ڪمپني (Joint Stock Company) سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي. فرق صرف اِهو آهي تہ ٽالپر اڪائونٽنس رکڻ جا عادي نہ هئا ۽ نہ ئي کين اهڙي ضرورت هئي. ٽالپر ايماندار هئا سندن ايمانداري ۽ ذاتي شرافت ۾ ڪو ڪلام نہ آهي.

مير فتح علي خان 1786 ۾ حاڪم اعليٰ جا فرائض سنڀاليا هئا. سندس گاديءَ جو هنڌ حيدرآباد هو. هن سان اقتدار ۾ سندس جيڪي ڀائر شريڪ هئا سي هئا مير غلام علي خان ٽالپر، مير ڪرم علي خان ٽالپر ۽ مير مراد علي خان ٽالپر. اِها هئي مير صاحبن جي پهرين چوياري. مير فتح علي خان هڪ دور انديش حاڪم هو. اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ ڪجهہ سالن اندر هن ڪراچي جي اهميت محسوس ڪري ورتي هئي. ٻاهرين ملڪن سان واپار ۾ اضافو ٿي رهيو هو. ان ڪري هن پنهنجي هٿ هيٺ هڪ بندر (Port) جي ضرورت محسوس ڪري ورتي هئي. ڪراچي جو انتخاب فطري هو.

ٻئي طرف خان قلات لاءِ هي علائقو بيڪار ۽ ڪنهن ڪم جو نہ هو. هي علائقو قلات ڪان گهڻو پري هو ۽ وچ ۾ وسيع ليڪن غيرآباد علائقو هو جتي ٿورو قبائلين جو حڪم هلندو هو. ان ڪان علاوه خان کي پيا بہ ڪيترائي مسئلا درپيش هئا جنهن ڪري هو ڪوراڪولا، ڪرانچي، ڪلاچي ڪوٽ يا جيڪو نالو توهان کي پسند اچي ان سان پڪاري سگهو ٿا، ڌانهن ڌيان ڏيئي نٿي سگهيو. ڪيس شايد موقعي

جي تلاش هئي ته جيئن هو پاڻ کي هن ذميواري مان باعزت طور آزاد ڪرائي سگهي. اهڙو موقعو ڪيس تمام جلد ميسر ٿيڻ وارو هو.

1792ع ۾ ان جي لڳ ڀڳ مير فتح علي خان ڪراچي جي فتح ڪرڻ جي تيارين ۾ مصروف هو ۽ ان مقصد لاءِ هڪ جٿو پڻ تيار ڪيو ويو هو. ميان فقيري ۽ ميان پاليءَ (Mian Palia) جي سربراهي ۾ 15000 جوانن تي مشتمل هڪ فوجي دستو روانو ٿيو هو، جنهن ڪلاڪوٽ جي ويجهو نئين لياري تي خيما کوڙيا هئا. مروج هٿيارن کان علاوه توبون ۽ بندوقون پڻ اِن لشڪر وٽ موجود هيون.

ڪلاچي جو ڪوٽ ان زماني ۾ جهنگ جي وچ ۾ هو ۽ ان جي چوڌاري ٿوهر وغيره جا وڻ موجود هيا جنهن ڪري رهائش جي نقطي نظر کان اها ڪا بهتر جڳهه نه هئي. ڪوٽ مضبوط هو. مسقط ۽ عمان کان گهرايل توبون نصب ڪيل هيون جيڪي هڪ پاڪدامن خاتون بيبي مرادان جي مشهوري ڪان پوءِ نصب ڪيون ويون هيون. (ڪوشش جي باوجود مون کي خبر نه پئجي سگهي آهي ته هوءَ ڪير هئي، ڪنهن جي ڌيءُ هئي وغيره) قلعي يا ڪوٽ اندر اٽڪل 500 ماڻهو رهندا هئا. قلعي جو سالار هڪ ديوان هندو لالا ملرام داس هوندو هو.

اُن وقت جي مواصلاتي ۽ آمدرفت جي تڪليفن کي ڏسندي هڪ سو ميلن کان ڪاڏي پيتي جي پهچ (Supply) قائم رکڻ يقينن هڪ مشڪل ڳالهه هئي ۽ ڪنهن به حالت ۾ اهو ڪم آسان نه هو. حملاآور فوج، يقينا مشڪلات ۾ هئي. ليڪن قلعي ۾ مقيم ماڻهن کي ڪا تڪليف نه هئي. هن جا رستا ڪليل ۽ پهچ جاري هئي.

بهرحال قلعي ۾ مقيم ماڻهن کي جيڪي به مسئلا درپيش هئا، انهن ۾ پاڻي جي فراهمي خاص اهميت وارو هو. انهن ڏينهن ۾ مٺو پاڻي، نئين لياري ۾ کوه کوٽي حاصل ڪيو ويندو هو. ليڪن جنرل فقيري ۽ هن جي فوج جي موجودگي ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ خطري کان خالي نه هو. ان ڪري قلعي جي مڪينن کي شايد ڪلاچي جي ڪُنَ (سمنڊ) مان پاڻي حاصل ڪرڻو پوندو هو، يا چئجي ته نئين لياري جي چوڙ وٽان پاڻي حاصل ڪندا هئا.

جنرل فقيري طرفان اِهو گهيرو ٻه مهينا جاري رهيو هو ليڪن ڪيس ڪو مثبت نتيجو حاصل نه ٿيو هو. آخر بيزار ٿي گهيرو ختم ڪيو ويو ۽ فوج موٽي حيدرآباد وئي.

مير فتح علي خان پڪي ارادي وارو شخص هو. هو جيڪو ٻه ڪم هٿ ۾ ڪٽندو هو ان کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ئي سک سان ويهندو هو. اڃان سال ٻه نه گذريو هو ته هن 20000 نوجوانن تي مشتمل هڪ ٻيو فوجي جٿو موڪليو ته وڃي ڪُلاچيءَ جو ڪُن فتح ڪن. ليڪن ان لشڪر کي پڻ قلعي جا دروازا بند مليا. هن دفعي حملا آورن ۽ قلعي ۾ محصور مڪينن جا تعلقات پهريان کان وڌيڪ خراب هئا. اهوئي سبب آهي ته هن دفعي جو گهيرو ٽي مهينا هليو ۽ هڪ ڀيرو وري ميان فقيري ۽ ميان پاله کي ڪي واپس گهرايو ويو هو. سندن صلاح سان گهيرو ختم ڪري فوج کي حيدرآباد واپس گهرايو ويو هو.

هڪ سال گذرڻ بعد هڪ دفعو وري مير فتح علي خان 20000 فوجين جو جٿو ڪراچيءَ جي فتح لاءِ موڪليو هو. اِهو واقعو سال 1795 جو آهي. هاڻي سيٺ ڀوڄومل ۽ ان جو قبيلو جن قلعي جي حفاظت پاڻ تي کنئي هئي، بيزار ٿي پيا هئا. ان بيزاريءَ جا ڪيترائي سبب هئا. هڪ ته مٺي پاڻي جي اڻاٺ، بدبودار ۽ گندو ماحول ۽ اهم ڳالهه ته لڳاتار جنگ جو ماحول. انهن سڀني ڳالهين گڏجي هنن جي بيزاري ۾ اضافو ڪيو هو.

ليڪن سڀ کان اهم ڳالهه ته مير ڪرم علي خان (چوياري مان هڪ مير صاحب ۽ مير فتح علي خان جو ڀاءُ) هڪ ذاتي خط ديوان ڏرياڻه مل کي لکيو هو. مير صاحب لکي ٿو ته "آخر تو کي هن ٽڪري جو بچاءُ ڪندي ڇا ٿو ملي؟ تو کي فڪر ڇا جو آهي، آءُ تون کي يقين ٿو ڏياريان ته خان (قلات جي خان) جي پيٽ ۾ مون وٽ سکيو نه ته ڏکيو نه هوندين".

مير ڪرم علي خان جو اهو خط اثرائتو ثابت ٿيو. هونئن ٻه لالا بلرامداس کي خان قلات کان ڪنهن به قسم جي مدد نٿي پهتي. آخر ڪيستائين ٻئي جي علائقي جو پنهنجي پيسن سان بچاءُ ڪرڻ ضروري

هو؟ هر حملو ڪيئن حساب ڪرڻ تي مجبور ڪندو هو ته پنهنجي ڪمائي مان هن ڪيترو خرچ ڪيو هو ۽ ڪيس ڇا مليو هو؟

ڪرم علي خان جي خط پهچڻ بعد سيٺ، قلات جي خان کي لکيو هو ته هو سندس مدد ڪري ۽ ڪيس صلاح پڻ ڏي ته ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي- ليڪن خان کي ٻيون ئي ڪيتريون پريشانيون هيون. ان ڪري ڪيس هن بيڪار زمين جي ٽڪري سان ڪا دلچسپي نه هئي. هن سيٺ کي لکيو ته هو پاڻ فيصلو ڪري ته ڪيس ڇاڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪيس دفاع ڪندي ڪا مشڪلات پيش اچي ته هو دفاع ڪرڻ ڇڏي ڏي. ڪيس ڪو رنج نه ٿيندو.

سيٺ جڏهن محسوس ڪيو ته هن تي هاٽي ڪا ميار نه ايندي ۽ ڪيس ڪوبه شخص "غداري" جو طعنو نه ڏيندو، عين ان مهل هن ميرن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا. ان وقت حاجي شدو، خان قلات طرفان ڪراچي جو گورنر هو جنهن جي ذاتي نگراني ۾ سيٺ ڏريانامل قلات تائين سفر ڪيو هو.

قلعي جون ڪنجيون ميان فقيري ۽ ميان پالئي (Pālia) جي حوالي ڪيون ويون، جيڪي فوج جا سالار هئا- هٿيارن ڦٽي ڪرڻ ۽ ڪنجي حوالي ڪرڻ جي تاريخ 11 اربع ڇٺي وچي ٿي. ٻنهي فاتح سالارن کي سيٺ ڏريانامل پنهنجي گهر وٺي ويو هو جتي سندن سٺو آڌرڀاءُ ڪيو ويو هو ۽ گلاب جي پاڻي ۽ شربت سان سندن تواضح ڪئي وئي هئي.

هن نئين فتح ڪيل علائقي جي حفاظت لاءِ ميرن طرفان هڪ نواب گورنر مقرر ڪيو ويو هو. ان جي مدد لاءِ ڪرمتي قبيلي جا اٽڪل هڪ سو (100) ماڻهو سندن ماتحتي ۾ ڏنا ويا هئا. نواب جو نالو شايد احمد خان يرڳڙي هو. بهرحال مون کي نالي جي پوري خاطري نه آهي.

برفتن جا قبا؟ هتي آءُ جيڪڏهن پنهنجي اصل موضوع کان هٽي وڃان ته مهربان پڙهندڙ مون کي معاف ڪن- چوڪنڊي جي مقبرن جي اصليت جي باري ۾ اڃان تائين مونجهارو آهي ۽ ڪو واضح نظريو سامهون اچي نه سگهيو آهي. انهن مقبرن کان علاوه منگهي پير تي پڻ ڪجهه قبا ۽ مقبرا آهن- چوڪنڊي ۽ منگهي پير جي مقبرن کي گڏائي برفتن

جا مقبرا ڇيو ويندو آهي. ممڪن آهي ته منهنجي ڳالهه تاريخدانن کي پسند نه اچي، ليڪن اختلاف جي ته بهرحال گنجائش موجود آهي- ان ڪري آءُ چوندس ته اهي برفتن جا قبا نه بلڪ جوکين جا قبا آهن- منگهي پير وٽ قبن جي باري ۾ آءُ يقين سان چئي نٿو سگهان ڇاڪاڻ ته مون انهن جو مطالعو نه ڪيو آهي- ليڪن چوکنڊي جي مقبري کي مون گهڻي سوچ ويچار سان ڏٺو آهي، انهن جو مطالعو ڪيو آهي.

ڪيترن قبن تي نالا لکيل آهن- انگ اکر پڻ ڏنل آهن- جيڪي نالا آءُ پڙهي سگهيو آهيان، ان مان اِها حقيقت واضع ٿئي ٿي ته چوکنڊي وارا قبا اصل ۾ جوکين جا قَبا آهن، جتي جوکين جا بزرگ ابدي آرام ۾ ستل آهن- وڌيڪ اهو ته برفت اصل ۾ نومڙين جي هڪ شاخ آهن- برفت ۽ جوکين جي پاڻ ۾ دشمني نسلن کان هلندي پئي آئي- ان ڪري هو ڪنهن جاءِ تي رهي نٿي سگهيا.

برفت يا نومڙيا چيو وڃي ٿو ته راجپوت آهن، جن ڪنهن سمي ٻيلي (لسٻيلي) تي حڪومت ڪئي هئي- هن اڳتي هلي اسلام قبول ڪيو هو- لسٻيلي جي حڪومت وڃائڻ کان پوءِ ڪين اُتان نڪرڻو پيو هو- ليڪن ڪين ڪوٽڙي ۽ درياه جي وچ واري جابلو علائقي ۾ آباد ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.

انهن جي برعڪس جوکيا اصل ۾ ڪنگور (جيڪو شاه بلاول جي پرسان آهي) جا رهاڪو هئا- اُتان لڏي اچي نئين ملير تي آباديون قائم ڪيون هئايون، جنهن وقت ڪراچي خان قلات جي حڪومت کان موٽي سنڌ کي ملي هئي. ان وقت جوکين جي سردار جو نالو درياه خان هو.

ان واقعي کان گهڻو اڳ ۾ جوکين مان هڪ شخص نالي بجار خان، غلام شاه ڪلهوڙي وٽ ملازمت اختيار ڪئي هئي. غلام شاه ڪلهوڙي جي چوڻ ۽ هشيءَ تي هن شخص ذاريجا پرڳڻي جي حاڪم راڻا ارجن کي قتل ڪيو هو. راڻا ارجن اصل ۾ راجپوتن جي اولاد مان هو، ان جي عيوض غلام شاه ڪلهوڙي، بجار خان کي جوکين جو سردار ياڄام مقرر ڪيو هو ۽ اهڙي طرح جوکيا ٿوري گهڻي اهميت اختيار

ڪرڻ لڳا هئا. جوکين جو موجوده ڄام (1974) حاجي مراد خان آهي. ۽ ملير ۾ رهي ٿو.

جوکين سيٺ پوجومل ۽ سندس ڪٽنب جي ملازمت اختيار ڪئي هئي ۽ انهن لاءِ ڪيتريون خدمتون پڻ بجا آنديون هيون. ان بعد هنن ٽالپرن جي ملازمت اختيار ڪئي هئي، ڪين پهريان پهريداري ۽ بعد ۾ مال برداري تي معمور ڪيو ويو هو. آهستي آهستي جوکيا ڪراچي ۽ ان جي آسپاس اچي رهڻ لڳا هئا. فطري ڳالهه اها آهي ته ماڻهو جتي رهندو آهي (اڪثر طرح) اتي ئي دفن ٿيڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. اهڙي طرح چوکنڊي جو مقام يا قبرستان وجود ۾ آيو هو ۽ وقت سان گڏ وڌندو ٿي رهيو.

چوکنڊي جا پٿر پڙهندي مون کي هڪ ڪهاڻي ڏسڻ ۾ آئي هئي جيڪا آءُ توهان کي ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان، ان جو ذڪر ٿورو اڳتي ايندو، متان سمجهو ته اها ڪا پرولي يا ٻاراڻي ڳالهه هوندي. نه بلڪل نه، اها سچ پچ موت ۽ حياتي جي ڪشمڪش هئي هڪ پاسي اڪيلو شخص هو ته ٻئي طرف وڙهندڙن جو تعداد گهڻو هو.

آءُ ڪوششن ۾ آهيان ته چوکنڊي جي مقام ۾ درياه خان جوکي جي قبر ڳولي لهان ۽ جيڪڏهن اِها ملي ته توهان کي ان جو فوٽو ڏيکاريندس.

جوکين کي هتي ڇڏي اسان کي هڪ دفعو وري ان مقام تي موٽڻ گهرجي جتي ميان فقيرو ۽ پاليو شربت پي رهيا هئا. جنهن جاءِ ۾ هو شربت پئي رهيا هئا، اِها سيٺ ڏريانا مل جو گهر هو. جنگ ختم ٿي چڪي هئي ۽ هاڻي هر طرف امن ۽ سڪون لڳو پيو هو. اڄ جي هن قصي کي هتي ٿا ڇڏيون. قصي جي باقي رهيل حصي کي آئنده ڪٽنداسين.

# اميد جي واٽ

ٿورو وقت اڳ ۾ اسان سيٺ ڏريانامل، جنرل فقيري ۽ جنرل پاليئي (Palia) کي سيٺ جي گهر شربت نوش ڪندي ڇڏي آيا هئا سين. بظاهر ته معاملو خير خوبي سان ختم ٿي چڪو هو. ڇا توهان محسوس نٿا ڪريو ته ڏرين جون دليون صاف نه ٿيون هيون؟ ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ جي هن لڙائيءَ ۾ ٻنهي ڌرين کي پنهنجي جنگي صلاحيتن کي آزمائڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو نه مليو هو. شايد اهو ئي سبب آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ دشمني باقي هئي ۽ اِن جا اهڃاڻ پڻ موجود هئا.

اهو سوچڻ جو مقام آهي ته آخر ڇاڪاڻ سرونسٽن چرچل (Sir wanston churchill) جرمني جي ڊڪٽيٽر هٽلر (Hitler) کي للڪاريندي چيو هو ته ”حضرت اچ ته منهان منهن مقابلو ٿي وڃي“- ان کان جلد پوءِ ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي تي سخت حملا ڪيا هئا ۽ آخر چرچل کي فتح نصيب ٿي هئي ۽ اِها فتح مڪمل فتح هئي.

بهرحال اسان کي ڏٺٽي ڇا جي؟ لڙائي کهڙي به ڇو نه ٿي هجي، چاهي اِها نورا ڪشتي ئي ڇو نه هجي، ليڪن حقيقت اِها آهي ته ڪراچي هڪڙن جي هٿن مان نڪري ٻين جي هٿن ۾ پهچي چڪي هئي- اسان ڏسي آيا آهيون ته خان قلات هر حالت ۾ پنهنجي جان ڇڏائڻ پئي چاهي ۽ ان مقصد لاءِ ڪيس سنو بهانو هٿ اچي ويو هو. بهرحال جيڪو قسمت کي منظور هو سو ٿيو. ليڪن ڇا هن شهر جا رهواسي امن ۽ يائيچاري سان رهڻ لڳا هئا؟ افسوس آهي ته ايئن ٿي نه سگهيو- بهرحال مون جن واقعن جو ذڪر ڪيو آهي سي 1795 جي

سال دوران ٿيا هئا. اڄو ڏسو ته ان عرصي دوران دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ڇا ٿي رهيو هو. ان سال جي اپريل مهيني ۾ لارڊ ورين هسٽنگس (Lord Warren Hstings) کي مٿس هلندڙ ڪيس مان آزاد ڪيو ويو هو. برطانيه ڪيپ آف گڊ هوپ (Kape of Good Hope) تي قبضو ڪيو هو. پولنڊ کي ٽيون دفعو ورهايو ويو هو. پيرس ۾ بغاوت ۽ فرانس تي ڊاريڪٽري (Directory) * جا اهم واقعا ان سال جا آهن.

چند سال اڳ ۾ پلاسي جي جنگ وڙهي وئي جنهن ۾ بنگال جي نواب سراج الدو له کي مقامي غدارن جي ڪري شڪست آئي هئي ۽ برطانيه جي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوج جي فتح ٿي هئي. ڪجهه عرصي بعد ميسور جي ٽيپو سلطان کي پڻ شڪست آئي هئي.

آمريڪا جي جنگ آزادي جو تازو تازو خاتمو ٿيو هو ۽ برطانيه ۽ آمريڪا جي وچ ۾ صلح صفائي وارو ماحول تيار ٿي رهيو هو.

صرف ٻن سالن ۾ (1793) فرانس جي بادشاه لوئيس سورهين (Louis -xvi) کي قتل ڪيو ويو هو. ڇا اِهو اهم واقعو توهان کي ياد نه آهي؟ ضرور ياد هوندو.

ڇا توهان محسوس ڪري رهيا آهيو ته آءُ ڇا ٿو چوڻ چاهيان؟ چوڻ جو مطلب اِهو آهي ته اسان کي انهن واقعن جي بهتر معلومات آهي تورِي جو اهي اسان جي دنيا کان گهڻو پري ٿي رهيا هئا. ليڪن افسوس جو مقام آهي ته ان زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن جو علم نه آهي ته هتي ڇا ٿي رهيو هو ۽ ڇو ٿي رهيو هو، انهن جو تفصيل ڪهڙو هو، انهن جا اسباب ڇا هئا وغيره وغيره. 1795 جي ماحول ۾ ڪراچي ته ڇڏيو، سنڌ به ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ نه هئي.

بهرحال جيئن ته برطانوي حڪومت اسان جي ويجهو هئي، ان ڪري اسان ڏسون ٿا ته هن هڪ فيڪٽري ٺٽي ۾ قائم ڪئي هئي. سر چارلس نيپيئر جي عمر ان وقت تيرنهن (13) سال هئي ۽ هو ٻاراڻين

---

* نوٽ: فرانس ۾ انقلاب (1789) دوران چند ماڻهن حڪومت تي قبضو ڪيو هو. ان ٽولي کي ڊاريڪٽري چيو ويندو آهي. فرانس جو انقلاب اڳ ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو.

راندين ۾ مشغول هو. رچرڊ برٽن ته اجا ڄائو به نه هو.

ڇا اسان انهن ماڻهن جي باري ۾ ڄاڻي سگهون ٿا جن اڳتي هلي سنڌ جي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو؟ ڪاش ائين ٿئي. ليڪن اهي سڀ سڌون آهن ۽ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

اسان ڪي سيٺ ڏريانامل جي گهر واپس موٽڻ گهرجي جتان شربت پيئڻ کان پوءِ جلد ئي ٽالپرن پنهنجي فوج ڪي واپس گهرايو هو. مير صاحبن ڪراچي جي انتظام لاءِ هڪ سو سپاهين جي مدد سان هڪ گورنر مقرر ڪيو هو. اهي سپاهي ڪرمتي قبيلي سان واسطو رکندڙ هئا.

سيٺ ڏريانامل جي مدد جي بدلي ۾ مير صاحبن ڪراچيءَ مان ملندڙ محصول سيٺ ڪي انعام طور ڏيڻ ٿي چاهيو. ليڪن هن ونڻ کان انڪار ڪيو. آخر سندس برآمد ۽ درآمد ٿيندڙ مال تي عائد محصول جو ٽيون حصو معاف ڪيو ويو هو. اِها رعايت پڻ سيٺ ڏاڍي مشڪل سان قبول ڪئي هئي. وڌيڪ اهو ته سيٺ ڪي اجازت ڏني وئي هئي ته هو پنهنجي ضرورت جيترو شرابَ ٺاهي سگهيو ٿي ليڪن اِن کان وڌيڪ بلڪل نه.

آهسته آهسته ميرن ۽ سيٺ جا تعلقات دوستانه ٿيندا ويا. ۽ آخر سيٺ ڪي دعوت ڏئي حيدرآباد گهرايو ويو هو. حيدرآباد ۾ سندس شاهاڻو آڌرڀاءُ ڪيو ويو هو ۽ پورو هڪ مهينو ڪين شاهي مهمان طور رهائڻ بعد سوکڙيون پاکڙيون ڏئي واپس ڪيو ويو هو. حيدرآباد کان موٽڻ تي سيٺ ڪافي مطمئن نظر ٿي آيو ۽ مير صاحبان پڻ مطمئن هئا.

ميرن جي حڪومت ڪي اُن وقت به هڪ لک روپيه سالانو محصول طور ڪراچيءَ مان وصول ٿيندا هئا. اجارادار (روينو آفيسر) مقرر ڪيا ويا ۽ کين ضروري اختيارات پڻ مليل هئا. نون علائقن مان حاصل ٿيندڙ آمدني وانگر ڪراچيءَ مان وصول ٿيندڙ آمدني پڻ چئني يارن (ٻائرن) ۾ ورهائي ويندي هئي.

ڪراچيءَ وسيلي ٻين ملڪن سان واپار ۾ اضافو اچي رهيو هو.

وڏندڙ واپار جي ڪري 1797ع ۾ ڪراچيءَ جي واپس اچڻ بعد ٻن سالن بعد منهوڙي تي هڪ قلعو تعمير ڪيو ويو هو ته جيئن ڪراچي جو بچاءُ ٿي سگهي. ان قلعي جي تعمير ڪرڻ جو اصل مقصد اِهو هو ته شهر ۽ سمنڊ ۾ واپاري ٻيڙن کي سامونڊي ڌاڙيلن کان بچائي سگهجي. سامونڊي ڌاڙيلن جو اُن وقت گهڻو زور هوندو هو. اهو قلعو هڪ ته مضبوط نه هو ۽ ٻيو ته ان ۾ جديد جنگي سامان جي پڻ ڪمي هئي. ان ڪري اِهو قلعو ڪنهن فوجي حملي کان بچاءُ لاءِ استعمال نٿي ٿي سگهيو.

سيٺ نائومل پنهنجي يادگيرين ۾ انهن ڌاڙيلن جو دلچسپ احوال قلمبند ڪيو آهي.

نائومل لکي ٿو ته اهي ڌاڙيل دوارڪا (ڪڇ ڀڄ جو شهر) کان ايندا هئا ۽ سمنڊ ۾ واپاري جهازن ۽ ٻين ٻيڙن کي اچي ڦريندا هئا. سيٺ نائومل ۽ سندس خاندان وٽ اٽڪل پنجاه (50) جهاز هئا. هر هڪ جهاز ڌاڙيلن کي منهن ڏيڻ لاءِ جنگي سامان سان ليس هوندو هو. جنگي سامان ۾ توبون پڻ شامل هونديون هيون. وڏي ۾ وڏي ٻيڙي تي 15 کان 20 توبون نصب ٿيل هونديون هيون.

ڪيترن موقعن تي ڌاڙيلن سان چڪريون پڻ لڳيون هيون ۽ مقابلا ۽ معرڪا پڻ ٿيا هئا. ”لکمي برشاد“ جهاز کي وِگهر (Vagher) جي ڌاڙيلن باه ڏي ڇڏي هئي. اهو جهاز جوکيه قبيلي جي ماڻهن جي حوالي ٿيل هو. هنن ڌاڙيلن سان خُوب چڪريون ڪاڏيون هيون ۽ ڪيترائي ڌاڙيل پڪڙي ڪلاچي ڪوٽ (ڪراچي) آندا هئا.

پنهنجي ماڻهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ وگهر قبيلي جي سردار سيٺ نائومل سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪري ڏني هئي. ڪيس پنهنجي ماڻهن ڇڏائڻ جي جلدي هئي. ڪيس خوف هو ته جيڪڏهن اِها خبر ٻين واپارين تائين پهتي ته اُهي پڻ پنهنجن ٻيڙن جي حفاظت لاَءِ هٿيار بند پهريدار مقرر ڪندا ۽ جنهن ڪري سندن نقصان ٿي سگهي ٿو. ظاهر آهي ته اهو نهايت ئي غير معقول سبب هو.

آخر وگهر قبيلي جي سردار ۽ سيٺ جي وچ ۾ هڪ ناهه ڪيو

ويو. اِن ٺاهہ جو اهم شرط اِهو هو تہ آئنده ڪڏهن بہ وگهر قبيلي جا ماڻهو سيٺ جي جهازن تي حملو نہ ڪندا ۽ انهن ڪان پري رهندا. موٽ ۾ سيٺ جا ماڻهو ڪين ڪنهن قسم جي تڪليف نہ رسائيندا.

نائومل جي چوڻ مطابق 1804 ۾ مير فتح علي خان ٽالپر جي وفات ٿي هئي. جڏهن تہ برٽن، مير صاحب جي وفات جو سال 1801 لکيو آهي. ائين ٿو محسوس ٿئي تہ مير صاحب جي وفات سان گڏ ڪراچيءَ سميت سنڌ مان چين، سڪون ۽ امن موڪلائي ويا هئا.

مير فتح علي خان ٽالپر گهراڻي جي وڏي هجڻ ڪري سيني جو "رئيس" يا "پڳدار" پڻ هو، مير صاحب پنهنجي حصي جي سڄي دولت ۽ علائقو وغيره بنا ورهائڻ جي يا ڪنهن جي نالي ڪرڻ جي فوت ٿيو هو. سندس حصو باقي رهيل ٽن ڀائرن وٽ ئي رهيو ۽ اُهي ان جا مالڪ ٿيا هئا. مير فتح خان جي ملڪيت مان حصو مير غلام علي خان کي مليو، باقي اڌ حصو مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي حوالي ٿيڻ ۾ آيو هو. مير فتح علي خان جي پٽ مير صوبدار خان جيڪو عمر ۾ ننڍو بلڪ اڃا معصوم هو، کي پيءُ جي ملڪيت ڪان ڌار رکيو ويو هو ۽ کيس ڪجهہ بہ نہ مليو هو.

مير فتح علي خان جي وفات حڪومت جي نظام يا طريقي ۾ بنيادي ڦيرو آڻي ڇڏيو هو. مير صاحب جي شخصيت رعبدار هجڻ سان وضعدار پڻ هئي. سندس هن جهان فاني مان وڃڻ ڪري ٽالپر گهراڻي کي ٻڌي ۽ ايڪي ۾ رکڻ لاءِ ٻي ڪا طاقت ۽ وسيلو نہ رهيو هو. موجوده مير صاحبان ۾ ڪا اهڙي شخصيت نہ هئي جيڪا ٽالپر گهراڻي جو اتحاد قائم رکي ها. جنهن طريقي سان مير صاحب جي ملڪيت جي ونڊ ورڇ ڪئي وئي هئي تنهن پڻ ٽالپر گهراڻي ۾ نفاق جو ٻج ڇٽيو هو.

مير فتح علي خان جي فوت ٿيڻ جي صرف اٺن سالن بعد مير غلام علي خان ٽالپر حادثي جي ڪري فوت ٿيو هو. اِهو حادثو کيس شڪار ڪندي پيش آيو هو. هي واقعو 1811 جو آهي. مير غلام علي خان پنهنجي پٺيان مير محمد خان نالي پٽ ڇڏيو هو ۽ سندس عمر ان

وقت 18 سال هئي. برٽن جو چوڻ آهي ته ”هن شهزادي (مير محمد خان) ۽ سندس موت مير صوبدار خان کي باقي رهيل چاچن (مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان) حڪومت ۾ طاقت ۾ حصو نه ڏنو هو- پاڻ باقي عمر تائين اقتدار جي مسند تي قائم رهيا ۽ حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ هيٺ رکيائون“.

هاڻي چئن پائرن مان صرف ٻه پائر، مير ڪرم علي خان ٽالپر ۽ مير مراد علي خان ٽالپر بچيا هئا. جيئن پهرين ٻڌايو ويو آهي ته مير ڪرم علي خان جي ناؤمل سان گهاٽي دوستي هوندي هئي جيڪا ڳالهه مير مراد علي خان کي پسند نه هئي.

هن مهل تائين ته حيدرآباد (سنڌ جي حڪومت) ۽ ڪراچي (سيٺ نائومل ۽ سندس خاندان) جي وچ ۾ سڀ ڪجهه درست هو ۽ ڪو اختلاف نه هو- ليڪن آهسته آهسته ٿوري گهڻي ٻڙ ٻڙ ٿيڻ شروع ٿي چڪي هئي ۽ جيڪا وقت سان گڏ وڌندي ٿي رهي.

مير ڪرم علي خان پڻ 1828 ۾ فاني جهان ڇڏيو هو. ڪيس ڪو اولاد نه هو. سڀ کان آخر ۾ مير مراد علي خان جڏهن خدا جي حضور ۾ پهتو ته سندس ٻن پٽن مير محمد ۽ نصير خان سندس جاءِ ورتي هئي-

ان وچ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ويڇو گهٽ ٿيڻ جي بجاءِ وڌندو ٿي رهيو. اختلافن ۾ ڪا گهٽتائي نه آئي هئي. ان کان ٻه وڌيڪ ڏک جي ڳالهه اها آهي ته خود ٽالپر گهراڻي جي اتحاد ۽ محبت ۾ ڏار پئجي چڪا هئا. سندن اتحاد هميشه لاءِ ختم ٿي چڪو هو.

انهن سڀني ڳالهين جا ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ تي نهايت خراب اثرات مرتب ٿيا هئا.

# نئين سج جو اڀرڻ

اصل ۾ هن باب جو صحيح عنوان ”سنڌ مٿان سج جو لهڻ“ هئڻ گهربو هو. برطانيه جو سج دنيا جي ڪيترن علائقن مٿان چمڪي رهيو هو. سنڌ مٿان پڻ اِهو سج تمام جلد اڀرڻ وارو هو.

سنڌ مٿان اهو سج وري به صرف ان وقت اڀريو هو جڏهن ان پاڻ کي سمجهيو ۽ سڃاتو هو. ان نئين سج اڀرڻ تائين ويهه ورهه گذري چڪا هئا.

اسان پنهنجي ڪهاڻيءَ کي 1830 جي سال تائين آندو هو.

ٽالپر گهراڻو پوئين پساهن ۾ هو. برطانيه جون نظرون آخري طرح سنڌ تي هيون، ڪين هر حالت ۾ سنڌ گهربي هئي. ان وقت تائين سواءِ سنڌ ۽ پنجاب جي (يعني وادي سنڌ جي) باقي سموري هندستان تي سندن اقتدار قائم ٿي چڪو هو. هاڻي سنڌ جو وارو هو. سنڌ سندن قبضي ۾ اچڻ واري هئي. انب ٽپڪو هو، ان کي صرف ڪرائڻ جي دير هئي. انگريزن جيئن ئي ان ٽپڪي انب (سنڌ) کي هٿ لاٿو، تيئن ئي اهو اچي هنن جي جهوليءَ ۾ ڪريو.

پنجاب تي سکن جي حڪومت هئي، ليڪن ان تائين پهچڻ لاءِ ڪين صبر جي ضرورت هئي، سڀ کان اول ته ڪين سنڌ مان فوجون گذارڻ لاءِ اجازت گهربل هئي، ڇاڪاڻ ته افغانستان کي برطانيه جي سج هيٺ آڻڻ لاءِ فوجن جو اتي سلامتي، باوقار ۽ تيز گذارڻ سڀ کان اهم ڪم هو. سڀ کان اوليت هنن انهيءَ ڪم کي ڏيڻ ٿي چاهي.

ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هنن (انگريزن) ڇا ڪيو؟ سڀ کان اول ته برطانوي هند حڪومت پنجاب جي سک حڪمرانن سان اتحاد ڪيو

هو. سکن وعدو ڪيو ته هو سندن مقصد لاءِ هن جو ساٿ ڏيندا ته جيئن شاه شجاع (وقت جو غدارِ اعظم ۽ سفاڪ ترين شخص) کي افغانستان جي تخت تي ويهاريو وڃي ۽ اُتي ان جي گهراڻي جي حڪومت بحال رهي.

بيلي (Baillie) پنهنجي ڪتاب ”ڪراچي، ماضي، حال ۽ مستقبل“ (1890ع) ۾ لکي ٿو ته ”افغانستان جي جهڳڙي شروع ٿيڻ تائين ڪنهن به شخص (انگريز) ڪراچيءَ جي اهميت تي غور نه ڪيو هو. ان ڪوتاهيءَ جي ڪري ئي افغانستان جي مسئلي منهن ڪڍيو هو.

شروع شروع ۾ انگريزن ميرن سان دوستانه تعلقات رکڻ ٿي چاهيا. ليڪن تمام جلد محسوس ڪيو ويو ته ان دوستيءَ جي ڪا ضرورت نه هئي. ايئن ٿي محسوس ٿيو ته سڄو ملڪ صرف هڪ اشاري جو منتظر هو، ٿيڪي انب کي صرف هٿ لائڻ جي دير هئي.

ٽالپر گهراڻي ۾ اتحاد نه رهيو هو. ان ۾ ڏار پئجي چڪا هئا. پهرين چوياري جي اولاد مان هر فرد پنهنجي منهن، ذاتي طرح انگريزن سان عهد ناما ڪرڻ ٿي گهريا. هرهڪ شخص انگريزن کي پنهنجي پوري مدد جو يقين ٿي ڏياريو: ان واعدي تي ته هو (انگريز) ڪيس سنڌ جو تاج و تخت حاصل ڪرڻ ۾ واهر ڪندا. ليڪن ان شرط سان ته هو ئي اڪيلو والي ٿيندو ۽ ساڻس ٻيو ڪو شريڪ نه ٿيندو.

برطانيه لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مناسب موقعو ٿي پئي سگهيو؟ هن کي پنهنجي سڄ لاءِ وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهڙو موقعو ملي ٿي سگهيو؟ سنڌ لاءِ ان کان وڌيڪ بدنصيب بلڪ منحوس گهڙي ٻي ڪا ٿي پئي سگهي؟ ڇا ان کان وڌيڪ ڪا منحوس مهل ٿيندي آهي جڏهن ڀاءُ ڀاءُ جي خلاف ٿي بيهندو آهي ۽ ٻاهرين ۽ ڌارين جي مدد حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي؟ ان کان وڌيڪ نڀاڳي مهل ٿي نه ٿي سگهي!. سنڌ تي پڻ اهڙي مهل اچي پهتي هئي.

جڏهن سنڌ جي حاڪمن جي گهر ۾ نااتفاقي هئي ۽ ان جو هر فرد برطانيه کي خوش آمديد ڪرڻ لاءِ آتو هو، ان کان وڌيڪ سٺو موقعو برطانيه لاءِ ٿي نه پئي سگهيو. برطانيه کي ڪنهن تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي جڏهن ته ٿوري ۽ معمولي تڪليف سان سمورو

ملڪ سندن قبضي ۾ اچي پئي سگهيو.

ان جي باوجود انگريزن وٽ هر موقعي لاءِ هر قسم جي رٿا پهرين کان تيار هئي. هنن سنڌونديءَ سنڌ جي سامونڊي ڪناري جي سروي ڪري ڇڏي هئي. اهو سڀ ڪجهه هن موقعي لاءِ ڪيو ويو هو.

سنڌ ۾ هر شخص کي انهن سڀني ڳالهين جي خبر هئي ليڪن افسوس آهي ته ڪنهن شخص به انهن جي پرواهه نه ڪئي ۽ انهن ڳالهين طرف ڪو ڌيان نه ڏنو هو. جن ڳالهه سمجهي ٿي انهن وٽ نه ايترو وقت هو ۽ نه ئي ذهني لاڙو ان طرف هو جو هو انهيءَ وڌندڙ طوفان کي روڪي سگهن ها. هنن وٽ جيترو به وقت هو, ان ۾ هو هڪ ٻئي جو ڳلو ڪاٽڻ ۾ مصروف هئا. کين خبر ئي ٿي پئي ته ڪو سندن پيرن هيٺان ٿائيم ٻم رکيل هو ۽ جڏهن اهو ڦاٽندو ته ڌوهي ۽ بي ڌوهي ٻنهي کي فنا ڪري ڇڏيندو.

اهو درست آهي ته جڏهن انگريزن پهريون دفعو سنڌونديءَ مان پنهنجون فوجون اُماڻڻ جي اجازت طلب ڪئي هئي ته ڪجهه ماڻهن انهيءَ مطالبي جي مخالفت ڪئي هئي. انهن مان ڪو شخص وڌيڪ ڏاهو ۽ دور انديش هو. ان کان رڙ نڪري وئي هئي ته, ”افسوس سنڌ جا ڏينهن ٿورا آهن. انگريزن سنڌ جي شاهه رڳ سنڌونديءَ ڏسي ورتي آهي“.

اتي ويٺل انگريزن مان هڪ شخص (برٽن اين. ڪروپ Burton N. Crowep) کين هڪدم جواب ۾ چيو ته ”جيڪڏهن ايئن ٿيو (يعني جيڪڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي) ته مون کي يقين آهي ته هتان جا ماڻهو اسان جو ڪليءَ دل سان آڌرڀاءُ ڪندا“.

وقت ٻنهي کي درست ثابت ڪيو. هنن ٻنهي جون اڳ ڪٿيون صحيح ثابت ٿيون. انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ ٻيو ته مقامي ماڻهن انهن جي آجيان ڪئي هئي. سڀني نه ته ڪجهي خاصي حصي.

آخر انگريزن کي ڌوهه ڏيڻ يا ٺٽن الزام ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ان ۾ اسان جو پنهنجو ڏوهه هو. اسان پاڻ پنهنجي شاهه رڳ ڪپڻ لاءِ آتا هياسين, پنهنجي ڳچيءَ تي پاڻ ڇري هلائڻ پئي چاهي سون, ان

وقت ملڪ ۾ جيڪو تفرقو ۽ نااتفاقي هئي، اها آخر اسان کي ڪٿي وٺي ويجي ها؟

جن ماڻهن کي پنهنجي وطن ۽ ملڪ سان محبت هوندي آهي، انهن هميشه چاهيو آهي ته سندن ملڪ جي اثر ۾ اضافو ۽ حدن ۾ واڌارو ٿيندو رهي. هنن هميشه چاهيو آهي ته سندن ملڪ جو وقار ٻين قومن تي ڇانيل رهي. انهن ڏينهن ۾ ٻين ملڪن ۽ قومن کي طبعي طرح فتح ڪرڻ جو رواج هوندو هو. جڏهن ته موجوده وقت ۾ اقتصادي بالادستي جي وسيلي ايئن ڪيو ٿو وڃي. اُن وقت جي نظريات موجب برطانيه پڻ ايئن ڪيو هو، جيئن ٻين تي ڪيو.

ان موضوع تي برنس (Burns) پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ۽ بخاره ۾ سفر“ جلد ٽيون (1834) ۾ تمام تفصيل سان روشني وڌي آهي ۽ انهن واقعن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جنهن ڪري هن اهڙو سفر اختيار ڪيو هو.

برنس مطابق، مير نصير خان، جيڪو پهرين چوياري مان مير مراد علي خان جو اولاد هو، انگريزن جو بهترين دوست هوندو هو. هن کي انگريزن سان انسيت پڻ هئي. اهوئي سبب هو ته هر موقعي تي انگريز مير نصير خان کي مخاطب ٿيندا هئا.

مير نصير خان، افغانستان جي اڳوڻي شاهي خاندان جو پڻ گهاٽو دوست هوندو هو. ڪين سوکڙيون موڪليندو رهندو هو. خاص طرح شهزادي ڪامران سان سندس گهٽي دوستي هوندي هئي، جيڪو اُن وقت هرات ۾ مقيم هو.

مير نصير خان جي فرزند مير نورمحمد خان وري پنجاب جي سک راجا سان محبت ۽ دوستي جا ناتا رکيا هئا. ٻنهي جي وچ ۾ گهاٽي دوستي هوندي هئي.

مير محمد خان، جيڪو مرحوم مير غلام علي خان جو فرزند هو، انگريزن کي ياد ڏياريندو رهندو هو ته سندس والد هنن جي ڪيتري نه خدمت ڪئي هئي ان ڪري مٿن لازم هو ته هو کيس سنڌ جو تخت وٺي ڏين. هن مير صاحب ٻن موقعن تي برنس کي ٻه خفيا پيغام

موڪليا هئا ۽ ڪيس عرض ڪيو هئائين ته هو سنڌس مدد ڪري. بهرحال برنس ڪيس ڪو جواب نه موڪليو هو ۽ خاموش رهڻ ئي بهتر سمجهيو هئائين.

مير صوبدار پڻ سنڌ جي تخت جو دعويدار هو. مختلف موقعن تي جڏهن هو بيمار هو، ڪيس پيچڻ لاءِ برنس صاحب وٽس ويو هو. مير صوبدار وٽ، برنس جي اهڙي اچ وڃ ٻين مير صاحبان کي ساڻ مان پسند نه آئي هئي. هڪ ٻئي موقعي تي جڏهن برنس دربار ۾ ويو هو ته مير صوبدار کي هن جي موجودگي ۾ تخت تي ويهڻ کان روڪيو ويو هو.

ٽالپر گهراڻي جي حيدرآباد واري مکيه شاخ ۾ اينتري قدر بغض، ساڙ ۽ حسد گهر ڪري ويو هو. محبت ته منجهن رهي ئي نه هئي.

مير رستم خان وري خيرپور (ميرس) ۾ حڪومت جون واڳون سنڀاليو ويٺو هو. خيرپور واري شاخ ۽ حيدرآباد واري ۾ پڻ ڪا خاص محبت باقي نه رهي هئي. هيءُ مير صاحب به انگريزن جي دوستيءَ جو دم ڀريندو هو. خيرپور جي ميرن جو پڻ پنجاب جي سک حاڪمن سان دوستيءَ جو رستو هوندو هو.

ٽالپر گهراڻي جي ٽئين شاخ ميرپور (خاص) ۾ حڪومت هلائيندي هئي. اها شاخ ٻين ٻنهي شاخن کان وڌيڪ ڪمزور هئي. ان جو رستو ۽ محبت حيدرآباد جي ميرن سان گهٽ ۽ خيرپور وارن سان وڌيڪ هو.

اهڙي طرح ٽالپر حاڪمن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي رکيو هو. جڏهن ته گهرو انتشار ۽ پاڻ ۾ بغض جي ڪري ملڪ هاڻي سو حصن ۾ ورهائجي چڪو هو.

ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي سبب هئا جن سنڌ کي ڌارين جو غلام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

ڊاڪٽر جيمس برنس کي سنڌ جي دربار ۾ ڪيترائي دفعا وڃڻ ۽ ان کي ڏسڻ جو موقعو مليو هو. سندس چوڻ مطابق ته سنڌ جي هندن سان مسلمانن جو برتاءُ ۽ رويو ٺيڪ نه هو. ڊاڪٽر حميده کهڙو، ڊاڪٽر برنس جي ڪتاب جو تعارف لکندي ان کي ڪوڙو ۽ بي بنياد

سڏيو آهي. آءُ بهرحال پاڻ کي ان قابل نٿو سمجهان ته ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهان.

هندن بهرحال فيصلو ڪيو هو ته هو پنهنجي ملڪي حڪمرانن يعني ٽالپر گهراڻي جو ساٿ ڇڏي انگريزن جو ساٿ ڏيندا. اهڙيءَ طرح هندن جي عملي مدد ميرن لاءِ نقصانده ۽ انگريزن لاءِ فائديمند ثابت ٿي هئي.

اهڙيءَ طرح اسان ڏسون ٿا ته سڄو ماحول خراب ٿي چڪو هو ۽ ان جي بدبوءِ هر طرف محسوس ڪئي ٿي وئي.

اهڙي ماحول ۾ برطانيه جي سنڌ ۾ آمد ٿي هئي. هنن ٽالپرن جي حڪومت کان اجازت گهري ته جيئن هو پنهنجون فوجون افغانستان تائين پهچائي سگهن.

جنهن مڪارانه ۽ ظالمانه طريقي سان برطانيه هندستان کي فتح ڪري رهيو هو بلڪل اهڙي ئي سفاڪانه نموني سان روس وچ ايشيا جي ملڪن، ترڪستان، بخارا، سمرقند وغيره کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي رهيو هو. چوندا آهن ته گدڙ ڊڄي شينهن کان ته شينهن ڊڄي گدڙ کان وارو معاملو هو. روس، برطانيه کان ته برطانيه روس کان خوفزده هو. ٻئي هڪ ٻئي کان ڊنا ٿي. ٻنهي هڪ ٻئي کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ ٿي چاهيو. برطانيه کي هميشه اهو خوف هوندو هو ته روس، هندستان تي حملو نه ڪري. روس جو خوف ئي مشرق ۾ برطانيه جي پاليسي جو بنياد هو.

روس جي منصوبن کي ناڪام بنائڻ لاءِ برطانيه چاهيو پئي ته پنهنجو اثر افغانستان تي پڻ قائم ڪري. سياسي زبان ۾ چئجي ته برطانيه روسي ريچ ۽ هندوستاني ڊيگي جي وچ ۾ هڪ بفر (Buffer) يا غير واسطيدار علائقو قائم ڪرڻ پئي چاهيو.

ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ مان افغانستان تائين پهچڻ لاءِ رستو حاصل ڪرڻ نهايت ضروري هو. مير صاحبان تمام گهٽي گوٽنان کان پوءِ مس وڃي اهڙي اجازت ڏني هئي. هڪ طرح اجازت ڏني وئي هئي ته ٻئي طرح انڪار ڪيو ويو هو. سنڌونديءَ مان لنگهي وڃڻ جي

اجازت ڏني وئي هئي ان اميد سان ان اجازت نامي جو استعمال نہ ڪيو ويندو.

ان وقت تائين، جيڪڏهن ٻنهي حڪومتن جي وچ ۾ دوستيءَ جو جيڪو پردو هو سو پڻ ڦاڙي اڇلايو ويو هو.

لارڊ آڪلنڊ (Lord Auckland) جيڪو اُن وقت برطانوي هند جو گورنر جنرل هو، پنهنجي ڪمانڊر ان چيف سر (بعد ۾ لارڊ) جان ڪين (Sir John Keane) کي حڪم ڪيو هو تہ سڀ کان پهرين ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو وڃي، (دراصل اِهو سنڌ جي فتح جو آغاز هو)

برطانوي جهاز ويلسلي (Wellesllеy) هاناه (Hannah) جيڪو بار برداريءَ لاءِ استعمال ٿيندو هو، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا ڪجھ ٻيا آگبوٽ پنهنجي مقصد واري هنڌ (ڪراچي) طرف روانا ٿي ويا هئا. انهن جهازن ڪراچيءَ کان 51 ميل پري هجامري (Hujamri) وٽ اچي لنگر انداز ٿيا هئا. ٿوري وقت بعد ٻيا جهاز ”الجرائين (Alegrine) ۽ ڪانسٽنس“ (Constance) پڻ انهن جهازن سان شامل ٿيا هئا. انهن جهازن ۾ چاليهين ريجمينٽ (40th Regiment) جا سپاهي سوار هئا.

چوٿين فيبروري 1839 تي گورنر جنرل جو پرائيويٽ سيڪريٽري مسٽر جي- آر- ڪالوين (J.R. Colvin) جيڪو اُن وقت حيدرآباد جي سامهو برطانوي ريزيڊنٽ جي ڪيمپ ۾ رهيل هو، هڪ خط وسيلي گورنر جنرل کي اطلاع ڏيندي لکيو هو تہ:

”آءُ اِجا خط لکڻ ۾ مصروف هوس تہ مون کي انتهائي خوشيءَ جي خبر پهتي آهي. ڪراچيءَ جي قلعي (منهوڙي جي قلعي) مان ٻہ تي توبون اسان جي جهاز ويلسلي تي هلايون ويون هيون. ڪجھ دير بعد انهن ۾ دم نہ رهيو هو. ڪين خاموش ڪيو ويو هو. امير البحر ميٽلنڊ جي توبن قلعي کي زمين دوز ڪري ڇڏيو هو ۽ اسان جي فوجن تمام گهٽ مقابلي کان پوءِ ڪراچي تي قبضو ڪيو هو. اسان جو اِهو قدم (ڪراچي تي قبضو) هنن ماڻهن (ميرن) کي سبق سيکارڻ لاءِ ڪافي آهي. مون کي اميد آهي تہ هو مستقبل قريب ۾ برطانوي جهنڊي جو بحر صورت احترام ڪندا“

ميرن کان معاهدي ۾ لکرايو ويو هو ته آئنده برطانوي فوج سنڌ ۾ رهندي ۽ ان جي خرچ پرڻ لاءِ ڪين هڪ وڏي رقم برطانوي حڪومت کي ڏيڻي پوندي. اهو ان لاءِ ضروري هو ته سنڌ جي حاڪمن کي سبق سيکاريو وڃي ۽ مٿن مالي وزن وجهي ڪمزور ڪيو وڃي.

جيڪڏهن حڪمرانن ۾ قومي اتحاد هجي ها ته شايد ڪين اهڙو سبق نه سيکاريو وڃي ها. تاريخ جو اهو سبق آهي ته پنهنجا اختلاف پاڻ تائين محدود ڪيا وڃن ۽ بنا ڪنهن ٻاهرين شخص جي مداخلت جي انهن جو نبيرو ڪيو وڃي. ڪاش ايئن ٿئي ها، ڪاش مير صاحبن ايئن ڪيو هجي ها! ليڪن مير صاحبن پڻ مشرق جي ٻين قومن وانگر تاريخ مان ڪو سبق نه پرايو هو. ڇا اسان اجا به طاقتور کي ڏوهه ڏيئي سگهون ٿا ته هن ڇو ڪمزور کي زير ڪيو؟ ليڪن ايئن ڪڏهن ڪٿي نه ٿيو آهي ۽ شايد ڪڏهن به نه ٿئي!

آئنده اسان ڏسندا سين ته مٿيون احوال ڪيتري حد تائين برنس جي ذنل تفصيل سان ملي ٿو، جنهن 1834ع ۾ ڪراچيءَ تي قبضو ڪرڻ جي فرمائش ڪئي هئي. ان جو ٻيو ڪو فائدو نه به ٿئي ته به پڙهڻ ئي مفيد ۽ دلچسپ ٿيندو. اسان ڏسي سگهنداسين ته (ڪنهن ملڪ تي) قبضو ڪهڙيءَ طرح ڪيو ويندو آهي ۽ فاتح قوم پنهنجي فتح کي آسان بنائڻ لاءِ ڪهڙا بهانا پيش ڪندي آهي ۽ وڏي ڳالهه ته مفتوح قوم ان فتح کي ڪهڙي طرح سولو ڪرڻ ۾ فاتح لاءِ آسانيون پيدا ڪندي آهي.

# ڪراچي- سنڌ جو مستقر

ڪراچيءَ جي فتح اصل ۾ انگريزن جي ان ڪوشش جي شروعات هئي جنهن وسيلي برطانوي هند جي حڪومت افغانستان تائين پهچڻ ٿي چاهيو، ليڪن بعد ۾ ان کي سنڌ ۽ وري پنجاب جي فتح لاءِ ڪتب آندو هو. هيٺ اسان ڪراچيءَ کي برطانوي هند حڪومت جي حوالي ڪرڻ واري دستاويز جي هڪ ٽڪر جو نقل ڏئي رهيا آهيون جيڪو انگريزن ۽ ميرن جي حڪومت وچ ۾ طئي ٿيو هو.

7، فيبروري 1839

## ڪراچيءَ جو پيش ڪرڻ

. . . . ته اڄ جي ڏينهن کان ڪراچيءَ جو قلعو ۽ شهر، هتان جي گورنر * طرفان برطانوي اختياري وارن جي حوالي ڪيا وڃن ٿا:

ته برطانوي فوجون- برگيڊيئر ويلينٽ (Brig. Valient) جي ڪمان هيٺ جنهن ڏينهن ۽ جنهن مهل جيڪو برگيڊيئر مذڪوره مناسب سمجهندو تنهن کي شهر اندر اچڻ ڏنو ويندو ۽ جنهن به حصي ۾ چاهين قيام ڪري سگهن ٿيون ۽ ان مقصد لاءِ مقامي حڪومت، برطانوي فوڄن لاءِ ٻيڙيون مهيا ڪرڻ لاءِ ٻڌل

---

* نواب خير محمد نظاماڻي بلوچ گورنر ۽ سندس ماتحت حاجي الله رکيو، مير صاحبان طرفان هتي جا آفيسر هئا.

آهي. انهن ٻيڙين جو معمول مُطابق ڀاڙو ڏيڻ ۾ ايندو ۽ ساڳي طرح اُٺ ۽ ٻئي قسم جي سواري جنهن وقت ب ضرورت محسوس ڪئي ويندي، مهيا ڪئي ويندي. ان ڪان علاوه برطانوي فوجن لاءِ ڪاڏي پيتي جي شين مهيا ڪرڻ لاءِ مقامي سرڪار ٻڌل رهندي ۽ ان جي قيمت ملڪ (سنڌ) ۾ مروج قيمت مطابق ڏني ويندي“.

”انهن شرطن پوري ڪرڻ جي نتيجي ۾ برطانوي آفيسر (جن جا نالا هن دستاويز ۾ ڏنا ويا آهن) آنربل ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نالي ۾ وعدو ڪن ٿا ۽ پاڻ کي ٻڌل سمجهن ٿا ته قلعي اندر رهندڙ شهرين جي جان مال کي امانت سمجهندي انهن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ جوابدار آهن ۽ وڌيڪ ته شهرين کي پهريان وانگر ڪاروبار جي مڪمل آزادي هوندي. انهن جي تجارتي ٻيڙين کي اڳي وانگر بندر اندر اچڻ ۽ واپار ڪرڻ جي آزادي هوندي ۽ وڌيڪ اهو ته ان ۾ ڪنهن ب قسم جي مداخلت ن ڪئي ويندي ۽ شهر جو انتظام پهريان وانگر هن وقت جي اختياري وارن وٽ ئي رهندو“.

(صحي ڪندڙ: فيڊرڪ ليوز ميٽلنڊ ۽ ٻيا. . . )

انگريز جهڙا شڪست ۾ وڏي دل ڇا آهن* ته اهڙا ئي سخي ۽ فهم

---

* آءُ مصنف جي ان راءِ سان متفق ن آهيان ڇاڪاڻ ته انگريزن جهڙي نموني ڪراچي تي قبضي ڪرڻ تائين جهڙي طرح مشرق جي ملڪن کي فتح ڪيو هو ۽ انهن کي ڦريو لٽيو هو، ان جي سڄي جهان کي خبر آهي. موجوده سنڌ ۽ وادي سنڌ جي ٻين علائقن تي ڪيئن فتح حاصل ڪئي هئائون. مياڻي جي فتح ڪان پوءِ مير صاحبان سان عقوبتون ڪيون هئائون، سا حقيقت ڪنهن صاحب نظر ڪان اوجهل ن آهي. ان ڪان وڌيڪ سنڌ کي فتح ڪرڻ جو گناه ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ باوجود ان جي ايئن ڪيو هئائون. دنيا جي ٻين حصن ۾ اتي جي مقامي ماڻهن سان ڪهڙيون ڪهڙيون ن عقوبتون ڪيون هئائون، خاص طرح انهن سان جن سندن دوستي جو دم ڀي ڀريو، ان جي تفصيل ۾ وڃڻ جو هي موقعو ن آهي. بهرحال سامراجي سامراجي آهي. اُن ۾ دل جي وڏائي ۽ ڪشادي ڏيڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڀلا پنهنجي سواري لاءِ معمولي قيمت ادا ڪرڻ ۾ ڪهڙي دل جي وڏائي آهي. مترجم

وارا فتح ۾ پڻ آهن. ڪراچي ڪي بنا ڪنهن شرط جي سندن حوالي ڪيو ويو هو ليڪن ان جي باوجود هنن سواريءَ لاءِ ڀاڙو ۽ ٻين شين جي قيمت ادا ڪرڻ ڪان پوءِ ئي خريد ڪرڻ ٿي چاهيائون.

اهو وقت جو فيشن آهي ته ڪمزور ۽ ڪريل ڪي چهبڪ هنيا ويندا آهن. برطانيه ڪي هن وقت ڏوهي ان لاءِ قرار ڏنو پيو وڃي ته هو هاڻي طاقتور نه رهيو آهي. اِهو خود اسانجو پاڻ سان ظلم ٿيندو ته جيڪڏهن اسان هنن جا ڏوه ويهي ساريون ۽ سندن ڀلايون ۽ خوبيون وساري ڇڏيون. ڪراچيءَ جو معاهدو پڻ سندن سٺن عملن جو ثبوت آهي.

بهرحال هاڻي ڪراچيءَ جا مالڪ بدلجي ويا هئا ۽ هن زمين جا ميرءَ ٽالپر نه بلڪه هاڻي مالڪ انگريز هئا.

اڳتي وڌڻ ڪان اڳ ۾ آءُ ڪراچيءَ جي فتح جي باري ۾ هڪ اڌ نڪتو ٻيو پڻ عرض ڪندس.

اسان ڪي خبر آهي ته ڪراچي ٿيڻ ڪان اڳ ۾ هي شهر ڪُلاچي جو هوندو هو. ان قلعي تمام ڪاميابي سان ٽالپرن جي ٻن ڪاهن ڪي ڪاميابي سان ناڪام بنائي ڇڏيو هو. سندن ٽيون حملو جنگ ڪان سواءِ ٻين سبب جي ڪري ڪامياب ٿيو هو ۽ ڪراچي لاءِ جنگ نه ٿي هئي.

اسان اِهو پڻ معلوم ڪري آيا آهيون ته پوڄو مل جو پٽ ڏريانا مل ئي ڪِراچي جو اصل حاڪم ۽ مالڪ هو ۽ مير ڪرم علي خان ٽالپر سان سندس دوستيءَ جو رستو هوندو هو. ان مير صاحب جي چوڻ تي ٽئين ڪاهه وقت بنا ڪنهن مقابلي ڪرڻ جي ڪراچي ميرن جي حوالي ڪئي هئائين.

ليڪن برطانيه ڪاهه ڪرڻ وقت چند سپاهين ۽ آفيسرن جي مدد سان ڪنهن مقابلي بنا ۽ خون وهائڻ جي ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو هو. حقيقت اها آهي ته ڪنهن ٻه قسم جو مقابلو نه ڪيو ويو هو. هڪ ٻه گولا جيڪي جهاز ويلسيلي تي اڇلايا ويا هئا. اهي اصل ۾ فاتحن جي آڌرياءَ لاءِ هئا ۽ نه ئي دشمنيءَ ۾.

اهو سوچڻ ته منظم فوجي قوت ۽ بارود اعليٰ ۽ گهڻي مقدار ۾ هئا، سادگيءَ جي مظاهري ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي.

ان فتح جو بيو ڪو سبب نہ هو بلڪ ان جو واحد سبب اِهو هو ته حڪمران گهراڻي ۾ نااتفاقي ۽ تفرقو هئا. مالڪن جي گهر ۾ مانڊاڻي، دشمن لاءِ قوت بنجي وئي هئي. نااتفاقي ۽ گهر ياتين جي دشمني، برطانيہ لاءِ فوجي قوت ڪان وڌيڪ اثرائتا ٿيا هئا. ايئن محسوس ٿي رهيو هو ته سنڌ جون توبون پنهنجي ئي سپاهين هٿان مٿس وسي رهيون هيون.

آخر اِن نااتفاقي، ويڇي ۽ تفرقي جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟ آخر ملڪ جي آباديءَ جو وڏو حصو ڏارين بلڪ ست ڏارين طرف ڇو ٿي ويو هو؟

ڪاش، آءُ انهن سوالن جا جواب ڏيئي سگهان ها! انهن سوالن جا جواب صرف اِهو شخص ڏئي سگهي ٿو جيڪو مون ڪان وڌيڪ جرات ۽ همت وارو هوندو ۽ جنهن جي قلم ۾ قوت اظهار منهنجي قلم جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هوندو.

ڪارڻ ڪٿي ڪهڙا بہ هجن، ڇا اسان انهن کي ورجائڻ ڪان پاڻ بچائي ٿا سگهون؟ اسان کي اهي غلطيون نہ ڪرڻ گهرجن جيڪي ان وقت جي حاڪمن ڪان سرزد ٿيون هيون.

ڪراچيءَ جي فتح، برطانيہ لاءِ افغانستان پهچڻ جو رستو صاف ڪري ڇڏيو هو. ڪابل جي عوام آخر ڇو، ڇا لاءِ اليگزينڊر برنس (Alezander Burns) کي ڇيري ڦاڙي، ٽڪر ٽڪر ڪري اڇلايو هو! انهيءَ سوال تي غور ڪرڻ ۽ جواب حاصل ڪرڻ اسان جي مضمون جي وسعت ڪان ٻاهر آهي.

انگريزن ڪراچي تي تمام آساني ۽ سهوليت سان قبضو ڪيو هو، ڪين ڪاميابي تمام سولائيءَ سان حاصل ٿي هئي. ان واقعي هنن جي ذهن ۾ تمام خطرن کي دور ڪري ڇڏيو هو. جڻ ڪين ڪو خطرو نہ هو. ڪين پڪ ٿي چڪي هئي ته هو جنهن وقت چاهين سنڌ تي قابض ٿي سگهن ٿا ۽ ان ۾ ڪين ڪنهن قسم جي دشواري ۽ پريشاني پيش نہ

ايندي. هن ارادو ڪيو ۽ سنڌ سندن ٿي وئي.

ميٽلنڊ (Maitland) ۽ ويلينٽ (Valiant) سان گڏ نيل (Neil) نالي هڪ سپاهي پڻ هن مهم ۾ ساڻس گڏ هو. ان صاحب، پنهنجي يادگيرين جو هڪ ڪتاب، جيڪو تمام ننڍو آهي، اسان جي پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ڇڏيو آهي: ”انڊيا ۾ چار سال“ ان ڪتاب ۾ ڪراچيءَ جي باري ۾ نهايت دلچسپ ۽ ڪارائتي معلومات ڏني وئي آهي. لکي ٿو ته ”شهر (ڪراچي) نهايت ئي گندو آهي، ڇتان جا رهواسي پڻ ميرا ۽ گندا هجڻ ڪري انتهائي اڻ وڻندڙ آهن. شهرين جي اڪثريت هندن تي مشتمل آهي.

”هتان جا گهر اوڏڪي اڏاوت يا مٽي جا ٺهيل آهن. جن جون ڇتيون سڌيون تعمير ٿيل آهن. ڇت جي مٿان منگهه ٺهيل آهن. جن جو رُخ سمنڊ طرف آهي. منگهن جي ڪري هوا ۽ روشني جو جوڳو انتظام ٿيل آهي. شهر جو آسپاس ڪليل ۽ ڀراڙيون ۽ ڳوٺ گهٽي تعداد ۾ اٿس. ڪيترن هندن تي ڪسيون وغيره ٺهيل آهن جن ۾ گندو پاڻي ۽ ٻي غلاظت اچي ٿا گڏ ٿين. اهوئي سبب آهي ته ماحول ۾ سخت بدبوءِ رهي ٿي جنهن ڪي برداشت ڪري نٿو سگهجي“.

1839 ۾ اسان جي ڪراچيءَ جو اجهو اِهو حال هو.

ليڪن سندس مقدر چمڪڻ وارو هو. تمام جلد هي شهر مشرق جي راڻي ٿيڻ وارو هو. هڪ سو ڏهه سال پوءِ ڪيس نئين ملڪ (پاڪستان) جو پايه تخت ٿيڻو هو.

وقت گذرندو ٿي رهيو ۽ ان سان گڏ سماجي حالتن ۾ پڻ ڦيرو ايندو ٿي رهيو. هڪ سو سالن ۾ ڪراچيءَ منجهه ڪيترائي واقعا ٿيا هئا جن ۾ ڪيترائي اهميت وارا ۽ دور رس نتيجن جو پيش خيمو ثابت ٿيا هئا.

اچو ته ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ اهم واقعن تي هڪ دفعو وري نظر دوڙايون. 1720 ۾ سيٺ ڀوجو مل ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ان کي هميشه لاءِ پنهنجو گهر ڪري ويهي رهيو هو. ٿوري عرصي کان پوءِ هن علائقي تي خان قلات جو اقتدار قائم ٿيو هو. 1795 ۾ ٽالپر

حاڪم ان کي خان قلات کان ڇڏائي، سنڌ سان شامل ڪيو هو. 1839 ۾ انگريز ان کي فتح ڪري برطانوي هند سان شامل ڪيو هو. اهڙيءَ طرح هڪ سو ويهن سالن ۾ هي شهر چار دفعا هڪ کان ٻئي حڪومت ۾ پهتو هو.

اهي تبديليون وقت جي حڪومتن لاءِ ڇا به هجن ليڪن شهر جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ان جي ترقي ۾ معاون ثابت ٿيون آهن.

سڀ کان پهريان ته هي شهر ويهن ۽ پنجويهن گهرن تي مشتمل هڪ وسندي هئي. ان بعد آدم ۽ اهميت جي وڌڻ ڪري ٽيهن (30) ايڪڙن تي قلعو تعمير ڪيو ويو هو. اسان اهو سمجهڻ ۾ حق بجانب آهيون ته قلعي جي آس پاس پڻ آباديون ۽ ڳوٺ وغيره هئا.

ٽالپرن جي اچڻ سان هن شهر جي اهميت ۽ آباديءَ ۾ يقينا اضافو ٿيو هو. ليڪن 1839 کان بعد شهر جي ايتري ترقي ٿي جو ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي. انهيءَ سال شهر جي آدم شماري 8000 ماڻهن تي مشتمل هئي.

شهر تي برطانوي قبضي سان ڀوڄو مل جي خاندان جي اهميت هڪ دفعو وڌي وئي هئي. اِهو خاندان اڳي کان وڌيڪ اهم ٿي پيو هو. هي خاندان حڪمرانن جو ترجمان، ٻانهن ٻيلي ۽ سنڌن پاران انصاف ورهائيندڙ ٿي پيو هو. ان ڳالهه جو ثبوت اُهي خط آهن جيڪي انگريز آفيسر پنهنجي حڪومت کي وقت بوقت لکندا رهيا هئا. جن ۾ هتان جي هندو واپارين جي تعريف ڪيل هوندي هئي ته هنن ڪهڙي طرح سنڌن مدد ڪئي هئي وغيره وغيره.

ان واقعي (انگريزن جي ڪراچيءَ تي قبضو) کان پوءِ صرف چئن سالن تائين ڪراچيءَ جي حيثيت جدا ۽ منفرد رهي سگهي هئي.

ڪراچيءَ جي فتح کان ٻه سال پوءِ 1842 ۾ سر چارلس نيپيئر کي سنڌ ۾ برطانوي فوجن جو سپهه سالار مقرر ڪري سنڌ موڪليو ويو هو. هن کي فوجي ۽ انتظامي نوعيت جا وسيع اختيارات ڏنا ويا هئا ۽ جن کي هن شخص مڪمل طرح ۽ نهايت بي درديءَ سان استعمال ڪيو هو. ليڪن اِها هڪ جدا ڪهاڻي آهي.

## ڪلاچي ڪير هئي يا هو؟

هن مهل تائين اسان پنهنجي ڪهاڻيءَ کي 1839 تائين آندو آهي. هتي پهچي وري پوئتي موٽڻ مناسب نٿو لڳي، ليڪن مون کي جيڪا نئين معلومات حاصل ٿي آهي ان کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ ضروري سمجهان ٿو.

مون ڪن مختلف هنڌن تي پڙهيو آهي ته ڪراچي هڪ مهاڻو (مرد) هو، بظاهر ته ان تي اعتراض ڪرڻ جي گنجائش نظر نٿي اچي. ليڪن ٿورو وقت ٿيندو ته مون کي هڪ وڏي عمر واري ليڪن اڻ پڙهيل شخص ٻڌايو ته اصل ۾ ڪلاچي مرد نه بلڪ عورت هئي. آءُ منجهي پيو آهيان. ڇا اها منجهڻ جي ڳالهه نه آهي؟ مون کي يقين نٿو اچي. اها تعجب خيز ڳالهه نه آهي ته ٻيو ڇا آهي.

عام طرح ٻڌل ڳالهه تي يقين نه ڪندو آهيان ۽ ڪوشش ڪري ٻين تائين پڻ نه پهچائيندو آهيان جيستائين ان جي قابل ڀروسه شخص کان تصديق نه ڪري وٺان. بهرحال هن وقت ايئن ڪري نٿو سگهان. آءُ منجهي پيو آهيان. جيڪا ڪهاڻي مون کي ڪراڙي احمد خان ٻڌائي آهي سا ڪجهه هن طرح آهي:

ڪنهن زماني ۾ موجوده ميوه شاه وٽ هڪ ڳوٺ هوندو هو. مائي ڪلاچي ان ڳوٺ يا وستيءَ جي وڏي هئي. ان ڳوٺ جي ويجهو پاڻيءَ جو تلاءُ هوندو هو. شايد کاري پاڻيءَ جو تلاءُ هو. ان پاڻيءَ ۾ هڪ وڏي مڇي يا سمنڊ جو جانور رهندو هو. (اها ڳالهه- مڇي جو هجڻ درست آهي. مون کي ان جي تصديق هڪ قابل ڀروسه شخص کان پڻ ٿي آهي)، اها مڇي اصل ۾ شارڪ يا واڳون يا مانگر مڇ (جنهن کي ڄرڪو يا واڳهه پڻ سڏيو ويندو آهي) هو ۽ جنهن وڏندي وڏندي سامونڊي راڪاس جي صورت ورتي هئي.

ان کاري ڍنڍ جي ڀرسان ست ڀائر رهندا هئا- هڪ دفعي جو واقعو آهي ته انهن ڀائرن مان هڪ ڀاءُ وهنجڻ لاءِ لٿو ته ان جانور مانگر مڇ ان کي پڪڙي کائي پورو ڪيو هو- ڀاءُ جي ڳولا ۾ ٻيا پنج ڀائر هڪ هڪ ٿي ان مانگر مڇ جو کاڄ ٿيا هئا. اهڙي طرح ستن مان ڇهه

پائر اجل جو لقمو ٿيا هئا. آخر ۾ سڀ ڪان ننڍو پاءُ وڃي بچيو هو. هن فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي پائرن جو بدلو ڪندو. ماڻهن ڪيس گهڻو ئي جهليو ليڪن هن انڪار ڪيو. هن فيصلو ڪيو ته هو ان مانگر مڇ کي ماريندو يا پاڻ ان جو کاڄ ٿيندو. اهو ساموندي جانور هن جو ڪليو ڪلايو دشمن ٿي پيو هو.

هن شخص مانگر مڇ کي ڦاسائڻ لاءِ هڪ وڏو چارو ڪنڊا ۾ ڏاڻو سمنڊ ۾ هڪ ئي وقت اڇلايا. جانور ڏاڻي جي لالچ ۾ اچي ويو ۽ اچي چار ۾ ڦاٿو ۽ اهڙيءَ طرح هي ستون پاءُ مانگر مڇ کي مارڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. مسئلو پيدا ٿيو ته ان بلا کي ڪهڙي طرح سُڪيءَ تي آندو وڃي، سندس ارادو هو ته مانگر مڇ کي پنهنجي اکين سان مئل ڏسي. ان بعد ئي ڪيس آرام ملندو. هن جو ذهن تمام تيز ۽ سوچ وارو هو. ڇا ڪيائين جو تازيون ويائل مينهون سندن ڦرن (پاڏيون ۽ پاڏا) سميت هٿ ڪيائين. مينهن جو تعداد ويهه ڇيو وڃي ٿو. مينهون تمام طاقت واريون ۽ پليون هيون بلڪ پلو پل ڇئجن ته وڏاءُ نه ٿيندو.

مينهن ۽ سندن ڦرن کي ٽن ڇئن ڏينهن تائين هڪ ٻئي کان پري رکيو ويو هو. ان وچ ۾ ان ستين پاءُ نهايت مضبوط رسا هٿ ڪري مانگر مڇ جي چوڌاري ٻڌرايا هئا. انهن رسن جو ٻيو سرو انهن ويهن مينهن جي ڳچين سان زور سان ٻڌا هئا. مينهن جي ڦرن کي جن کي سندن مائرن کان پري ٻڌي بيهاريو ويو هو، انهن کي اوچتو ئي اوچتو اينرو پرسان آڻي بيهاريو ته جيئن مينهون انهن جو آواز ٻڌي ۽ کين ڏسي سگهن. مينهن، ڦرن تي نظر پوڻ سان وٺي جو انهن ڏانهن لوهَ ڪئي ته مانگر مڇ اچي زمين تي نڪتو.

مون کي بابا احمد خان ٻڌايو ته اهو جانور ڪيترن سالن تائين ڪُن وٽ رکيو هو ۽ ان بعد ڪيس عجائب گهر موڪليو ويو هو.

اها ڪهاڻي درست معلوم ٿئي ٿي ليڪن ان مان ڪلاچيءَ جو ڪوٽ هجڻ ثابت نٿو ٿئي.

ٿورا ڏينهن اڳ ۾ (10 سيپٽمبر 1974) جي صبح جو، زولاجيڪل گارڊن جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اي. اي قريشي (Dr. A.A. Qurashy)

مون کي فون ڪيو هو. هن مون سان ڪراچيءَ جي هن مضمون جي پهرين ٽن قسطن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي. منهنجي لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهه هئي. ڪڏهن ته خوشيون اوچتو حاصل ٿينديون آهن. منهنجي ۽ ڊاڪٽر قريشيءَ جي پاڻ ۾ ڪا ڏيٺ ويٺ ۽ واقفيت نه هئي. اسان جي وچ ۾ جيڪا ڳالهه مشترڪ هئي سا اِها ته اسان ٻنهي کي هن علائقي جي ماضيءَ ۾ دلچسپي هئي.

مون ڪائنس مائي ڪلاچيءَ جي باري ۾ دريافت ڪيو هو. ڊاڪٽر صاحب مهرباني ڪري پاڻ وٽي وڏي عمر جي ماڻهن کان معلومات وٺي آيو هو. هن تصديق ڪئي هئي ته ڪلاچي مرد نه بلڪ عورت هئي. هن پڻ پنهنجي ابن ڏاڏن کان ائين ٻڌو هو. يعني ته ڪلاچي عورت هئي. سندس شخصيت وحشتناڪ حد تائين رعبدار هئي. ڪلاچيءَ جي شخصيت واقع ۾ اعليٰ ۽ رعبدار هئي.

هن ڊاڪٽر قريشيءَ کي اِهو پڻ ٻڌايو هو ته هن وقت جتي قمر هائوس (ڪي- پي- ٽي آفيس جي سامهون) بيٺل آهي، مذڪوره تلاءَ ان جاءِ تي هوندو هو. مانگر مڇ واري قصي جي پڻ تصديق ڪئي هئائون. ان زماني ۾ سمنڊ ڪارادر وٽ هوندو هو.

# ڪراچيءَ متعلق حوالا

اهو 1839 جو سال هو ۽ سنڌ جي پيرن هيٺان زمين نڪري رهي هئي. سنڌ جي آسمان تي ڪارا ڪڪر وڏي رهيا هئا. ماحول مٿان نراسائي، نااميدي ۽ بدبختيءَ جا ڪڪر ڇانئجي رهيا هئا. اهي ڪڪر ساوڻ جا نه هئا جو زمين کي آباد ۽ ملڪ کي شادمان ڪن ها، ليڪن اهي ته ملڪ جي تباهي بربادي جو پيغام هئا. هن ملڪ تي تمام جلد عذاب نازل ٿيڻ وارو هو.

آخر ان تباهيءَ لاءِ اسان کي ئي ڇو منتخب ڪيو ويو هو؟ آخر اسان کي ئي قدرت ٻين لاءِ گوڏي جو گاهه ڇو ڪيو هو؟ جيڏانهن جي هوا ٿي آئي ۽ اسان کي ڪنيو ٿي وئي. آخر ايئن ڇو هو؟ اصل سبب اهو هو ته اسان بي وزن ٿي پيا هياسين. اسان ۾ هر شخص جي زندگي اڪيلي ۽ تنها ٿي گذري، هر شخص چادر کي پنهنجي طرف ٿي ڇڪيو. آخر چادر ڦاٽي پئي ۽ اسان پنهنجي خوبين ۽ خامين سان ذارين اڳيان ظاهر ٿي پياسين. ڪکن وانگر داڙو داڙو ٿي وياسين.

اسان جي شڪست ۽ بدنصيبي جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، ليڪن جيڪو سڀ کان اهم سبب آهي ۽ اِهو آهي نااتفاقي.

نااتفاقي هڪ خراب اصطلاح آهي، ان مان تباهيءَ جي بدبوءِ ايندي آهي. هر روحاني ۽ طبعي بدبوءِ جو واس اِن اصطلاح مان ايندو آهي.

ان زماني ۾ نااتفاقي ۽ هڪ ٻئي لاءِ نفرت هن قديم ملڪ ۾ موجود هئي. اسان کي بهادرن وانگر ان حقيقت جو اعتراف ڪرڻ گهرجي ته نتيجي ۾ اسان جون دليون صاف ٿينديون. اسان ۾ ڪيترائي

اهڙا شخص به آهن جيڪي سچ وانگر چمڪندڙ حقيقت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. اهڙا ماڻهو ان ڪوشش ۾ هوندا آهن ته هو پٿر تي اڪريل اکرن کي قلم جي نوڪ سان ڊاهي ڇڏين، ليڪن اسان کي اهڙي ڪوشش کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هڪ طرف اها علمي يا دانشورانه بي ايماني ٿيندي ته ٻئي طرف مستقبل ۾ اسان جي اوسر تي پڻ منفي اثرات جو ڪارڻ ٿيندي.

اسان پنهنجي شاندار ماضيءَ تي صرف اُن وقت فخر ڪري سگهنداسين جڏهن اسان ماضيءَ ۾ سرزد ٿيل غلطين ۽ پنهنجين ڪمزورين کي دل جي گهراين سان تسليم ڪيون. ان اعتراف ڪرڻ کان پوءِ ئي اسان کي پنهنجي ماضيءَ جا ڪارناما سٺا لڳندا ۽ اسان مستقبل ۾ پڻ پاڻ کي هر طرح مضبوط ڪري سگهنداسين.

ڇا ان حقيقت کان ڪوبه شخص انڪار ڪري سگهي ٿو ته ارڙهين صديءَ دوران ڀاءُ ڀاءُ جي ۽ پٽ پيءُ جي خلاف اٿي نه بيٺا هئا؟ هر هنڌ خانداني دشمنيءَ جو زور نه هو؟ بهرحال هرهنڌ تباهيءَ جا آثار نمايان هئا ۽ ان کان ڪير به انڪار ڪري نٿو سگهي.

ليڪن ٿوري وقت لاءِ ان بحث کان پاسو ڪندي اسان کي اڳتي وڌڻ گهرجي. هوندن ته ماضيءَ جي خرابين ۽ تڪليفن کان پاسو ڪرڻ ممڪن نه آهي. ليڪن ٿوري وقت لاءِ ان کي ٽارڻ ۽ ان کان منهن موڙڻ کان سواءِ ڪو چارو به نه آهي. گهٽ ۾ گهٽ لکڻ جي حد تائين ته ڪري سگهجي ٿو.

ان ڪري هن باب جو عنوان ”سنڌ جي آزادي جو خاتمو“ هئڻ گهربو هو، ليڪن ان جي جاءِ تي هن باب جو موضوع آهي ”ڪراچيءَ متعلق حوالا“ هتي اسان پاڻ کي ڪراچيءَ متعلق تاريخي حوالن تائين محدود رکنداسين ۽ آئنده وري برطانيه جي فاتح فوج سان گڏ هونداسين.

مون کي هن علائقي جي باري ۾ جنهن ڪتاب ۾ پراڻي ۾ پراڻو حوالو ملي سگهيو آهي سو آهي هڪ عربي ڪتاب ۽ نالو اٿس ”موهيٽ“ (Mohit) هي ڪتاب ترڪي ۾ 1568 ۾ پڌرو ٿيو هو. مصنف لکي ٿو ته ڪوراچي (Kaurachi) جي بندر ۾ اهي جهاز اچي

پناه وٺندا آهن جيڪي ڪنهن تڪليف يا مصيبت ۾ گرفتار هوندا آهن. يا ڪين اهڙو امڪان نظر ايندو آهي. ٻئي طرف فاضل مصنف اسان کي جگر يا جيري (Liver) کائڻ وارن (آدم خورن؟) کان آگاه ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته اهي سنڌ ۾ عام جام نظر ايندا هئا.

سال 1774 ۾ ليفٽيننٽ جان پورٽر (Lt. John Porter) هڪ سروي ٽيم وٺي هت آيو هو (مسٽر ماسڪال (Mr. Mascall) پڻ ان ٽيم جو ميمبر هو) ۽ هن علائقي متعلق پنهنجا تجربا لکي ويو آهي. پورٽر لکي ٿو ته "ڪراشي (Crochey) جو شهر اسان جي جهاز واري جڳهه کان پنجن يا ڇهن ميلن تي آهي. ان هنڌ اينڙو پاڻي مس آهي جو ننڍيون ٻيڙيون مشڪل سان ٻيهي ٿيون سگهن. شهر ان کان هڪ ميل جي فاصلي تي آهي. شهر جي چوڌاري مٽيءَ جو قلعو ٺهيل آهي ۽ جنهن تي برج پڻ آهن. ان قلعي تي صرف ٻه توبون نصب ٿيل آهن. اهي توبون ايتريون ته پراڻيون آهن جو انهن مان گولي جو اچلڻ پڻ انهن توبن لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو".

ڏندڪٿا ۾ لوڪ ڪهاڻيون ان نظرئي جي تائيد ڪن ٿا ته راجا رام چندر ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو هو ۽ منهوڙي ۾ شهر جي وچ وارو علائقو سندس نالي سان سڏجڻ ۾ ايندو هو. ان جو هڪ باغ سندس نالي پٺيان "رام باغ" سڏجڻ ۾ اچڻ لڳو هو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته هتي آبادي ضرور هوندي، نه ته ڪيئن ٿي راجا رام ياد رهي سگهيو. ان مقام کي ڪير ته هو جيڪو راجا رام جي نالي کي زنده رکيو ٿي آيو. اسان ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ حق بجانب آهيون ته ڪيترا هزار سال اڳ هتي هڪ شهر آباد هو. ڏندڪٿائن مان اها حقيقت پڻ ظاهر ٿئي ٿي ته اهو شهر ڪنهن زلزلي سببان تباه ٿيو هوندو.

ان کان علاوه ڊاڪٽر ايف۔ اي خان (Dr.F.A. Khan) ڪورنگي طرف هڪ فيڪٽري يا ڪارخاني جو پڻ پتو ڪيو آهي. اهو ڪارخانو عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ جو چيو وڃي ٿو.

ان کان علاوه ساڳي دور جو هڪ شهر يا وستيءَ جو پڻ پتو لڳو آهي. اها وستي موجوده ڪراچي يونيورسٽي طرف ڊمبلوٽي وٽ

هوندي هئي.

سڪندر اعظم جي جنرل نيرڪوس (Nearchus) لاءِ چيو ويجي ٿو ته هن عيسوي سن کان 326 سال اڳ ڪيماڙي وٽ اچي پناه ورتي هئي. ڪيماڙي کي سڪندر جو بهشت (Alexander's Haven) پڻ چيو ويندو آهي. ڪيماڙي کان علاوه سيروس (Siros)، بيباڪٽا (Bibakta) ۽ ڪروڪولا (Krokala) پيٽن جا نالا پڻ ورتا وجن ٿا.

ابو دابئي (Abu Dhabi) طرف ڪيل کوٽائي مان اهڙيون شيون هٿ آيون آهن جن جو بلوچستان سان تمام ويجهو تعلق آهي. ٺڪر جا برتن، ڳچي ۾ پائڻ لاءِ مٽيا انهن مان ٺهيل هار وغيره پڻ دستياب ٿيا آهن. انهن شين جي دستيابي ان ڳالھ جو ثبوت آهي ته هن ٻنهي علائقن وچ ۾ گذريل چئن هزار سالن کان آمدورفت ۽ وڻج واپار جو سلسلو جاري آهي.

اُمُن نار (um-un-nar) جي علائقي مان حاصل ٿيندڙ ٺڪر جا برتن وغيره بلوچستان جي ساحلي علائقن مان حاصل ٿيل ٺڪر جي ٿانون جهڙا آهن. بلوچستان جي جنهن جڳھ تان اهي برتن هٿ آيا آهن اُن کي ڪلي (Kulli) چوندا آهن. اتان جي تهذيب کي ڪلي تهذيب سڏيو ويجي ٿو. اها تهذيب اُن دور جي آهي جڏهن واديءِ سنڌ ۾ ٽامي جو استعمال ڪيو ويندو هو. واديءِ سنڌ جي تهذيب جو دور 2300 قبل مسيح چيو ويجي ٿو.

ياد رکڻ گهرجي ته ابو دابئي جي ان تهذيب جو پتو آثار قديم جي رضاڪار ماهر ٽم هليارڊ (Tim Hillyard) ڪيو هو. ان کان پوءِ سموري دنيا ان تهذيب ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي آهي. ان بعد ڊنمارڪ (Denmark) جي قديم آثارن جي ماهرن تي مشتمل ٽيم ان جاءِ تي کوٽائي ڪري بي بها معلومات هٿ ڪئي آهي. مون جيڪا به معلومات مٿي ڏني آهي اها ٽيم جي ڊائريڪٽر مسٽر ٽي- جي بيبي (T.G. Bibby) جي ڏنل آهي.

دنيا جي نقشي ۾ خاص طرح ابو دوبئي ۾ موجود پاڪستان واري حصي تي نظر وجهڻ سان اها حقيقت پلي پت معلوم ٿيندي ته هن

ٻنهي علائقن جي وچ وارو رستو خاص طرح زميني رستو نهايت ڏکيو ۽ پر خطر آهي. نہ صرف ايترو بلڪ ان زماني ۾ هتان يعني ڪراچي ڪان پنجاب تائين سفر پڻ مشڪل تصور ڪيو ويندو هو ۽ ڪيترا ماڻهو تہ سفر ڪرڻ ڪان ئي پري رهڻ پسند ڪندا هئا. جيڪڏهن سفر ڪرڻ ضروري هوندو هو يا سامان وغيره موڪلڻو پوندو هو تہ ان لاءِ درياه سنڌ جي وسيلي موڪليو ويندو هو.

ان ڪري اسان اهو مفروضو قائم ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ ان زماني ۾ درياه جي وسيلي سڌي طرح اُومان جي نار تائين سفر ۽ واپار ٿيندو هو.

ڪراچي اِن زماني ۾ پڻ هڪ محفوظ بندر طور استعمال ٿيندو هو ۽ پنهنجي ان خصوصيت جي ڪري مشهور هو. اسان پڙهي آيا آهيون تہ منهوڙي کي 326 قبل مسيح جي پڻ سڪندر جو بهشت سڏيو ويندو هو. ڪراچي اڄ وانگر اُن زماني ۾ پڻ اُومان جي نار کي ويجهو هوندي هئي.

اسان ان سوچڻ ۾ پڻ پاڻ کي حق بجانب سمجهون ٿا تہ ڪراچي ان زماني ۾ پڻ واپار وغيره لاءِ استعمال ٿيندي هئي. جيڪڏهن واپار ٿيندو هو تہ بندر پڻ ضرور هوندو ۽ جيڪڏهن بندر هوندو تہ هتي شهر پڻ لازمي هوندو.

اسان جي خيال ۾ جيڪڏهن ابو دبئي ۽ ڊملوٽيءَ، اورنگيءَ، منگهوپير ۽ ڪراچي يونيورسٽي ويجهو جيڪو ڪجهہ آثار قديمہ وارن کي هٿ آيو آهي، ان جي ڀيٽ ڪرڻ سان اسان کي ضرور فائدو رسندو. ٺڪر جا برتن، ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ هار ۽ مٽيءَ ٺڪر جون چوڙيون، پٿر جا اوزار وغيره پڻ ابودبئي وانگر هتي پڻ مليا آهن.

اسان جي خيال ۾ هتي ۽ ابو دبئي مان هٿ آيل شين جي ڀيٽ سان هڪ ڳالهہ واضع ٿي اسان جي سامهون اچي ٿي تہ هي تهذيبون هڪ ئي دور جون هيون. اسان جي خيال ۾ جيڪڏهن ان مفروضي تي ڪم ڪيو وڃي تہ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو.

سيٺ نائومل پنهنجي يادگيرين ۾ بلڪل واضع ۽ صاف لکيو آهي

تہ اڄ ڪان (سندس دور ڪان) 400 کان 500 سال اڳ ۾ ڪلفٽن ۽ ڪيمپ (صدر؟) جي وچ ۾ هڪ خوشحال شهر آباد هوندو هو. سندس چوڻ آهي تہ هن پاڻ ان شهر جا نشان ڏٺا هئا. بلڪ هن قتل گهرن جا نشان پڻ ڏٺا هئا ۽ ان وقت جي حاڪم سنڌ سر بارٽل فريئر (Sir Bartle Frere) کي پڻ ڏيکاريا هئا.

سيٺ نائومل فريئر ڏانهن خط ۾ وگهوڊبار (Wagudbar) جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ هڪ آباد شهر هو.

اول ذڪر شهر (ڪلفٽن ڪان صدر تائين) راجا دلوراءِ پٽرايو هو ۽ جڏهن تہ آخر ذڪر شهر جو ڏيور جي راجپوت راجا جي حڪومت وقت هوندو هو.

اِهو ناممڪن آهي تہ سيٺ نائومل فريئر جهڙي شخص کي ڪا غلط ۽ بي بنياد ڳالهہ لکي ٿي سگهيو. اهو ئي سبب آهي تہ اسان سيٺ نائومل جي ڳالهہ کي وزن دار سمجهندي اعتبار ڪريون ٿا ۽ سمجهون ٿا تہ سندس چوڻ ۾ ڪانہ ڪا حقيقت ضرور پوشيده هوندي.

مون اِهي سڀ اشارا ۽ ڏس ان ڪري گڏ ڪيا آهن تہ جيئن ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي. ليڪن ڪنهن هڪ شخص لاءِ اِهو ممڪن نہ آهي تہ انهن اشارن کي ڪنهن منطقي نتيجي تائين پهچائي سگهي. ان ڪري آءُ عرض ڪندس تہ ماهرن تي مشتمل ڪميشن قائم ڪئي وڃي جيڪا نہ صرف ڪراچيءَ بلڪ پوري سنڌ جي ماضي تي تحقيق ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچي. جيڪڏهن اِهو ڪم هاڻي نہ ڪيو ويو تہ شايد ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهي.

جيڪڏهن اسين هن وقت غفلت کان ڪم ورتو تہ اسان جا ايندڙ نسل اسان کي معاف نہ ڪندا. جڏهن هو اسان کان پڇا ڪندا تہ ”اسان هن لاءِ سواءِ مونجهاري جي ڪا ٻي شي ڇڏي آهي؟“ تہ اهڙي صورت ۾ اسان وٽ ڪو صحيح جواب نہ هوندو.

# سنڌ جي آزاديءَ جو خاتمو

ڪراچيءَ جي فتح ڪان پوءِ سنڌ جي فتح برطانوي هند حڪومت لاءِ ڪو مسئلو نه هو، هنن صرف مناسب وقت جو انتظار ٿي ڪيو. حقيقت ۾ ڪراچي بغير ڪنهن ڪوشش جي حاصل ڪئي وئي هئي، ايتري حد تائين جو ڪين هڪ گولو به استعمال نه ڪرڻو پيو هو ۽ نه ئي ڪا رتو ڇاڻ ٿي هئي. سواءِ ڪنهن لڙائي ۽ جنگ جي انگريز صرف زباني دٻاءُ ڪان ڪم وٺندي ڪراچيءَ تي قابض ٿيا هئا. ان جو مثال هڪ مسواڙي جو آهي جنهن ڪا جاءِ مسواڙ ڏيئي حاصل ڪئي هجي ۽ بس- هي مسئلو اهڙي سادگي ۽ سولائي سان نبرجي ويو هو.

هن واقعي برطانوي حڪومت لاءِ نئين سوچ جا در ڪوليا هئا. اهو چوڻ ته اهي خيال ڪي هاڻي جي پيداوار هئا ۽ ڪراچيءَ جي فتح جي ڪري پيدا ٿيا هئا، سادگيءَ ڪان وڏيڪ ڪجهه به نه آهي. ڇاڪاڻ ته سلطنتون اهڙي سهوليت سان نه ٺهنديون آهن. اها حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي ته برطانوي هند حڪومت ان واقعي لاءِ سالن ڪان تيارين ۾ هئي، سالن ڪان ضروري رٿابندي ۾ مصروف هئي ۽ ان لاءِ پوري تفصيل تيار ڪئي وئي هئي. ان وقت جيڪي دستاويز ۽ فائل خفيه رکيا ويا هئا سي هاڻي ظاهر ڪيا ويا آهن ۽ هر شخص آر ڪيوز يا (Archives) دفترخاني ۾ ڏسي سگهي ٿو.

سنڌونديءَ جي چوڙ وارو حصو، ان جا اهم وهڪرا ۽ واٽون وغيره اُن مطالعي جو حصو آهن، جيڪي ان سلسلي ۾ اختيار ڪيو ويو هو. اهو سمورو مواد مختلف شخصن مثال برنس، ڪارليس (Carless)، ميگ ۽ ڪيترن ٻين جي فراهم ڪيل معلومات تي مشتمل آهي ۽ جنهن

ڪي سورهن سؤ (1600) صفحن تي پکڙيل ٻن حصن تي مشتمل ڪتاب "درياه سنڌ بابت يادگيرين" (Memoris on the River Indus {2 vol.s}) جي نالي سان ظاهر ڪيو ويو آهي.

انهن رپورٽن ۾ پوري تفصيل سان سنڌوءَ جي ڦرندڙ گهرندڙ شخصيت کي پيش ڪيو ويو آهي. مختلف موسمن ۾ ان جي مختلف جاين تي سنڌس اونهائي پڻ معلوم ڪئي وئي هئي. فوجي اهميت جي سيني جڳهين جي نشاندهي ان کان علاوه ڪئي هئي. انهن رپورٽن ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو هو ته ڪهڙن ڪهڙن هنڌن تي فوج کي سلامتيءَ سان لاهي پيو سگهجي.

اهي رپورٽون ماهرن طرفان تيار ڪيون ويون هيون ۽ ڪراچيءَ تي قبضو ته آئنده جو آغاز هو. ليڪن هن واقعي سموري ملڪ کي غمگين ڪري ڇڏيو هو. هاڻي ڪجهه به ٿي نٿي سگهيو. ڪراچيءَ تي قبضو ملڪ لاءِ اجل جو پيغام هو. جسم ۾ سرطان جو آغاز ٿي چڪو هو ۽ هن بيماريءَ جو علاج جڏهن هن زماني ۾ ممڪن نه آهي ته ان زماني ۾ ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو ٿي. مريض کي هاڻي صرف موت جو انتظار هو ۽ ان کان وڌيڪ ڪجهه ممڪن نه هو. ڪراچيءَ جي وڃڻ فڪر ۽ ڳڻتي ضرور پيدا ڪئي هئي، ليڪن افسوس آهي ته ان لاءِ جنگ جو سڏ نه ڏنو ويو هو. طوفان کي روڪڻ جي ڪا ڀرپور ڪوشش نه ڪئي وئي هئي.

اهو چوڻ ته برطانيه جي وڌندڙ طوفان کي سنڌ روڪي سگهي، سادگي آهي. اهو طوفان سنڌ جي قوت مدافعت کان وڌو ۽ وڌيڪ سگهارو هو. اهو ڪم سنڌ جي حاڪمن جي سگهه ۽ وس کان هر طرح ٻاهر هو. اسان مشرق جا ماڻهو سادا ۽ نصيب تي ڀاڙيندڙ هجڻ جي ڪري شڪست ۾ يقين رکون ٿا. اڪثر موقعن تي اسان پنهنجي تقدير يا قسمت کي ياد ڪندا آهيون، ان وقت اسان کان وسري ويندو آهي ته قسمت يا تقدير پڻ هن ڪائنات جو حصو آهي ۽ نه ئي ڪا ٻاهرين قوت.

انڪري اهو سوچڻ ته جيئن ئي ڪو طوفان اسان کي اچي گهيري

۽ اسان پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيون ۽ بچائڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪيون ته اهڙو رويو نه صرف غلط بلڪ قدرت سان ٺٺول جي برابر آهي. طوفان کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ کي خودڪشيءَ کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي.

سنڌ ۾ بلڪل ايئن ٿيو هو. پاڻ کي ۽ ملڪ کي بچائڻ جي ڪا خاص ڪوشش نه ڪئي وئي هئي ۽ جڏهن وقت ڪجھ ڪرڻ لاءِ سوچيو ويو ته ان وقت گهڻي دير ٿي چڪي هئي. جيڪڏهن هندوستان ۽ ٻين ملڪن ۾ ٿيندڙ واقعن تي نظر رکي وڃي ها ته شايد گهڻو ڪجھ ٿي سگهيو ٿي. ليڪن ايئن ٿي نه سگهيو هو. اها ڪوتاهي اصل ۾ بدقسمتي ئي هن ملڪ جي غلاميءَ جو سبب هئي.

انهن زماني ۾ مشرق ۾ هر هنڌ برطانيه کي فتح ۽ ڪامراني حاصل ٿي رهي هئي. مغرب ۾ ٿيندڙ واقعات مان حاصل ٿيندڙ نتيجا وساريا نٿي ۽ هن پڪو ارادو ڪيو هو ته هو هر حالت ۾ هڪ ٻئي بوسٽن ٽي پارٽي (Boston Tea Party) جهڙو واقعو ورجائڻ نه ڏيندا. ياد رکڻ گهرجي ته ان واقعي کان پوءِ ئي آمريڪا ۾ آزادي جي جنگ شروع ٿي هئي.

سنڌ کي فتح ڪرڻ کان پهريان انگريز هندوستان جي وڏي حصي تي قابض ٿي چڪا هئا. 1757 ۾ پلاسي جي فيصلا ڪن جنگ ۾ نواب سراج الدولا انگريزن کي شڪست ڏني هئي. 1799 ۾ ٽيپو سلطان کي هن آخر ماري مات ڪيو هو. اهڙيءَ طرح ڏکڻ کان وچ هندستان تائين سندن حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. ساڳي طرح دهلي مغلن جي گاديءَ جو هنڌ پڻ ٽپڪي وانگر هو. دهلي کي فتح ڪرڻ هن لاءِ مسئلو نه هو. نه صرف ايترو بلڪه ان انب کي صرف هٿ لائڻ جي دير هئي ۽ بس.

تعجب صرف انهيءَ ڳالھ جو آهي ته برطانيه هن علائقي، سنڌ ۽ پنجاب (وادي سنڌ) کي هن وقت تائين ڪيئن آزاد رهڻ ڏنو هو. آخر ڪهڙن سببن ڪري هو هن علائقن کي فتح ڪرڻ کان پرهيز ڪندا رهيا هئا؟ منهنجي خيال ۾ ان جا ٽي سبب ٿي سگهيا ٿي:

1ـ سنڌ ان وقت تائين، رسمي طور ئي سهي ڪابل (افغانستان) جي ماتحت هئي. روس، ان وقت تائين ان ملڪ کي پنهنجو ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. ۽ برطانيه روس سان ٽڪر کائڻ جو فيصلو نه ڪيو هو.

2ـ پنجاب، سنڌ ۽ افغانستان جي وچ ۾ ٿي آيو. سنڌ کي حاصل ڪرڻ ته چاهيائون پئي، ليڪن پنجاب جي حڪمران مهاراجه رنجيت سنگهه سان ٽڪر کائڻ لاءِ تيار نه هئا.

3ـ سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته جاگرافي سنڌ جي حق ۾ ٿي ڪم ڪيو. بمبئي ۽ سنڌ جي وچ ۾ ڪافي فاصلو هو. اهڙي وڏي پنڌ تان فوجن کي آڻڻ مناسب نٿي سمجهيو ويو. ان مقصد لاءِ سمنڊ جو استعمال سنڌن لاءِ اٽڪر هو. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري انگريز خاموش هئا.

پنهنجن سرحدن کان ٻاهر جون حالتون پڻ کين سنڌ فتح ڪرڻ کان روڪيون بيٺيون هيون. فوجن چورڻ کان اڳ ۾ ضروري هو ته انتظار ڪيو وڃي ۽ حالتن کي پنهنجي حق ۾ ٿيڻ ڏنو وڃي. کين هر قدم ڦوڪي کڻڻو هو. ناڪامي جي صورت ۾ سنڌن لاءِ وڏا خطرا هئا.

انهن سڀني حقيقتن جي پيش نظر هنن سڀ کان پهريان مهاراجا رنجيت سنگهه کي رام ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. وقت لاءِ ئي صحي هنن پنجاب طرف دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو. رنجيت سنگهه جي طرف هنن دوستيءَ جو هٿ مس وڌايو هو ته هُن وڏي ڪري تسي ملائي! ليڪن سک حڪمران دور انديشي کان ڪم وٺندي ان دوستيءَ کي خاص حد اندر محدود ڪري رکيو هو.

پنجاب ۽ ملڪ جي اترين علائقن ۾ ڇا وهيو واپريو، ان جو في الحال ذڪر ڪرڻ اسان جي موضوع کان ٻاهر آهي. جڏهن هنن محسوس ڪيو ته پنجاب جي طرف کان کين ڪو خطرو نه آهي ته اهڙي وقت هنن سنڌ فتح ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ياد رکڻ گهرجي ته رنجيت سنگهه ان وقت سخت بيمار هو ۽ بستر داخل هو، اليگزينڊر برنس جيڪو سنڌس علاج لاءِ سک درٻار ۾ ويل هو، يقين ظاهر ڪيو ته مهاراجا

گهڻو عرصو جيئرو رهي نه سگهندو ۽ سندس موت تمام جلد ٿيڻ وارو آهي. برنس جو انومان درست ثابت ٿيو.

ڪراچي تي 1839 ۾ قبضو ڪيو ويو هو. 1842 ۾ جنرل سر چارلس نيپيئر کي سنڌ ۾ برطانوي فوجن جو سربراه مقرر ڪيو ويو هو.

بظاهر تمام گهڻي ڇڪ ڇڪ ٿي رهي هئي، ليڪن صرف ڪاغذي حد تائين، ڪاغذن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ معاهدا ڪيا ٿي ويا، صرف ان لاءِ ته انهن کي تمام جلد ڦاڙي ڦٽو ڪيو وڃي. ٽالپرن کان ڪيترين رعايتون وٺڻ ۾ ڪامياب پڻ ٿيا هئا. ڪين انهن حاصل ٿيندڙ رعايتن سان ڪا دلچسپي نه هئي. هو انهن حاصل ٿيندڙ رعايتن کي ڪا به اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. حقيقت ۾ برطانيه کي اهڙن عهدنامن سان ڪا به دلچسپي نه هئي. سندن اطمينان لاءِ صرف هڪ ڳالهه اهميت واري هئي سا اها ته هنن هر ممڪن طريقي سان سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ ٿي گهريو. ان کان گهٽ هو ڪا ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه هئا.

اِها ڇڻ ڀلي ڪُئي واري راند هئي. ايئن ٿي محسوس ٿيو ته ڀلي مظلوم ۽ ويچاري هئي ۽ هوءَ وڌ ۾ وڌ صبر کان ڪم وٺي رهي هئي. اصل ڏوهه ته ڪُوئي جو هو.

هاڻي ان سڄي ناٽڪ جي آخري سين کان پردو کڄي ٿو. سو هيئن ته فيبروري 15، 1843 تي حيدرآباد ۾ مقيم برطانوي ريزيڊنٽ ميجر آوٽرام (Major Outram) جي رهائشگاه تي حملو ڪيو ويو هو.

نيپيئر ڏانهن پنهنجي رپورٽ ۾ جيڪا هن آگبوٽ پلينٽ (Planet) تان موڪلي هئي، آئوٽرام لکي ٿو ته:

"گذريل ڪجهه ڏينهن جي خط و ڪتابت مان، توهان اها ڳالهه محسوس ڪئي هوندي ته آءُ چاهيو پئي ته سنڌ جي اميرن سان بنا ڪنهن جهڳڙي ۽ اختلاف جي ڪو فيصلو ٿي وڃي. ليڪن مون کي ڏک آهي ته ايئن ٿي نه سگهيو. توهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته هنن جي اميرن جهڳڙي جو آغاز ڪيو آهي، اڄ صبح جو اٽڪل ڇئين وڳي منهنجي گهر تي حملو ڪيو ويو هو. ليڪن ڪيپٽن ڪان وي (Cap. can way) جي اڳواڻيءَ ۾ 22 ريجيمنٽ گهڻي دليري سان ان حملي کي

منهن ڏنو هو. ليڪن بارود جي ختم ٿيڻ ڪري اسان لاءِ اڳبوٽ تي پناه وٺڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو نہ هو“.

ان بعد ريزيڊنسي (Residency) تي گهيري وغيره جي تفصيل ڏني وئي آهي. آئوٽرام لکي ٿو تہ؛

”22 ريجيمنٽ جا ٻہ شخص يا سپاهي، هڪ مقامي مخبر مسٽر ڪيلي (Kieley) ۽ ڪلارڪ ڪارسيلي (Carlik) مارجي ويا، جڏهن تہ جهاز جا ٻہ خلاصي ۽ ٻہ مخبر زخمي ٿيا هئا ۽ وڏيڪ چار سؤ ماڻهو لاپتہ هئا.

ڪُل ٽي ماڻهو مئا، ڏهہ زخمي ٿيا ۽ چار لاپتہ هئا، اِهو هو ڪل انگريزن جو نقصان.

مون کي يقين آهي تہ آئوٽرام کي انهن سڀني واقعن جو افسوس ضرور ٿيو هوندو، ليڪن کيس ڪو ڏک يا صدمو رسيو هوندو، جيئن ان کان پوءِ جي واقعن مان ظاهر ٿيندو. نيپئر جيڪو آئوٽرام جي ڀيٽ ۾ هڪ مڪمل سپاهي ۽ دل و جان سان فوجي هو، کي ضرور واقعن تي خوشي ٿي هوندي ڇاڪاڻ تہ کيس پنهنجن منصوبن تي عمل ڪرڻ جو بهانو مهيا ٿيو هو.

اهڙي طرح کيس هڪ سبب ميسر ٿيو هو. آخرڪار هن شخص پنهنجي ناپاڪ عزائم تي عمل ڪري ڏيکاريو. سر چارلس نيپئر برطانوي هند جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو (Lord Ellenborough) کي خط ۾ اطلاع ڏيندي لکي ٿو تہ:

”منهنجي ڪمان هيٺ آيل فوجن کي سنڌ جي اترين ۽ هيٺاهين حصي جي اميرن کي مڪمل فتح حاصل ٿي آهي“

ٻيو خط جيڪو 18 فيبروري 1843 تي لکيو ويو هو ۽ مياڻي جي ميدان تان لکيو ويو هو، ان ۾ نيپيئر پهريان تہ آئوٽرام طرفان ٻڌايل واقعن کي ورجايو آهي ۽ لکي ٿو تہ ”اهڙن خراب واقعن جي رپورٽ هن خط سان گڏ موڪلي رهيو آهيان“

آئوٽرام تي حملي وقت نيپيئر هالا شهر ۾ هو ۽ اُتان ئي آئوٽرام سان گڏ حيدرآباد تي چڙهائي لاءِ روانو ٿيو هو. نيپيئر لکي ٿو تہ؛

”سورهين (16) فيبروري تي آءٌ مٽيارين وٽ پهتو هوس. اُتي مون کي پڪ سان خبر پئي ته حيدرآباد کان ڏهه ميل ٻاهر مياڻي وٽ امير (جنگ لاءِ) تيار ٿيو ويٺا آهن. مون کي ٻڌايو ويو ته سندن فوجن جو تعداد 22000 جنگي جوانن تي مشتمل آهي، اِها ڳالهه ظاهر هئي ته جيڪڏهن وڌيڪ دير جي صورت ۾ نه صرف ڪين وڌيڪ مدد پهچڻ جو امڪان هو بلڪ سندن حوصلا پڻ بلند ٿي وڃن ها. هنن جي فوجن جو تعداد اسان جي فوجن جي تعداد کان ست دفعا وڌيڪ هو. ان ڪري مون حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ سترهين تاريخ (17) صبح جو 4 وڳي مٽيارين کان ڪوچ ڪيوسين، اٺين وڳي اسان جي محافظن هنن جي ماڻهن کي ڏٺو ۽ اٽڪل نائين وڳي (9:00 pm) 2800 فوجي جوانن کي جنگ لاءِ صف آرا ڪيو ويو هو. انهن فوجن کان علاوه اسان وٽ ٻارنهه (12) توبون پڻ هيون“.

پنهنجي طرفان جنگ جو آغاز ٿي چڪو هو. ٻنهي طرفان باهه وسي رهي هئي. جنگ جي ميدان جو طبعي ذڪر ڪرڻ بعد نيپيئر جنگ جو مڪمل احوال ڏنو آهي. سنڌ جي جنگ جي ذري ذري جو تفصيل ڏنو آهي. اِها جنگ ”آزاد سنڌ“ جي آخري جنگ هئي.

پهرين گولي اچلائڻ کان پوءِ مقابلو ڌوبڌو ٿيڻ لڳو هو. ٻئي ڌريون پوري جوش ۽ ولولي سان وڙهي رهيون هيون. ”ان بعد اسان ڏٺو ته ننڍي بندوق (Maskl) ۽ سنگين جي اعليٰ خوبين ٿوڻي واري بندوق (Matahlok) ۽ تلوار تي پنهنجو پاڻ ميڃرائي رهيا هئا. ۽ اهڙي طرح تلوارن ۽ ٿوڻي واري بندوق جي پيٽ ۾ ننڍيون بندوقون ۽ سنگينون وڌيڪ اعليٰ ثابت ٿي رهيون هيون“.

ليڪن نيپيئر صاحب، معاملو انهن هٿيارن کان مٿي هو. اِها اعلائيت ان ڪري هئي ته هڪ طرف تربيت يافته فوج هئي ته ان جي مقابلي ۾ فوج نه هئي بلڪ جلدي ۾ گڏ ڪيل عام ماڻهن جو ٽولو هو. هڪ طرف واري فوج کي پنهنجو مقصد معلوم هو، سو اِهو ته هر حالت ۾ ڪين دشمن جو صفايو ڪرڻو هو. ڪين نيست ونابود ڪرڻو هو ته جيئن هڪ ملڪ تي يونين جيڪ (Union Jack) برطانوي جهنڊو چاڙهيو

وڃي. ٻئي طرف وڙهندڙ انبوهہ کي خبر نہ هئي تہ ڪين ڇا ڪپندو هو ۽ هو ڇاڪاڻ وڙهي رهيا هئا. وٽن سواءِ پنهنجي حياتيءَ جي پنهنجي وطن تي نڇاور ڪرڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو ۽ پنهنجي حياتيءَ جو نذرانو هنن تمام بهادريءَ سان پيش ڪيو هو. لڪين سوريءَ چڙهيا هئا.

افسوس تہ هو جنگ جي ميدان مان دير سان واپس وريا هئا. بهرحال ٽالپرن جي فوج جيڪڏهن ان کي فوج ڇئي سگهجي ٿو، تہ ان جي بهادري نيپيئر جهڙي شخص کان خراج تحسين حاصل ڪيو هو. ”بهادر بلوچ پنهنجي ٽوٽي واري بندوق (Mathlock) ۽ پستولن سان ليس ٿي پوري جوش سان پاڻ کي ڦليلي (درياہ سنڌ جي هڪ شاخ، جيڪا حيدرآباد وٽان وهي ٿي) جي ڪناري تي اڇلايو هو، ليڪن بهادر ۽ تلوار جا ڌڻي نندين بندوقن جي سامهون بيهي نہ سگهيا ۽ پروانن وانگر قربان ٿيندا ٿي رهيا“.

سچ لڳي ٿو تہ کان اڳ ۾ ٽالپرن جي فوج شڪست کائي پوئتي موٽي رهي هئي ۽ ان وقت تائين ان جا اٽڪل پنج هزار بهادر قربان ٿي چڪا هئا. برطانيہ جا اٽڪل 256 فوجي جنگ ۾ ڪم آيا هئا.

”خيرپور جي ميرن مان مير رستم خان، مير نصير خان، ميرولي محمد خان ۽ حيدرآباد جي ميرن مان ميرمحمد نصير خان، ميرشهداد خان، ميرحسين خان وغيرہ حيدرآباد ڪيمپ ۾ اچي پنهنجون تلوارون منهنجي حوالي ڪيو هيون ۽ هاڻي سندن حيثيت جنگي قيدين واري هئي“.

مير صاحبان جو پيش پوڻ اسان سيني جي تباهي ۽ بربادي جو آغاز هو. ان گهڙي اسان زمين دوز ٿي ويا هياسين.

ليڪن سنڌ جي حاڪمن مان هڪ شخص اڃان بہ موجود هو ۽ هن مهل تائين پيش نہ پيو هو. اهو هو ميرپور خاص وارو مير شيرمحمد خان. هن مير صاحب کي 24 فيبروري تي دٻي جي جنگ ۾ شڪست ملي هئي.

پوسٽنس مطابق تہ ” مير شيرمحمد خان جو مياڻي ۽ ان بعد دٻي جي جنگ ۾ اختيار ڪيل طرز عمل ويچار جوڳو آهي. مياڻيءَ جي

جنگ ۾ هن ڪو حصو نه ورتو هو. ليڪن ڇيو وڃي ٿو ته هن پنهنجا ماڻهو مياڻيءَ جي جنگ ۾ حصي وٺڻ لاءِ موڪليا هئا. جن ڪي يقين ڏياريو ويو هو (انگريزن طرفان) ته جيستائين هو غير جانبدار رهندا هون ان وقت تائين ڪيس هٿ نه لاٿو ويندو. شايد ان ڪري هن صرف پنهنجي گاديءَ واري شهر (ميرپور خاص) جي بچاءُ تي ڌيان مرڪوز رکيو هو. مياڻيءَ جي جنگ بعد هن اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪهڙا شرط ۽ ڪهڙو رويو اختيار ڪيو ويندو. ڪيس ٻڌايو ويو ته هن سان پڻ ساڳيو رويو اختيار ڪيو ويندو جيڪو سندس ڀائرن سان روا رکيو ويو آهي. يعني هو پاڻ کي ٻه جنگي قيدي طور پيش ڪري ۽ بس“.

پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ کان پوءِ مير شيرمحمد خان هڪ دفعو وري نيپيئر ڏانهن پنهنجو سفير موڪليو هو. ”منهنجي يوتار (مالڪ) لاءِ توهان ڪهڙا ٿا شرط آڇيو؟ سفير نيپيئر کان معلوم ڪيو. عين ان وقت توب جو فائر ڪيو ويو ۽ نيپيئر مير صاحب جي سفير کي ٻڌايو ته ”اهو آهي منهنجو جواب“ يعني بهتر آهي ته پيش پؤ يا ٻي صورت ۾ جنگ.

مير شيرمحمد خان پڻ پنهنجي ٻين ڀائرن کان بهادري ۾ گهٽ نه هو. هو ٻه هڪ دلير شخص هو. هن جنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڪيس ڪو سٺي صلاح ڏيڻ وارو هجي ها ته يقين سان ڪيس ايترو جلد جنگ ڪرڻ کان پاسو ڪرائي ها. هن لاءِ بهتر اهو هو ته پهريان پنهنجي ماڻهن کي تربيت ڏياري ها ۽ ان بعد جنگ جي ميدان ۾ اچي ها. ليڪن افسوس آهي ته هن ايئن نه ڪيو ۽ ماڻهن جو انبوه وٺي اچي جنگ جي ميدان ۾ پهتو. هن جي مقابلي واري فوج هڪ ته تربيت يافته هئي ۽ ٻيو ته ڪين تازي فتح جي خوشي هئي، بلڪ ان خوشي ۾ اِها سرشار هئي. نتيجو سڀني جي سامهون آهي. مير شيرمحمد انبوه جي بهاديءَ باوجود شڪست کاڌي هئي. ليڪن ان ۾ مير صاحب جو ڪو ڏوه نه هو. دنيا جي ٻين علائقن وانگر سنڌ جي نصيب ۾ ٻه شڪست لکيل هئي. قسمت جي لڪٽي کي ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي. سنڌ جي حاڪمن لاءِ تاريخ جو رخ ڦيرائڻ سندن وس کان ٻاهر هو. سنڌ جي

قسمت جو تارو گردش ۾ اچي چڪو هو.

دبي جي جنگ کان پوءِ جنرل نيپيئر لکي ٿو ته ”هن جنگ ۾ ٽي بلوچ سردار پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي چڪا هئا. انهن مان هڪ شخص جو نالو حاجي محمد سعيدي (Haji Mohd Saeedee) هو. هو جنگ ٻيو ڪو ڏيو هو. مون کي يقين آهي ته هن ڪان پوءِ (دبي جي جنگ کان پوءِ) سنڌ ۾ وري ٻي جنگ نه ٿيندي. ان لاءِ مون وٽ پختا دليل آهن“.

اهڙي طرح قسمت، سنڌ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. هڪ ڪاري رات پنهنجي پوري جوڀن سان سنڌ مٿان ڇانئجي چڪي هئي. ان منحوس ۽ ڪاري رات مان نڪري ڏينهن ۾ اچڻ لاءِ گهٽي وقت جو انتظار درڪار هو.

# تاريڪ/ نئين دور جو آغاز

ان کان اڳ ۾ جو دنيا کي مياڻيءَ جي جنگ ۾ برطانوي هند جي فتح جي خبر پوي هڪ فقير جيڪو ترڪ ٿي معلوم ٿيو، رام باغ ڪراچي جي ويجهو وڏي واڪي چوندي ٻڌو ويو هو ته مياڻي ۾ انگريزن کي فيصلہ ڪن فتح حاصل ٿي آهي ۽ ميرن کي شڪست ملي آهي. ”ميرن کان سنڌ هميشہ لاءِ نڪري وئي“.

برطانوي حڪومت جا ٻہ عملدار ڪرنل بوليو (Col.Boileau) ۽ ڪيپٽن پريڊي (Capt. Preedy) ڪراچيءَ ۾ تعنيات هئا. ليڪن انهن کي پڻ اجا تائين خبر نہ پئجي سگهي هئي. نہ ئي ڪين حيدرآباد ۾ برطانوي ريزيڊنسي تي ٿيل حملي جي ڪا ڄاڻ هئي، جيڪو واقعو مياڻي جي جنگ جو ڪارڻ ۽ سنڌ جي فتح جو بهانو ٿي ڪم آيو هو.

انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ واري فاصلي طئي ڪرڻ لاءِ هڪ سوار کي گهٽ ۾ گهٽ ڇٽيهن ڪلاڪن جو سفر درڪار هوندو هو. سوال آهي تہ رام باغ واري ان فقير کي آخر مياڻيءَ بابت ڪيئن خبر پئي؟ ڪيس ڪنهن ٻڌايو؟ آخر اِهو فقير هو ڪير؟ ڪٿان آيو هو ۽ ڪاڏي ويو؟ ڪنهن بہ شخص کي اڄ سوڌو خبر پئجي نہ سگهي آهي.

سيٺ نائومل، جيڪو گذريل ٽن سالن کان انگريزن جو همدرد ۽ صلاحڪار (۽ سنڌ جو غدار) ٿي ڪم ڪري رهيو هو، اِن پاڻ اِها تجويز پيش ڪئي تہ ڪو ماڻهو موڪلي حقيقت معلوم ڪئي وڃي. اَن صلاح تي عمل ڪندي هڪ شخص جنهن جو نالو جادوُ ڇيو وڃي ٿو،

منگهي پير واري رستي کان حيدرآباد موڪليو ويو. جيڪو ڇتيهن (36) ڪلاڪن جي پنڌ کان پوءِ منزل تي پهتو هو.

ان وچ ۾ اينجلس (جاسوس) نيپيئر جا حڪم کڻي ڪراچيءَ پهتو ته ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نالي ۾ ڪراچيءَ تي بنادير قانوني طرح قبضو ڪيو وڃي، ان جو انتظام سنڀاليو وڃي.

برطانوي آفيسرن مان هڪ (شايد پريڊي هو) سيٺ نائومل کي گهرائي حڪم ڏنو ته هو هن سان گڏ هجي. سيٺ اهڙي روبي تي هڪو ٻڪو رهجي ويو. ڪيس سمجهه ۾ نٿي آيو ته ان تبديليءَ جو سبب ڇا هو يا ڇا پئي ٿي سگهيو؟ آخر همت ڪري سبب پڇيائين، ڪيس ڪو جواب نه مليو.

سيٺ نائومل پريڊي کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر آيو جتي هن جي خاطر مدارت ڪئي. ٿڌ لاهڻ ۽ تازه دم ٿيڻ لاءِ شربت آڇيو ويو ليڪن انگريز آفيسر شربت پيئڻ کان انڪار ڪندي، سيٺ کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو.

ايتري ۾ سپاهين اچي ڪيس سنڌ جي فتح جي خوش خبري ٻڌائي. آخر سنڌ هارايو، ڪيس شڪست ڏني وئي هئي. اِهو بهرحال توهان تي مدار ٿو رکي ته توهان ان کي فتح ٿا سمجهو يا شڪست. اِهو ان تي مدار ٿو رکي ته توهان ڪهڙي ڌر سان تعلق ٿا رکو.

ميرن جي آفيسرن مان محمد صديق کي مير نصير خان ۽ حسن علي، ديوان ٽيڪچند کي مير نورمحمد خان ۽ ديوان مولچند کي ميرصوبدار جي طرفان حاضر ٿيڻ لاءِ چيو ويو. اهي ماڻهو ميرن طرفان ڪراچيءَ ۾ "اجاريدار" يا روينيو آفيسر مقرر ٿيل هئا.

سيٺ نائومل جي چوڻ مطابق حسن خان، ميرن طرفان ڪراچي جو نواب مقرر ٿيل هو. (مون ان شخص جو نالو ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ نه پڙهيو آهي).

پريڊيءَ انهن آفيسرن کي ٻڌايو ته هاڻي سموري سنڌ ۾ حڪومت تبديل ٿي چڪي آهي. ان ڪري ڪين هتي ڪراچيءَ ۾ سنڌن حڪم مطابق هلڻو پوندو. ڪين حڪم ڏيندي چيائين ته "هو

پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻين . . . نه ته زبان کي پاڻي ڏنو ويندو“ .

ڪين چيو ويو ته هشيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ پنهنجي سپاهين کي مٽا در وٽ گڏ ڪن. حڪم جي تعميل ڪئي وئي.

ڪيپٽن چورِي (Chouri) (ٺٽائون هالا) طرف روانو ٿيو ۽ اتي پهچي ٽالپرن جو جهندو، آزاد سنڌ جو جهندو ڦاڙي پري اڇلائين ۽ ان جي جاءِ تي برطانيه جو يونين جيڪ چاڙهيائين.

چورِي (Chouri) ڪٿي هو؟ ڪنهن کي اِن هنڌ جي ڄاڻ آهي؟ ڇا ٽالپرن جو اصلي جهندو اڃا به ڪنهن وٽ محفوظ آهي؟ يا ان جو ڪو نمونو ملي سگهندو؟ ڇا اڃا به ڪو شخص زنده آهي جنهن کي ان جهنڊي جي صورت ياد هجي؟

هن مضمون لکڻ وقت اِنَ قسم جا سوال منهنجي ذهن کي پريشان ڪن ٿا. مون کي پنهنجي بي خبريءَ جي بخوبي ڄاڻ آهي. آءُ پنهنجن مجبورين کي سمجهان ٿو. بهرحال انهن سوالن جا جواب مون وٽ نه آهن.

بهرحال اسان کي پنهنجي اصل ڪهاڻي طرف موٽڻ گهرجي.

ان حقيقت جون پڪيون شهادتون مليون آهن ته سنڌ، آزاد سنڌ جي آخري ڏينهن ۾ پنهنجي آزادي بچائڻ جون ڀرپور ڪوششون ڪيون هيون. پوءِ چاهي انهن ڪوشش ۾ ڪرٿا، ڪو ربط نه هو. اهي ڇڙوڇڙ ڪوششون هيون. اِهي ڪوششون ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته مير صاحبان کي پنهنجي ۽ پنهنجي وطن سنڌ جي آزادي جو پورو پورو خيال هو. برطانوي خطري کان بچڻ لاءِ هن کان جيڪي ڪجهه ٿي سگهيو، اهو ضرور ڪيائون. ليڪن افسوس ته اهي ڪوششون اهڙي وقت ڪيائون جڏهن پاڻي سر مٿان وري چڪو هو. اِهو ئي سبب آهي ته اِهي ڪوششون ڪارگر ثابت نه ٿيون.

ميرن جي حڪومت قائم ٿيڻ کان گهڻو اڳ ۾ (ان جو ذڪر هن کان پهريان به اچي چڪو آهي) ڪراچي ۽ ان جي آسپاس رهندڙ قبيلن مثال جوکين، نومڙين ۽ ڪرمتي قبائل کي ٽالپرن حاڪمن کان هڪ خفيه پيغام مليو هو ته هو مياڻيءَ جي جنگ کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾

برطانوي هند جي فوجن خلاف ڪراچي ۽ ان جي آسپاس حملا شروع ڪيا ويئن، گوريلا جنگ جو آغاز ڪيو ويئي. ان حڪم نامي کي انهن قبيلن اڪين تي رکيو ۽ حڪم جي پيروي ۾ لڳي ويا.

بدقسمتيءَ سان ان زماني ۾ ڏيهي رياستن ۾ سپريم ڪمانڊر يا هڪ گڏيل اعليٰ فوجي آفيسر جو تصور يا نظريو موجود نه هو. هنن قبائلين جنگ لاءِ فوجي قوت ته حاصل ڪئي هئي ليڪن افسوس ته ڪين مناسب هدايتون وقت سر نٿي مليون. ڪين ڪهڙي وقت ڇا ڳهڻ گهرجي ۽ ڪنهن خاص صورت حال ۾ ڪهڙو طرز عمل اختيار ڪرڻ گهربو هو، ان باري ۾ ڪين ڪابه ڄاڻ نه هئي. ڪين کي ڪ هدايتون نٿي مليون.

مونجهاري جي ڪري رازداري جو قائم رهڻ ممڪن نه هو. اهو سبب آهي ته ان ڳالهه جي خبر ڪهڙي طرح به غدار وطن سيٺ نائومل کي پئجي وئي هئي ۽ جنهن سمورو احوال پوري سچائي سان وڃي انگريزن کي گوش گذار ڪيو هو. انگريزن انهن قبائلين کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻن نمونن جو پروگرام تيار ڪيو. يعني فوجي ۽ نفسياتي طرح هنن قبائلين کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

جوڪين جي ڪيمپ ۾ افواه پکيڙيو ويو ته: برطانوي هند حڪومت جو هڪ نهايت طاقتور فوجي جٿو پنهنجي پوري سازو سامان سان ڪراچيءَ پهچي چڪو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪراچي شهر اندر ڪو پٽڪو نظر آيو ته ان جو خير نه آهي ۽ ان ڪان به وڌيڪ موثر اِهو ته هڪ ڪوڙي خبر اڏائي وئي ته ميرن ته اڳ ۾ ئي برطانوي هند فوجن جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا آهن، شڪست تسليم ڪئي آهي، ان ڪري هاڻي وڙهڻ مان فائدو؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ هيتري ساري تڪليف ڪئي پئي وڃي؟ جڏهن مالڪن گهر تان هٿ ڪنيو ۽ ان کي ٻين جي حوالي ڪيو ته باقي مسواڙي وري ڇا ڪندا؟

انهن ڪوشش رنگ لاتو. پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو هو. قبائلي ويچارا منجهي پيا هئا. ڪين ڇا ڪرڻ گهرجي، اها ڳالهه سندن سمجهه ۾ نٿي آئي ته ڪين آخر ڇا ڪرڻ گهرجي؟ شڪ ۽ مونجهاري سندن سيني ڪوشش تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.

ان بعد اسڪيم جي ٻئي مرحلي کي عمل ۾ آندو ويو. انگريزن فيصلو ڪيو ته ان کان اڳ جو قبائلي شهر جي مختلف هنڌن تان انگريزي ڇانوڻيءَ تي حملي آور ٿين، ڇو نه سندن مکيه جاين تي حملو ڪيو وڃي، جتي انهن قبائلين جو هڪ وڏو تعداد اچي گڏ ٿيو هو. ان فيصلي تي عمل ڪندي اٽڪل هڪ درجن سپاهي، هڪ آفيسر جي ڪمان هيٺ ملير موڪليو ويو جتي اهي قبائل اچي گڏ ٿيا هئا.

ٻئي ڪي ٽڳڻ ۾ چڪمو ڏيڻ ڪو سولو ڪم نه آهي. ان لاءِ پاڻ ۾ ڀروسو ۽ اعتماد جو هجڻ لازمي آهي. اِها خوبي اُن وقت جي برطانوي آفيسرن ۾ بدرجه اتم موجود هئي.

اِهو تير خطا نه ويو ۽ پنهنجي نشان تي وڃي لڳو. اهو تيرهن ماڻهن جو ٽولو قبائلين سان اهڙي طرح سامهون ٿيو جو قبائلين کي يقين ٿي ويو ته واقعي ٻه ڪين وڏي برطانوي فوجي قوت سان منهن ڏيڻو آهي. سندن مقابلو تمام وڏي ۽ طاقتور فوج سان آهي. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته هن مٺ جيترن ماڻهن کي اهڙي بي خوفي سان هتي اچڻ جي جرات نه ٿئي ها. انهيءَ ڪري هنن لاءِ بهتر رستو اِهو آهي ته پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي وڃڻ گهرجي. انهيءَ ۾ ئي سندن خير ۽ ڀلائي آهي. ٻي صورت ۾ ڪين تباهيءَ کان سواءِ ڪجهه ٻه نه ملندو.

ان ڳالهه جو ڪين احساس تمام دير سان ٿيو ته اهو سڀ ڪجهه غلط هو. ساڻن ٺڳي ڪئي وئي هئي. نه مير صاحبان هٿيار ڦٽا ڪيا هئا ۽ نه وري ڪا وڏي فوج ئي ڪراچيءَ جي آسپاس موجود هئي. ليڪن هاڻي ٿي ڪجهه نه پئي سگهيو. وقت گذري چڪو هو. ان وچ ۾ واقعي ٻه مير صاحبان کي مياڻي جي ميدان تي شڪست ملي چڪي هئي. ان جي باوجود ٻه قبائلي سردار اميد کان وڌيڪ دير تائين برطانوي هند فوج سان مقابلو ڪندا رهيا ۽ اُن بعد ئي هنن هٿيار ڦٽا ڪيا هئا.

ڪيپٽن پريڊي (Capt. Pready) جي رپورٽ (جيڪا هن بتاريخ 31 ڊسمبر 1847 تي پنهنجي حڪومت کي پيش ڪئي هئي) مطابق جنهن وقت برطانيه سنڌ تي قبضو ڪيو هو ان وقت مهر علي جوکين جو سردار هو ۽ جڏهن ته ابراهيم خان ڪلمتي ڪرمتن جو ۽ احمد خان

نومڙين جا سردار هئا. اهي قبائلي سردار ٿورو دير سان برطانوي ڪامورن جي سلام تي پهتا هئا، ان ڪري کين جوڳي سزا ڏني وئي هئي.

پريڊي * ان حقيقت جي تصديق ڪندي ٻڌايو آهي ته انهن ٿـنهي قبيلن فيبروري 1843 دوران مناسب فوجي قوت گڏ ڪئي هئي. ڪرمتين جي ڄام/ سردار جي باري ۾ لکي ٿـو ته ” موجوده ڄام ابراهيم خان جي پيءُ پنهنجي قبيلي کي گڏ ڪيو ته جيئن جوکين ۽ نومڙين سان گڏجي اسان جي چانوٽيءَ تي حملو ڪن. اِهو واقعو فيبروري 1843 جو آهي جڏهن برطانيه هند ۽ سنڌ جي جنگ جو آغاز ٿيو هو. انهن قبائلين جو ميڙ اسان تي حملي ڪرڻ کان سواءِ ئي ٽڙي پکڙي ويو هو. اسان جو هڪ ننڍو فوجي جٿو مٿن حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو. ليڪن ان کان اڳ ۾ قبائلي وڃي چڪا هئا“. پريڊي صاحب ان ننڍي فوجي جٿي موڪلڻ کان پهريان سائن وڏو ڪوڙ ڳالهايو ويو هو. کين دوکو ڏنو ويو هو.

جوکين جي باري ۾ لکندي اسان کي ٻڌائي ٿـو ته ميرن جي حڪم تي جوکيا ٻين ٻن قبيلن سان گڏ جي ڪراچيءَ تي حملو ڪن ها. سندن ارادو برطانوي فوجن کي پچائي ڪڍڻ جو هو.

پريڊي جو چوڻ آهي ته مياڻيءَ جي شڪست سندن حوصلا نهايت ئي پست ڪري ڇڏيا هئا، ايتري تائين جو ڪراچي کان چاليهن (40) ميلن اندر سندن پتو نٿي پيو. چاليهن ميلن اندر؟ پريڊي صاحب جو پنهنجو چوڻ آهي ته جوکيا نئين حب ۽ نئين ملير جي وچ واري ٽڪريءَ ۾ آباد آهن. اهو علائقو ڪراچيءَ جي مکيه شهر کان صرف پندرهن (15) ميلن تي آهي. اڄ به جوکين جو قبيلو چوکنڊي جي قبرستان وٽ آباد آهي ۽ جيڪو شهر کان 15 ميلن جي مفاصلي تي آهي.

آخر اهي قبيلا چاليهن ميلن تائين ڪيئن وڃي پهتا؟ آءُ ڪو مکڻ مان وار ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ نه آهيان ليڪن ان ڳالهه سمجهائڻ جي

---

نوٽ: ڪيپٽن شروعات ۾ بازار ماسٽر هو. سنڌ جي فتح بعد کيس ڪراچي ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو هو. ڪراچيءَ جو هڪ رستو سندس نالي پٺيان سڏجي ٿـو.

ڪوشش ۾ آهيان ته ننڍيون ننڍيون غلطيون تاريخ مان نتيجا ڪڍڻ وقت تڪليف جو باعث ٿي ٿيون ۽ خاص طرح اهڙي وقت جڏهن تاريخي مواد جي گهٽتائي هوندي آهي. اسان تي فرض آهي ته جيترو جلد ٿي سگهي تاريخي مواد کي درست ڪندا هلون، اسان کي گهرجي ته جلدي ڪيون، چاڪاڻ ته وقت جهڙي وٿ اسان جي هٿن مان نڪرندي پئي وڃي.

پريڊي اسان کي ٻڌائي ٿو ته مياڻيءَ جي جنگ کان ٿورو ئي پوءِ جوکين جو ڄام/ سردار برطانوي حڪومت جي سلام تي آيو هو ۽ سندس جاگير کيس موٽائي ڏني وئي هئي. جاگير کان علاوه ڪراچيءَ کان ٿتي ويندڙ ۽ گهاري وٽ لهندڙ مال تي ڪسٽم عائد ڪرڻ جو اختيار پڻ ڏنو ويو هو. ان کان علاوه سندس علائقي ۾ تيار ٿيندڙ گهه تي ڦي مڻ هڪ روپيو محصول وصول ڪرڻ جو اختيار پڻ ڏنو ويو هو.

ان کان علاوه ڄام، گهاري ۽ ان جي آسپاس واري علائقي ۾ تيار ٿيندڙ تيزاب (Spirit) تي حيدرآبادي ٿي هزار روپيه سال وٺڻ جي پڻ دعوا ڪئي، اِها پڻ قبول ڪئي وئي هئي.

بهرحال ڄام جيڪا به دعوا ڪئي ۽ جيڪا به سهوليت وٺڻ چاهي، اها کيس ڏني وئي. انهن محصولن جي ڪري جوکين جو ڄام في سال 6500 روپيه وصول ڪري سگهندو هو. سر چارلس نيپيئر ڄام کان ڪسٽم ۽ اهڙي قسم جا محصول عائد ڪرڻ جا اختيارات واپس ورتا ۽ ان جي عيوض کيس 8000 بيگا زمين جاگير طور ڏني هئي.

جوکين جي ڄام، حب ۽ گهاري جي وچ واري علائقي تي دعوا ڪئي هئي ۽ مطالبو ڪيو ته ملير نئين جي منهن کان ڪيپ مونزي (Cape Monze) جي وچ وارو اٽڪل ٽن هزار چورس ميلن جو علائقو کيس ڏنو وڃي. ليڪن سندس اِها دعوا قبول نه ٿي.

انهن کان علاوه ٻيون به ڪيتريون ئي دلچسپ ڳالهيون اسان جي ان ڄام ۽ انگريزن جي وچ ۾ ٿيون هيون. انهن جو اسان جي مضمون سان تعلق نه هجڻ ڪري، انهن کي اِتي ڇڏي اسان پنهنجي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌايون ٿا.

نومڙين جي ڄام/ سردار متعلق لکي ٿو ته موجوده ڄام ستر سالن جي عمر ۾ آهي. سندس قبيلي وارا ڪيس گهڻي عزت ۽ احترام سان ڏسندا آهن. هن کي مير صاحبان وٽ پڻ وڏي عزت حاصل آهي. سندس همشيره مير نور محمد خان ٽالپر جي نڪاح ۾ آهي. سندس هڪ صاحبزاديءَ جو نڪاح مير ڪرم علي خان سان ٿيل هو. ڄام جا ٻي صوبيدار، پائي خان ۽ عزت خان آهن. هن جي ٻي نياڻي لسٻيلي جي ڄام سان پرڻائي وئي هئي. ۽ جهن جي پيڻ سندس وڏي پٽ صوبدار سان لائون لڌيون هيون. هن وقت ( وقت جي وقت ۾) ان قبيلي جا ٻيا چار ڪراچي ۽ سيوهڻ ۽ ڪراچي ۽ ڪوٽڙي وچ ۾ هلندڙ واپاري قافلن کان محصول وصول ڪرڻ جو ڪم ڪندا آهن. ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي واري رستي تان وصول ٿيندڙ محصول جو نرخ ٿي (3) آنا في اُٺ هوندو هو ۽ جڏهن ته ڪراچي ۽ ڪوٽڙيءَ واري رستي تان وصول ٿيندڙ شرح ڏيڍ آنو في اُٺ وصول ڪيو ويندو هو- ان قسم جي محصول کي مٺ (Mith) چيو ٿو وڃي.

ان محصول جي عيوض واپاري قافلن کي مڪمل تحفظ حاصل هوندو آهي. جيستائين اهي قافلا سندن علائقي اندر هوندا آهن، ان وقت تائين انهن جي حفاظت نومڙين جي ذميواري هوندي آهي. اُن دوران جيڪڏهن ڪنهن قافلي کي نقصان پهتو ته ان جو معاوضو نومڙيا ڀري ڏيندا آهن ۽ ايئن ڪرڻ لاءِ هو ٻڌل آهن. قبيلي جي ٻن ماڻهن کي محافظ طور قافلن سان گڏ موڪليو ويندو آهي. هر هڪ محافظ کي ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ٻه روپيه ۽ ڪراچيءَ کان سيوهڻ تائين چار روپيه معاوضو ڏيڻ ۾ اچي ٿو".

(نوٽ): هي سمورو تفصيل پريڊي جي رپورٽ تان ورتو ويو آهي جيڪا هن حڪومت کي موڪلي هئي. برطانوي فتح وقت پيون به اهڙي ئي قسم جون ڳالهيون هيون، ليڪن اسان صرف اُهي لکڻ مناسب سمجهيون آهن جيڪي پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث آهن.

هن باب ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ سيٺ نائومل جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو، لکي ٿو ته: "نائومل ميرن جو هڪ اڳوٽو عملدار ۽ شهر

جو مکيه تاجر هوندو هو. نائومل ۽ سندس خاندان جون برطانوي هند حڪومت لاءِ ڪيل خدمتون تمام گهڻيون ۽ اينريون ته اهم آهن جو سر هينري پاٽينجر (Sir Henry Pottinger) گورنر جنرل لارڊ آڪلنڊ کي هن لاءِ پنشن مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي". ليڪن انتظاميه جي تبديليءَ ڪري، اُن وقت تائين پينشن ڏيڻ ۾ نه آئي هئي. (يعني پينشن منظور ٿي چڪي هئي، فقط ادائگي رهيل هئي).

لارڊ آڪلنڊ برطانوي هند جو 42_1836 تائين گورنر جنرل هو. ٻين لفظن ۾ سندس تقرر ڪراچيءَ تي قبضي ڪان ٽي سال اڳ ۾ ٿيو هو ۽ سموري سنڌ جي فتح ڪان هڪ سال اڳ تائين ان عهدي تي فائز رهيو.

پريڊيءَ ڪراچيءَ جي ان وقت جي مکيه واپارين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جا نالا پڻ ڏنا آهن. کيمچند پٽ وشنوداس، هنسراج، جوشي، آسامل، ۽ محب علي خواجه (شايد محبوب علي) وغيره.

# فتح/ شڪست کان پوءِ جا نتيجا

مياڻي ۽ دٻي جون جنگيون ختم ٿي چڪيون آهن. انهن ۾ شهيد ٿيندڙن ۽ مرڻ وارن کي دفنايو ويو آهي. شهيد کي بنا ڪفن جي ۽ فاتح طرف کان مرڻ وارن کي پوري فوجي اعزاز سان دفنايو ويو آهي. زنده بچي ويلن کي جيئري دفنائڻ جون رٿائون ۽ تياريون هٿ ۾ ڪنيون ويون آهن. توبن، بندوقن ۽ ٻين فوجي هٿيارن جن تي وطن جي شهيدن جو رت ڄمي ويو آهي کي صاف ڪري گودام ۾ رکايو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته سر چارلس نيپيئر جي پيشنگوئي مطابق سنڌ ۾ وري گولي هلائڻ جي ضرورت نه پوندي.

انهن جنگين ۾ شڪست کان پوءِ اٽڪل پندرهن سالن تائين ملڪ ۾ خوفناڪ جنگ جاري هئي. يعني هن عظيم ملڪ جي ماڻهن مٿين جنگين ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ به هار نه مڃي هئي ۽ برابر گوريلا جنگ جاري رکندا آيا جيڪا اٽڪل پندرهن سالن تائين جاري هئي. اُن بعد موت جهڙي خاموشي طاري ٿي وئي. هر طرف مايوسي ۽ نراسائيءَ جو دور دورو هو. ليڪن افسوس ته اِها نراسائي اهڙي ڳنڀير نه هئي جهڙي هجڻ گهرجي ها.

مير صاحبان لاءِ ته ماتم ڪرڻ جو به موقعو نه رهيو هو. هو جيئرا لاش هئا. هن مٿان شڪست جي ڪاري چادر پيل هئي ۽ مٿي ۾ ڌوڙ ۽ خاڪ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. سنڌن گهرن ۽ دربار ۾ مڪمل اونداهي ڇائنجي چڪي هئي. سنڌن فانوسن ۾ تيل باقي نه رهيو هو، مير صاحبان ۽ سنڌن عورتن (بيگمات، ڌين ۽ ڀيڻن وغيره) لاءِ هڪ ڏکي ۽ نه ڪٽندڙ تاريڪ رات جو آغاز ٿي چڪو هو. سنڌن بدنصيبي جي

شروعات اڄهو هاڻي ٿي هئي. انهن بلوچ سردارن جي تڪليفن جو آغاز ٿيو هو جن تي شاعر سنڌ حضرت شاه عبداللطيف فخر ڪندو هو، جن جي موجودگي، بهادري، بي باڪي، ايمانداري ۽ وطن سان محبت تي ڪيس ناز هو. جيڪي سنڌ کي هر تڪليف وقت ڪم ايندا هئا، هر مشڪلات ۾ وطن کي ڪم آيا هئا. جن جي سخاوت جا قصا زبان زد عام هئا. انهن بهادرن ۽ انهن جي اولاد کي هاڻي مغرب جي غلامي ڪرڻي هئي. ڪين وطن کان پري پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻا هئا. مغرب جيڪو مشرق جو ازلي دشمن آهي کي هاڻ پنهنجي دشمني پوري ڪرڻ جو موقعو مليو هو. هاڻي ڪيس ڪو به روڪڻ ۽ جهلڻ وارو نه هو. پوءِ جي واقعن ثابت ڪيو ته هن ڪلي عام ۽ بناروڪ جي دشمنيءَ جو اظهار ڪيو هو.

آءُ ان موضوع تي وڌيڪ لکڻ کان پاسو ٿو ڪيان ڇاڪاڻ ته تفصيل ۾ وڃڻ سان جذبات کي ٺيس پهچڻ جو انديشو آهي. اهڙو تفصيل سواءِ ڏک ۽ نراسائيءَ جي ٻيو ڏيئي به ڇا ٿو سگهي. دشمن خلاف بي فائده ڪاوڙ مان ڇا حاصل ٿيندو ڪجهه به نه. سو به اهڙي وقت جڏهن هو اسان وٽ موجود نه آهي.

"history has mny cunning passags, contrived corridors,
And issues deceives by whispering amibitions guides us by vanities"
(T.S.E Liot)

اسان کي گهڻي دير تاريخ جي اهڙين تاريڪ ڪندن ۽ پاسن ۾ گهڻو وقت نه رهڻ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان اسان کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. بي مقصد ڪوشش مان بيزاري ٿيندي، ورندو ڪجهه به نه. اسان کي اعتراف ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جو حقيقي دشمن جنهن ڪيس مياڻي ۾ شڪست ڏياري هئي سو ڪو ذاريو نه بلڪ گهر جو ڀاتي هو. ان ڪري چوندا آهن ته ”ميرن کي گهران لڳي“ بلڪل سچ آهي. اصل دشمن هئا: حسد، نااتفاقي ۽ سڀ کان اهم ”پنهنجن سان غداري“ انهن خرابين جي ڪري ئي سنڌ جي جگر ۾ برطانوي هند جي گولي لڳي هئي.

عام طرح سان ڏنو ويو آهي ۽ جيڪو رجحان صرف مشرق تائين محدود نه آهي ته شڪست جي حالت ۾ دشمن جي چالاڪيءَ، ٺڳيءَ ۽ بي مروتيءَ کي ئي ڏوهه ڏنو ويندو آهي. ۽ چيو ويندو آهي ته دشمن جي انهن حرڪتن جي ڪري اسان جي شڪست ٿي هئي. ڪيترين حالتن ۽ موقعن تي ايئن ڪرڻ درست هوندو آهي ته جيئن قوم بامقصد ٿئي ۽ تاريخي حقائق غلط ٿيڻ کان محفوظ ٿي سگهن. ايئن ڪرڻ سان چيو وڃي ٿو ته شڪست ۽ شرمندگي جو زهر ڪڍي سگهجي ٿو. آءُ ان خيال جو آهيان.

منهنجي خيال ۾ وڌيڪ بهتر ايئن آهي ته حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سخت تنقيد جي وسيلي پنهنجي عمل کي درست ڪيون ۽ خاص طرح اهڙي وقت جڏهن اسان شڪست خورده هجون. ان طريقي سان ئي اسان ماضيءَ جي غلطين کي درست ڪري سگهون ٿا. ۽ آئنده پڻ انهن کان بچي سگهنداسين.

ميرن جي حڪومت ان ڪري شڪست نه کاڌي هئي ته برطانوي هند جي فوج مضبوط ۽ منظم هئي بلڪ ان جو سبب اهو هو ته سندن خاندان پاڻ ۾ وڙهيل ۽ نااتفاقي جو شڪار هو. سڀ کان اول ته حڪمران گهراڻي پاڻ کي ٽن حصن ۾ ورهائي ۽ ونڊي رکيو هو. حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپورخاص. اڳتي وڌو ته حيدرآباد وارا مير وري چئن حصن ۾ هئا. وقت گذرڻ سان اِهو نقاق وڌندو ٿي ويو. ان جي تدارڪ جو خيال ڪنهن به شخص کي نه ٿي آيو.

انهيءَ ويڇي ۽ ورهاست جو ڪو سبب نظر نٿو اچي. سواءِ دشمني ۽ حسد جي، نااتفاقي لاءِ ڪونه ڪو سبب ٿيهي ايندو آهي. حسد ۽ نااتفاقي خود به بدنصيبيءَ جا اهم ڪارڻ آهن ۽ مناسب وقت تي قوت پڻ حاصل ڪري وٺندا آهن. شروعات ۾ اهڙين خرابين جو تدارڪ ڪرڻ سولو هوندو آهي. ٻي صورت ۾ وڏي وڻ ٿيندا آهن ته اُن وقت انهن بيمارين جو ڪو علاج نه ٿي سگهندو آهي. حسد ۾ نااتفاقي مختلف ليڪن دل فريب نالن سان ايندا آهن. انهن سيني ڳالهين جو نتيجو هڪڙو ۽ هڪجهڙو نڪرندو آهي، ۽ اهو ته ملڪي جسم لاش

جي صورت اختيار ڪندو آهي ۽ ان بعد آهستہ آهستہ خراب ۽ بدبودار ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. ان بدبودار لاش جي بدبوءِ ۽ ڪرفتي تي غير ملڪي ڳجھون اچي نڪرنديون آهن ۽ گندي لاش کي پنھنجو کاڄ ڪنديون آهن.

سنڌ ۾ پڻ ايئن ٿيو. ڳالھ ڪا مختلف نہ هئي. آخر ڪھڙو سبب هو جو مير صاحبان جا اختلاف وقت سر نبرجي نہ سگھيا؟

عام طرح محسوس ڪيو ويو آهي تہ مشرق جي حڪمرانن ۾ بنا امتياز هڪ خوبي هوندي آهي ۽ اها آهي "غير لچڪداري" جيڪڏهن سندن زبان مان هڪ دفعو ناڪار نڪتي تہ جڻ پٿر تي ليڪو. سندن ناڪار تان هٽڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. پنھنجي ان رويي تان وقت سر ئي سھي، پري ٿيڻ تمام ڏکيو محسوس ٿيندو آهي. چوندا آهن تہ ايئن ڪرڻ سندن عزت جي خلاف آهي ۽ جيڪڏهن هنن ايئن ڪيو تہ زماني کي ڪيئن منھن ڏيکاريندا. "ميان اسان جي عزت جو سوال آهي! اسان جي مڇ هيٺ ٿئي؟ مرندا مري ويندا سين، ليڪن ايئن نہ ڪنداسين" وغيره وغيره. ليڪن ايئن هئڻ نہ گھرجي، تمام ٿورن حاڪمن محسوس ڪيو آهي تہ ملڪي معاملن ۾ ضد ۽ ذاتي وقار ڪم نہ ايندا آهن. ڪشاده دلي، صبر ۽ همت ئي ماٺھوءَ جا ساٿي هجڻ گھرجن. ٻئي شخص جي ڳالھ ضرور ٻڌڻ گھرجي پر ايئن ڪرڻ لاءِ دل جي صفائي ۽ صبر نھايت ضروري آهن. پنھنجي مخالفن جي ڳالھ ٻڌڻ گھرجي ۽ ان لاءِ دور انديشي ۽ همت جو هجڻ شرط اول آهي. ساڻس ڳالھيون ڪرڻ گھرجن. ڪوشش ڪري پنھنجن مخالفن جي در وڃي ڪائنن سندن مسئلا معلوم ڪرڻ گھرجن. ڪين همٿايو وڃي تہ هو توهان کي پنھنجن مسئلن کان آگاه ڪن. دنيا جي هن گرم حصي (مشرق) ۾ مشڪل سان ئي اِها ڳالھ محسوس ڪئي وڃي ٿي تہ لفظن سان گھٽو ڪجھ حاصل ڪري سگھجي ٿو، ڳالھ ٻولھ جي وسيلي تڪرار کي فيصل ڪرڻ سان گڏ جنگ کي پڻ ٽاري سگھجي ٿو.

ساڳيو حال اسان جي ٽالپر گھراڻي جو پڻ هو. سندن وچ ۾ جھڳڙا

۽ تڪرار مياڻيءَ ۾ شڪست ڪان پوءِ بہ هلندا رهيا. آخر جڏهن محسوس ڪيائون تہ سندن عزت خاڪ ۾ ملي چڪي آهي، اقتدار نہ رهيو آهي، عزيز ۽ همدرد قتل ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي هڪ ٻئي کي ڏيڻ وٺڻ لاءِ ڪجهہ نہ رهيو آهي تہ ان بعد ئي هنن هڪ ٻئي خلاف شڪايتون ۽ دعوائون ڪرڻ بند ڪيون، نہ تہ جيڪا زنجير رستم خان کي پارائي وئي هئي انهي ساڳي زنجير سان مراد صوبدار ۽ نصير خان کي قيد ڪيو ويو هو. ڀلا غلامن ۾ بہ ڪو فرق هوندو آهي؟ بلڪل نہ! غلام صرف غلام هوندا آهن ۽ بس.

مغل خاندان سان جيڪو سانحو 1857 ۾ پيش اچڻ وارو هو. سو سنڌ جي ٽالپرن سان 1843 ۾ ٿي گذريو هو. ليڪن افسوس آهي تہ ڪنهن بہ سبق نہ سکيو. ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ ڄڻ سکڻ جي اهليت هنن ۾ ختم ٿي چڪي هئي.

وقت ميرن کي پنهنجي دل تان لاهي ڇڏيو هو، ڪين گمناميءَ جي اوڙاهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. مير صاحبان سان جيڪي ٿي گذريو هو، هو پاڻ ان کي وساري نہ سگهيا هوندا. سندن ننڊ ضرور حرام هوندي. نيپولين وانگر هنن جون راتيون پڻ وڏيون گذريون هونديون، اِهو سوچي تہ هو ڇا هئا ۽ ڇا آهن! شاباش اي آسمان شاباش!

مياڻيءَ جي سانحي ڪانپوءِ مير صاحبان جي طرفان عرضداشتون موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. انهن درخواستن ۾ هنن سان، سندن عورتن سميت غلط هلت جو ذڪر هوندو هو. انهن عهدنامن جو ذڪر ڪيو ويندو هو جيڪي ساڻن ڪيا ويا هئا ۽ جن جي يڪطرفي خلاف ورزي ڪئي وئي هئي. ليڪن سندن هر درخواست کي رد ڪيو ويو. سندن هڪ نہ ٻڌي وئي. ايئن ٿيڻو هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪو ڪجهہ تلوار جي زور سان حاصل ڪيو ويندو آهي سو ڪانفرنس ٽيبل تي ويهڻ ڪان پوءِ موٽايو نہ ويندو آهي.

برطانوي هند حڪومت جي ميرن سان روبي عهدنامي جي يڪطرفہ خلاف ورزي، مياڻي ۽ ان ڪان پوءِ جي واقعن مثبت ۽ تاريخي اهميت جي واقعن کي جنم ڏنو هو. مياڻيءَ جي جنگ ڪان جلد پوءِ برطانيہ جي

سول جنهن کي اُن وقت پوليٽيڪل آفيسر يا پوليٽيڪل ايجنٽس چيو ويندو هو ۽ فوجي آفيسرن (جن کي پوليٽيڪل آفيسر پنهنجو ماتحت سمجهندا هئا) جي وڌڻ اثر ۽ ڪن موقعن تي حڪم عدولي کي ناپسند ڪرڻ لڳا هئا، خاص طرح سر چارلس نيپيئر جو طرزِ عمل ڪين پسند نہ هو. انهن سول آفيسرن کي ميرن سان دلي همدردي هئي. هن آفيسرن اڳتي هلي سندن (ميرن) مقصد کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

اها ڳالهہ فاتح قوم لاءِ فخر جو باعث آهي، جيڪڏهن ان قوم جا با اثر ماڻهو مفتوح قوم جي پٺڀرائي ڪن ٿا. سو بہ اهڙي وقت جڏهن سندن مخالف وڏي اثر وارا هجن. ڊرائي فس (Drey fus) کي آمائيل زولا (Emile zola) مليو هو تہ ميرن جي ڪيس ۾ آئوٽرام ۽ ايسٽوڪ (Eatwick) سمورو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو هو.

ايسٽوڪ، اصل ۾ پوليٽيڪل آفيسر هو، تنهن پنهنجي عهدي تان احتجاج طور استعيفا ڏئي ڇڏي هئي، هن مير صاحبان سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف ڀرپور آواز اٿاريو. ايسٽوڪ کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو سر چارلس نيپيئر ۽ ميرن سان ورتاءُ خلاف هلندڙ مهم ۾ شامل ٿي ويا هئا. هن جي خيال ۾ سرچارلس نيپيئر جو رويو غير اخلاقي هجڻ کان علاوه برطانيہ جي مروجہ روايتن خلاف هو. ان معاملي هلندي لارڊ ايلنبرو (گورنر جنرل) تي پڻ ڇوهہ ڇنڊيا ويا هئا.

باهہ تي تيل جو ڪم وري سر چارلس نيپيئر جي ڀاءُ ميجر جنرل سر وليم نيپيئر "سنڌ جي فتح" نالي ڪتاب ڪيو هو. اهو ڪتاب 1845 ۾ ڇپرو ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ مصنف (وليم نيپيئر) پنهنجي ڀاءُ (سر چارلس نيپيئر) کي دنيا جي عظيم فاتحن جي صف ۾ بيهاريو هو. وليم نيپيئر صاحب اُتي بس نہ ڪئي بلڪ ميرن سان گڏ هن ملڪ جي عام مسلمانن کي پڻ گارين جا دس ڏئي وڃي مٿي چڙهيو.

ان ڪتاب جي ظاهر ٿيڻ کان هڪ سال پوءِ (سال 1846) ۾ آئوٽرام پڻ هڪ ڪتاب "سنڌ جي فتح- هڪ تبصرو" Conques of Sindh Commentary ڇپرائي پڌرو ڪيو هو. اهو ڪتاب تمام دردمندي ۽ دل جي سچائيءَ سان لکيو ويو هو، ڪتاب لکڻ جو اصل مقصد

حقيقتن کي ظاهر ڪرڻو هو، حقيقتن تان پردو پري ڪرڻو هو. ان ڪتاب جو ڇپجڻ سر چارلس نيپيئر لاءِ واقعي به تڪليف جو ڪارڻ ثابت ٿيو هو.

ايسٽوڪ (Eastoick) پڻ مير صاحبان جي حق ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو. ان ڪتاب وليم نيپيئر جي ڪوڙن کي ظاهر ڪيو ۽ سر چارلس نيپيئر کي عوام اڳيان هن جي بيهودگين سميت عيان ڪيو هو. انهن ڪتابن جي ظاهر ٿيڻ سان جڻ نيپيئر برادرس کي ڪاتي پئجي وئي هئي.

ايسٽوڪ جو ڪتاب گمنام مصنف جي نالي ۾ سال 1849 ۾ ظاهر ٿيو هو. ان ڪتاب جو نالو ”ڊرائي ليوز فرام ينگ ايجپٽ (Dry Leives from Young Eygpt) رکيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ انهن واقعن کي تمام خوبصورتي سان ترتيبوار ڏنو ويو آهي جن جي پڄاڻي مياڻيءَ جي جنگ تي ٿي هئي. ڪتاب ۾ انهن سڀني عهدنامن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي سرچارلس نيپيئر ۽ هن کان اڳ ۾ زوري ميرن تي ٺڦيا ويا هئا. نه صرف ايترو بلڪ جنهن خراب نموني سان اهي عهدنامه مڙهيا ويا هئا ۽ جنهن طريقي سان انهن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي هئي، ان جي پوري روئداد هن ڪتاب ۾ قلم بند ڪيل آهي.

مون وليم نيپيئر جو ڪتاب نه پڙهيو آهي ليڪن جن حضرات به ان جو مطالعو ڪيو آهي انهن کي ڪتاب ۾ ڏنل مواد تي سخت اعتراض آهي. ان ڪتاب ۾ مير صاحبان جي ڪليءَ دل سان ڪردار ڪشي ڪئي وئي آهي. مصنف جي اِها ڪوشش بي مقصد ۽ حقيقتن جي خلاف آهي.

ايسٽوڪ تمام خوبصورتيءَ سان هن ڪتاب جو تجزيو ڪيو آهي. وليم نيپيئر جي ڪتاب ۾ بڌايل ڳالهين کي هڪ قابل وڪيل وانگر حقيقتن جي روشنيءَ ۾ پاش پاش ڪيو ويو آهي. ايسٽوڪ جي ڪوشش واقع به قابل تحسين آهي.

وليم نيپيئر جي چوڻ مطابق مير صاحبان جاهل ۽ وحشي هئا ۽ اهو نه هو تهذيب کان بي بهره هئا. ايسٽوڪ شاهدين جي بنيادتي حقيقت

ڪي ان جي برعڪس ثابت ڪيو آهي. ”هو (مير صاحبان) شرابي ۽ نشئي هئا“ (وليم نيپيئر). ”هن (ميرن) ڪڏهن به ڪنهن نشي آور شي کي هٿ نه لاتو هو“ (ايسٽوڪ) ”مير ڪوڙا ۽ ٺڳ هئا“ (وليم نيپيئر) ”انگريزن جيترا ڪوڙا وري به نه هئا“ (ايسٽوڪ)

وليم نيپيئر جو اهو ڪتاب سر چارلس نيپيئر جي ڪا مدد نه ڪري سگهيو هو. سندس ڪردار تي جيڪو بدناميءَ جو داغ لڳو هو سو ڌوئي نه سگهيو هو. نه ئي وري برطانوي قوم جو ڪو ڀلو ٿيو. مطلب ته وليم نيپيئر جو ڪتاب مڪمل طرح ناڪام ثابت ٿيو هو. نتيجي ۾ سر چارلس نيپيئر جي نيڪ نامي ۾ واڌارو ٿي نه سگهيو بلڪ سندس بدناميءَ ۾ اضافو ٿيو هو.

ٿوري گهڻي خامي ۽ برطانيه جي حڪمران طبقي جي تلخ تبصري جي باوجود ايسٽوڪ جو ڪتاب اميد کان وڌيڪ ڪامياب ٿيو هو. اڄ به ان جو مطالعو شوق سان ڪيو ويندو آهي. انهي دور جي حقيقتن ڄاڻڻ لاءِ ان تي تحقيق لاءِ ان ڪتاب ۾ چڱو مواد ڏنل آهي.

آئوٽرام تمام گهڻو نالو ڪڍيو ۽ کيس ”مشرق جو شهزادو“ سڏيو ويندو هو. ان لقب حاصل ڪرڻ لاءِ هن پاڻ کي هر طرح اهل ۽ لائق ثابت ڪيو هو. کيس ”سر“ جو خطاب پڻ ڏنو ويو هو.

انهن ڪتابن دور رس ۽ مثبت نتيجا پيدا ڪيا هئا. برطانيه جي ماڻهن جي سوچ ۾ ڪافي ڦيرو آيو هو. سندن سوچ ۾ مشرق لاءِ سٺا اثرات مرتب ٿيا هئا.

سر چارلس نيپيئر مياڻيءَ جي جنگ کان گهڻو پهريان سنڌ ۾ بنا ڪنهن بندش جي ۽ کلي عام گهمندو ٿي رهيو. ايئن ٿي محسوس ٿيو ته سنڌ تي ميرن جي نه بلڪ هن جي حڪومت هئي، برطانوي حڪومت کيس وسيع اختيارات ڏنا هئا ۽ جن کي هن صاحب تمام بيدردي بلڪ ڪٺور دل سان استعمال ڪيو هو. سندس ڪوشش هئي ته ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪهڙي به بهاني سان جنگ جي ميدان تي آندو وڃي ۽ ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن هر اهو طريقو استعمال ڪيو جيڪو سندس منصوبي لاءِ ضروري هو. ان سان گڏو گڏ حڪمران گهراڻي جي

اتحاد ۽ ٻڌي ختم ڪرڻ لاءِ ان گهراڻي جي هڪ شخص کي ٻئي خلاف ڀرپور نموني استعمال ڪيو. پُٽَ کي پيءُ سان ۽ ڀاءُ کي ڀاءُ سان ويڙهائڻ ۾ هن صاحب ڪا به ڪسر نه ڇڏي.

مياڻيءَ جي جنگ ۾ فتح کان پوءِ جنرل صاحب جي اختيارات ۽ وقار ۾ تمام گهڻو اضافو اچي چڪو هو، ان جي باوجود 1846 ۾ کيس واپس گهرايو ويو. محسوس ڪيو ويو ته هن جو سنڌ ۾ وڌيڪ رهڻ بهتر نه ٿيندو. واپس وڃڻ کان اڳ ۾ هن گهٽيون ئي بنيادي تبديليون ڪيون هيون. انهن مان اهم ترين فيصلو اِهو هو، جنهن مطابق حڪومت جو مقام حيدرآباد مان ڦيرائي ڪراچيءَ ڪيو ويو هو. ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي اهم نوعيت جا فيصلا ڪيا ويا هئا.

گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو کي ته سر چارلس نيپيئر کان ٻه سال پهريان (1844) ۾ واپس گهرايو ويو هو.

جيستائين مير صاحبان جو تعلق آهي ته هن جي ڪنهن به مدد نه ڪئي يا شايد ڪوبه شخص سندن مدد ڪري نٿي سگهيو. پوءِ چاهي ايسٽوڪ هجي يا آئوٽرام. نه ئي وري ان کان وڌيڪ ڪير به سندن ڪجهه بگاڙي ٿي سگهيو. اقتدار کسجڻ ۽ وطن کان بي وطن ٿيڻ کانپوءِ يا وڌيڪ وليم نيپيئر هن جو ڇا ٿي بگاڙي سگهيو. سندن ملڪ هن کان کسجي چڪو هو. حڪمرانن واري حيثيت سندن نه رهي هئي. قيدين جي صورت ۾ ڪلڪتي جي بنديخاني ۾ پنهنجا پساه پورا ڪري رهيا هئا. ان کان وڌيڪ ڪو به شخص سندن ڇا ٿي بگاڙي سگهيو. هن سموري قصي ۾ سنڌ جي اڳوڻن حاڪمن کي ڪجهه به حاصل ٿي نه سگهيو هو. ليڪن اِها حقيقت آهي ته برطانيه ۾ سنڌ لاءِ وڌيڪ همدردي پيدا ٿي هئي جيڪا ان جي فتح کان پهريان نه هئي. سنڌ جي مفتوح عوام لاءِ ان همدرديءَ جو هجڻ ئي غنيمت هو ۽ هنن لاءِ تسڪين جو باعث.

مون هن وقت تائين سنڌ جي تاريخ جو ڪراچيءَ جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي. ان کان ٻاهر وڃڻ جي مون ڪوشش نه ڪئي آهي. اهڙي صورت ۾ هن مضمون جو دائرو تمام وسيع ٿيڻ سان گڏو گڏ

پڙهندڙن لاءِ پڻ وزن ٿئي ها. 1843 کان وٺي سنڌ ۽ ڪراچي هميشه لاءِ هڪ ٿي چڪا هئا، ٻنهي ۾ ڪو فرق باقي نه رهيو هو.

جيتوڻيڪ ڪراچي 1795 دوران سنڌ ۾ واپس آئي هئي ليڪن ان جي اهميت انگريزن جي مٿس قبضي کان پوءِ ئي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. انگريزن جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ته 1839 ۾ ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو هو.

آءُ هن ڪي 1839 کان 1844 جي وچ دوران ٿيندڙ ٻن واقعن کي قلم بند ڪرڻ بعد ختم ڪندس. اهي واقعا ڪراچيءَ جي ان دور جي عڪاسي ڪن ٿا. انهن واقعن مان اِها حقيقت پڻ ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ برطانوي هند جي فوج جي موجودگي خلاف زبردست مزاحمت ٿي هئي، ليڪن ان جو ڪو خاص نتيجو پيدا ٿي نه سگهيو هو، ڇاڪاڻ ته برطانوي فوج پنهنجا بنياد مضبوط ڪري چڪي هئي. ميجر ٽي- جي- ڪارليس (Major T.G. curles) انهن مان هڪ واقعي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ميجر ڪارلس برطانوي فوج جو آفيسر هو ۽ سندس تقرري ڪراچي ۾ ٿيل هئي.

جن ڏينهن هن جي تقرري ڪراچيءَ ۾ هئي، ان دوران ڪيس خاص مصروفيت نه هئي. ميجر ڪارلس سوچيو ته بيڪار ۽ واندي رهڻ کان ته بهتر آهي ته ڪجھ نه ڪجھ ڪرڻ گهرجي. ڪنهن خدا جي بندي ڪيس شڪار تي وڃڻ جي صلاح ڏني. ميجر کي اِها صلاح پسند آئي هئي. شهر جي هڪ لوهار الله رکئي جي پٽ ٿي احمد، ميجر کي شڪار تي وٺي وڃڻ جي حامي ڀري، سيٺ نائومل کين اُن جو انتظام ڪري ڏنو هو.

ميجر ۽ سندس ساٿي جهارا ٻُٽي ٽڪرين* جيڪا سندن منزل هئي

---

* مون جهارا ٻُٽي ٽڪرين ڳولڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي آهي ليڪن انهن جو مون کي پتو پئجي نه سگهيو آهي. ليڪن ٻجار جي ٻٽي جو پتو پيو آهي. ٻجار ڪراچيءَ جي جوکين جو پهريون ڄام يا سردار هو ۽ ٻُٽي چوندا آهن ننڍي ٽڪري يا پٿرن جي ڍير کي ۽ ممڪن آهي ته هتي ٻُٽي مان مراد ”ديرو“ ”وستي“ ۽ ”ڳوٺ“ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو هجي. ٻجار جي ٻٽي ڪارادر کان اٺن ميلن جي فاصلي تي سپر هائي وي (Super High Way) جي اولهه تي آهي. منهنجي معلومات مطابق اُتي اڄا ٻه جوکين جي رهائش آهي.

طرف رواني ٿيڻ لاءِ شهر کان ٻاهر مس پهتا ته ان وقت ميرن جي گورنر حسن خان کي خبر پئجي وئي. نواب حسن خان کي انگريز عملدار تي سخت ڪاوڙ هئي ته ميجر کي ڪائنس اجازت وٺڻ کان سواءِ شڪار تي وڃڻ جي جرات ڪيئن ٿي هئي؟ ميجر کي سبق سيکارڻ لاءِ سزا ڏيڻ لازمي هو.

نواب حسن خان هڪ سؤ سپاهين تي مشتمل هڪ فوجي جٿو ڏوهين کي گرفتار ڪرڻ بلڪ کين قتل ڪرن لاءِ روانو ڪيو.

سيٺ نائومل کي نواب حسن خان جي ناراضگي جي خبر پئجي وئي ۽ هو هڪ دم سوار ٿي وڃي نواب وٽ پهتو ۽ کيس ميجر کي قتل ڪرڻ کان باز رهڻ تي آماده ڪيو، اهڙيءَ طرح ميجر ڪارليس موت کان بچي ويو هو. هڪ طرح اِهو سنو ٿيو ڇاڪاڻ ته ٻي صورت ۾ خطرناڪ نتيجا نڪرن ها ۽ نقصان ٿئي ها. هڪ ٻئي واقعي ۾ پڻ سيٺ نائومل اهم رول ادا ڪيو هو، ليڪن هڪ نه بلڪ ٻن ڏکوئيندڙ واقعن کي روڪي نه سگهيو هو. ڪراچيءَ ۾ مقيم انگريز فوج جو هڪ ڪيپٽن هينڊ (Capt. Hand) گهمڻ خاطر منگهي پير طرف ويو هو. واٽ تي ڪن ماڻهن کيس قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ان واقعي جي خبر سيٺ نائومل کي پئجي وئي.

سيٺ نائومل قاتلن جي ڳولا لاءِ پنهنجن ماڻهن (پيري واڊن- پيرن جا نشان ڏسڻ وارا) کي روانو ڪيو هو. هنن جاچ کان پوءِ سيٺ کي اطلاع ڏنو ته قتل ۾ فلاڻي فلاڻي قبيلي جا اٽڪل 50 ماڻهو ملوث آهن. قاتلن جي جٿي جي اڳواڻي شاهه بلال جو خليفو چاڪر ڪري رهيو هو. آخر خليفي چاڪر کي گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿس ڪيس هلائي عين ان جاءِ تي ڦاهي ڏني وئي جتي ڪيپٽن هينڊ کي ماريو ويو هو. ڪيس هلندي خليفي چاڪر بيان ڏنو ته کيس ڪيپٽن هينڊ سان ڪا به ذاتي دشمني نه هئي. ڪيپٽن هينڊ منهنجي وطن جي دشمن مان هڪ هو.

# ڪراچيءَ جو اسرڻ

مياڻي جي جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ بعد ۽ پنهنجي تلوار مياڻ ۾ رکڻ بعد، سر چارلس نيپيئر سڀ ڪان پهريان جيڪو اهم ڪم ڪيو، سو هو ملڪ جي گادي حيدرآباد مان ڪراچي آڻڻ. سنڌ جي اهميت کي ختم ڪيو ويو هو ۽ هاڻي اهو هڪ ملڪ نه بلڪ ان کي برطانوي هند سلطنت جي صوبي جو درجو ڏنو ويو هو* انتظامي سهوليت لاءِ ان کي ٽن حصن (جن کي ڪليڪٽوريٽ سڏيو ويو هو)، حيدرآباد، ڪراچي ۽ شڪارپور ۾ ورهايو هو.

ان بعد سر چارلس نيپيئر انتظامي ۽ اقتصادي سڌارن طرف ڌيان ڏنو. سر چارلس نيپيئر تمام ٿورو عرصو سنڌ جو حاڪم رهيو هو ليڪن ان مختصر عرصي دوران هن جيترو ڪم ڪيو اهو واقعي به حيرت ۾ وجهندڙ آهي. هن پهرين ڊسمبر 1847 تي سنڌ کي هميشه لاءِ خيرآباد چيو. مياڻي ڪان پوءِ هو صرف چار سال هتي رهيو هو. ان عرصي دوران هن جيڪي به انتظامي ۽ اقتصادي اصلاحات ڪيا هئا، اهي ٿوري گهڻي تبديليءَ ڪان سواءِ پاڪستان ٺهڻ (1947) تائين جاري رهيا. انهن ۾ ڪنهن وڏي تبديلي آڻڻ کي مناسب نه سمجهيو ويو هو.

نيپيئر سڀ ڪان اول عورت ۽ مرد کي هڪ جيتري اهميت ڏيڻ جي اصول طرف ڌيان ڏنو ته قانون ۾ مرد ۽ عورت کي برابر سمجهيو وڃي ۽

* ٿوري وقت ڪان پوءِ ان جي حيثيت اجا به وڌيڪ گهٽائي ڪمشنريٽ ڪيو ويو هو. نيپيئر ڪان 1935 تائين سنڌ جي حاڪم کي چيف ڪمشنر سڏيو ويندو هو. ان کي چئبو آهي غلامي!

عورتن سميت هر شخص کي هڪ جهڙو انصاف پلئي پوي. منهجي معلومات مطابق هن علائقي ۾ عورت جو قتل عام ڳالهه هئي. جڏهن به ڪنهن شخص کي پنهنجي زال سان اختلاف ٿيندو هو ته اُن جي ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي ڪيس ڦاهي چاڙهي ڇڏيندو هو. پڇا ڪرڻ تي آسانيءَ سان چئي ڇڏيندو هو ته هُن پاڻ آپگهات ڪيو آهي. ۽ ان بهاني کي بنا ڪنهن چون چران جي قبول ڪيو ويندو هو. اعتراض ڪرڻ جو حق صرف خاندان جي مرد کي هوندو هو ۽ مرد ان زماني ۾ ڪو خاص شوق نه ڏيکاريندا هئا. سندن ذهن ۾ هوندو ته شايد مٿن به اهڙو وقت اچي، انڪري ڏکي پلي آهي. ڪجهه ڏينهن جي افسوس بعد مرحومه جو مڙس ٻي شادي ڪري پنهنجو گهر وري آباد ڪري وٺندو هو.

سر چارلس نيپيئر اعلان ڪيو ته اهو سڀ ڪجهه غلط آهي، نه ٿيڻ گهرجي، نه ٿيڻ ڏيندس. هن هڪدم سرڪاري اعلان ڪري ان ظلم کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ماڻهن بنا ڪنهن چون چران جي حڪم جي پيروي ڪئي. اِهو اعلان ڪجهه هن طرح هو:

”اڄ کان پوءِ ڪنهن به ڳوٺ ۾ پوءِ چاهي اِهو ڪهڙي به ڪنڊ ۾ هجي، جيڪڏهن ڪنهن عورت کي قتل ڪيو ويو ته ان جي مڙس (يا واسطيدار عزيز) تي ڳرو ڏنڊ وڌو ويندو. حڪومت مرحومه جي مڙس يا ان جي مائٽن کي گرفتار ڪري ڪراچي تائين گهليندي ۽ انهن تي اُهو عذاب نازل ڪندي جو ان جو تصور ئي ڏکي وڃهندو“.

ممڪن آهي ته ڪيترائي ماڻهو ان تي اعتراض ڪن ۽ چون ته اِهو مڙس جي گهرو معاملن ۾ هٿ چراند جي برابر آهي، ان ڪري بلڪل نامناسب آهي. جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي ۽ پنهنجي گهرو سڪون لاءِ زال جو قتل به ڪري ٿو ته ان ۾ خرابي ڇا آهي؟

مون کي خبر نه آهي ته ان دور ۾ عورتن جو قتل سنڌ ۾ ڪيتري حد تائين عام هو، هو به يا نه، آءُ چئي نٿو سگهان. مون ان جو صرف ذڪر پڙهيو آهي سو به فقط هڪ ڪتاب ۾، جيڪو شايد بيلي (Baillie) جو لکيل آهي. ٻئي طرف برٽن لکي ٿو ته ”ان دور جي مقامي حڪومت دوران عورتن سان زنا ۽ حرام ڪاري، ايڪڙ ٻيڪڙ

مثال ڳان سواءِ عام چلتو نہ هوندو هو. ان دور جي خاص شاهوڪار گهراڻن ۾ ڪنهن عورت يا عورتن جي سنگسار ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سخت قسم جي جاچ ڪئي ويندي هئي تہ جيئن هڪ تہ آئنده جي فتني ڪان محفوظ رهي سگهجي ۽ ٻيو تہ عورتن ۾ پاڪدامن رهڻ ۽ گناه ڪان بچڻ جو رجحان ترقي ڪري. اسان (انگريزن) ملڪ فتح ڪرڻ سان مڙس ڪي قانون پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ ڪان منع ڪئي. عورتن ڏنو تہ هاڻي سندن پائچي سان ڪابہ تلوار ٻڌل نہ آهي تہ هنن پاڻ ڪي آزاد سمجهندي ڪلي عام غلط حرڪتن ۾ ملوث ٿيڻ شروع ڪري ڏنو".

برٽن وڌيڪ لکي ٿو تہ "مغرب جي برعڪس مشرقي عورتن خاص طرح سنڌ ۾ هن ڪي مردن جي برابر سمجهيو ويندو هو ۽ ڪيس هر طرح جو عزت ۽ احترام ميسر هو بلڪ حقيقت اِها آهي تہ مغرب جي عورتن جي ڀيٽ ۾ هتي عورت ڪي وڌيڪ عزت حاصل هئي".

ممڪن آهي تہ عورتن جي قتل جا ڪي واقعا پيش آيا هجن نہ تہ آخر مردن ڪي قانون هٿ ۾ کڻڻ ڪان ڇو منع ڪئي وئي هئي؟

ٻيو جيڪو اهم مسئلو جنهن تي سر چارلس نيپئر فورن ڌيان ڏنو سو هو غلامي جو خاتمو. ان دور ۾ غلامي هڪ مڃيل حقيقت هئي ۽ اِها هڪ اداري جي صورت ۾ موجود هئي. ڪراچي باقي ملڪ ڪي غلامن پهچائڻ جي هڪ وڏي منڊي هئي. هرسال 600 ڳان 700 تائين غلام ٻين ملڪن ڳان حاصل ڪري ملڪ اندر وڪرو ڪيا ويندا هئا. هڪ غلام جي وڪري تي 5 ڪان 8 روپين تائين محصول وصول ڪيو ويندو هو. 1837 جي سال دوران اٽڪل 1500 غلام ٻين ملڪن ڪان گهرايا ويا هئا.

مسقط ان واپار (غلامن جي واپار) جو هڪ اهم مرڪز هوندو هو. سنڌ ۾ اُتان ئي غلام خريد ڪيا ويندا هئا. مسقط ۾ هڪ غلام جي قيمت 15 ڪان 30 ڊالر تائين هوندي هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ ان غلام جي قيمت 60 ڪان 100 روپين تائين هوندي هئي.

1840 ڪان ٿورو اڳ تائين آفيم غير ملڪي ناڻي ڪمائڻ وچ هڪ اهم وسيلو هوندو هو. آفيم جي ڌارين ملڪن ڏانهن موڪلڻ سان

16,00,000 رپين جي برابر غير ملڪي ناڻو هڪ سال ۾ ڪمايو ويندو هو. آفيم ڪانپوءِ ان (Wool) غير ملڪي ناڻي ڪمائڻ جو ٻيو اهم ذريعو هوندو هو. ان (Wool) مان اٽڪل 3,50,000 رپيا، گهه مان 1,70,000 رپيا ۽ ڪٽڪ مان 67,000 رپين جي برابر غير ملڪي ناڻو ڪمايو ويندو هو.

ٻاهرين ملڪن مان جيڪي شيون درآمد ڪيون وينديون هيون انهن ۾ ريشم، ريشم مان ٺهيل ڪپڙو وغيره سر فهرست هوندو هو. بمبئي مان اٽڪل 300,000 روپين ۽ چين مان 2,48,000 روپين جي برابر ريشم ۽ ريشم مان ٺهيل ڪپڙو درآمد ڪيو ويندو هو. غلام وري بنگال ۽ ايبيسينيا يا حبش مان درآمد ڪيا ويندا هئا. 1840 جي سال دوران غلامن جي خريداريءَ تي اٽڪل 1,20,000 رپيا خرچ ڪيا ويا هئا.

پوسٽنس (Postons) پنهنجي "سنڌ متعلق ذاتي مشاهده" (Personal Observation) ۾ غلامن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته سنڌ ۾ غلام زنجبار (Zanzibar) مان ننڍي عمر ۾ خريد ڪري آندا ويندا آهن ۽ جوان ٿيڻ تي اميرن کي وڪرو ڪيا ويندا آهن. پوسٽنس جي چوڻ مطابق ته مشرق جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ غلام کي غلام نه سمجهيو ويندو آهي ۽ نه ئي هنن سان ڪو ناروا سلوڪ ڪيو ويندو آهي. ان جي برعڪس هنن سان بهتر سلوڪ ۽ برتاءُ ڪيو ويندو آهي. ڪيترن سان ته محبت ۽ پيار ڀري جو رويو اختيار ڪيو ويندو آهي. اهڙي روبي جي ڪري هتان جا غلام پاڻ کي آزاد (عملي طرح) تصور ڪندا آهن ۽ ائين ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن".

"ڪيترا غلام ته اهڙا به هئا جن کي رياست ۾ اهم ذميواري حوالي ٿيل هئي. ڪيترين حالتن ۾ هتان جا حڪمران (مير صاحبان) پنهنجي خاندان جي ڀاتين تي اعتبار نه ڪندا هئا يا گهٽ اعتبار هوندو هون ۽ پنهنجن غلامن تي ڪين وڌيڪ ڀروسو هوندو هو".

پوسٽنس پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ ساٿي آفيسر ڪيپٽن هرٽ (Capt. Hart) جي رپورٽ شامل ڪئي آهي جيڪا اِن آفيسر گورنر

جنرل کي موڪلي هئي. ڪيپٽن هرٽ لکي ٿو ته. ”مسقط جي بندر تان غلام ڪراچيءَ آندا وڃن ٿا ۽ اُتان وڪري لاءِ ملڪ جي ٻين حصن ۾ موڪليا ويندا آهن. هنن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي. هڪڙا حبشي يعني اُهي غلام جيڪي حبش يا ايبيسينيا مان آندا وڃن ٿا ۽ ٻيا اُهي جيڪي حبش کي ڇڏي باقي آفريڪا مان آندا ويندا آهن. ڪڏهن ته جارجيا مان به غلام درآمد ڪيا ويندا آهن، ليڪن انهن جي قيمت گهٽي هوندي آهي ايتري تائين جو ان باري ۾ سٽي بازي کان پڻ پاسو ڪيو ويندو آهي.

غلام ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪريون وڌيڪ گهرايون ويندو آهن. هڪ ڇوڪري 60 کان 100 رپين ۾ وڪامندي آهي. ميرٽ مطابق ڇوڪرين کي امير يا وڏن عهدن وارا ماڻهو خريد ڪري پنهنجي حرم ۾ داخل ڪندا آهن. هر سال 30 کان 40 اهڙيون ڇوڪريون وڪري لاءِ درآمد ڪيون ويندون آهن. انهن ڇوڪرين جو هڏڪاٺ نازڪ هجڻ ڪري سندن قيمت پڻ گهٽي (170 کان رپين تائين) هوندي آهي. ان ڪري ڪين تمام ٿورا ماڻهو خريد ڪري سگهندا آهن“.

منهنجي خيال۾م هن وقت جتي ميئري ويدر ٽاور (Mere Weath-er Tower) آهي، اتي غلامن جو واپار ٿيندو هو. (نوٽ: ليڪن في الحال مون وٽ ان جو ڪو دستاويزي ثبوت موجود نه آهي).

جنهن تفصيل سان برطانوي آفيسر (انگريزن) ڪراچيءَ سميت سنڌ بابت پنهنجا مشاهدات قلم بند ڪيا آهن ڪاش! هو اهڙي تفصيل سان ارڙهين صديءَ جي وچ واري عرصي (يعني 1700 جي وچ واري عرصي) واري ڪراچي بابت پڻ پنهنجا مشاهده لکي وڃن ها ته ڪيترو نه سٺو ٿئي ها. اها ڪراچي سيٺ نائومل جي نه بلڪ ڀوڄومل جي ڪراچي هئي.

ڏسو نه برٽن (Burton) ڪيڏي نه تفصيل سان لکيو آهي. ٻڌائي ٿو ته ”ڪراچيءَ جهڙي ننڍي شهر ۾ به ست عورتون ڀڙوت (دلالي ڪرڻ واريون- انهن عورتن کي ڪوٽني- Kotni چيو ويندو هو) جو ڌنڌو ڪن ٿيون اِنهن مان ٽي هندو ۽ چار مسلمان آهن“

ان بعد هن باقي تفصيل بيان ڪيو آهي. قائدا قانون ڏنا آهن. ته ڪنهن گراهڪ هڪ ڪوٺڻي/ پڙوت ڪندڙ عورت سان سؤدو ڪيئن ڪرڻ گهرجي. ملاقات وقت ڪيس ڪوٺڻي ڪي چا ڪرڻ ۽ چوڻ گهرجي. ٿوري ريڙهه پيڙهه کان پوءِ قصو طئي ٿي ويندو آهي ۽ ان بعد ٺي ڌرين ڪي (پيشو ڪرائيندڙ عورت ۽ گراهڪ ڪي) ملڻ ڏنو ويندو آهي. برٺن جو اطلاع آهي ته اهو پيشو (پڙوت ڪرڻ جو) هونئن ته فائديمند ۽ ڪمائيءَ وارو آهي ليڪن ان ۾ ٿورو خطرو پڻ موجود آهي. سو اهو ته جيڪڏهن ان عورت (پڙوت ڪندڙ) جو مڙس ڪيس ان پيشي ڪرڻ تي مار ڪيڻ کان علاوه ڪيس زخمي به ڪري وجهي ته ڪو پورو نه آهي. اهڙي مار وقت سوٽي يا سخت قسم جي لڪڻ جي استعمال ٿيڻ جو خطرو پڻ رهندو آهي.

هڪ طرف غلامن جو واپار ختم ڪيو ويو ته ٻئي طرف پڙوت ڪندڙ عورتون پنهنجن مڙسن جون مارون کائيندي رهيون. ليڪن ڪراچي اڳي کان اڳري هئي. ڪراچي وڌندي رهي. ڪراچي ترقي جي راه تي گامزن رهي. شهر ۾ نوان رستا ۽ نيون بازاريون ٺاهيون ويون. ٽپال جو سرشتو جاري ڪيو ويو. گذريل صديءَ جي آخر تائين مواصلات جون نيون نيون لائنيون وڇايون ويون هيون.

سر چارلس نيپيئر 8 سيپٽمبر 1845 تي فري ميسن لاج (Free Ma-sen Lodge) جو بنياد رکيو هو. ڇهن مهينن بعد هن فاتح پهرين ڊسمبر 1847 تي سنڌ جا وڻ ڇڏي پنهنجي ملڪ روانو ٿي ويو. وڃڻ وقت ڪراچيءَ لاءِ تاريخي الفاظ چيا هئائين ته "ڪراچي تون هڪ ڏينهن مشرق جي راڻي ٿينديءَ." وقت هن جا اهي الفاظ صحيح ثابت ڪري ڏيکاريا آهن.

سر چارلس نيپيئر 1851 ۾ فوت ٿيو هو. سنڌ جي فتح جو گناه هن شخص کان ضرور ٿيو هو ليڪن حق جي ڳالهه اها آهي ته ڪراچيءَ تي سندس مهر اڄ به قائم آهي ۽ ڏسي سگهجي ٿي ۽ جنهن کي سولائيءَ سان ميساري نٿو سگهجي.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار.

شاهه

# "ڪراچي تون هڪ ڏينهن مشرق جي راڻي ٿيندين"

سنڌ جي نام نهاد فاتح چارلس نيپيئر جا 1847ع ۾
سنڌ ڇڏڻ وقت چيل الفاظ
ڇا وقت هن جا اهي الفاظ صحيح ثابت ڪري ڏيکاريا آهن؟

